# سگا شهدادڪوٽ
# جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي

## پروفيسر خالد حسين چنا

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سِگا) شاخ شهدادڪوٽ
2020ع



حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب: سگا شهدادڪوٽ
جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي
ليکڪ: پروفيسر خالد حسين چنا
ڇاپو پهريون: 2020ع
تعداد: هڪ هزار
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ: سِگا شهدادڪوٽ شاخ
ڇپيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

03005182494

ملهہ: 300 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
سِگا مرڪز ڪراچي، سِگا شاخ شهدادڪوٽ
ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي، پيٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد
ڪنول سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
سوچ ڪتاب گهر دادو، عزيز ڪتاب گهر سکر، ٿر ڪتاب گهر مٺي
تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، مهراڻ ڪتاب گهر سانگهڙ
پريتم قاضي نواب شاهه مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي

# ارپنا

سگا شهدادڪوٽ

جي بنيادي،

موجوده

۽

ايندڙ وقت جي

سيني رضاڪار ميمبرن

جي نانءِ

**پروفيسر خالد حسين چنا**



# سٽاءُ

## تاثر۽ مهاڳ


- سگا جي تاريخ جوهڪ باب ۽ بهترين دستاويز..رفيق احمد جعفري 06
- سگا شهدادڪوٽ جي تاريخ............ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ 08
- ليکڪ پاران .................................. پروفيسر خالد حسين چنا 10
- مهاڳ: محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن
  پروفيسر ”عاطف“ عبدالجبار جوڻيجو 13
- ڳنڊيين سارو ڏينهن ، چنڊ مور نہ سڪيا........ سڪندر علي ميرجت 18
- خوش اسلوبيءَ سان سگا جو ڪاروهنوار هلائيندڙ اشرف علي ڪهاوڙ 20

**※ سگا شهدادڪوٽ شاخ جو مختصر تعارف ۽ ڪارڪردگي**

1978ع کان 2020ع 23

※ سگا شاخ شهدادڪوٽ جا ساٿي سگا مرڪز ۾ 77

※ سگا مرڪز طرفان سگا شاخ شهدادڪوٽ
جي ساٿين کي مڃتا / ايوارڊ 78

- 1978ع کان 2021ع تائين عهديدارن جو تفصيل 79

**سگا شهدادڪوٽ جي ڪجھ ساٿين جي زندگي جا مختصر خاڪا**

- سگا جو ڪنوينر محترم اشرف علي ڪهاوڙ 91
- جاکوڙي ڪردار: سائين نظام الدين سومرو 94
- حقيقي سماج سڌارڪ: استاد محمد حسن پناڻ 102
- هڪ عظيم استاد: سائين الهورايو قريشي صاحب 109
- بهترين تعليمدان: استاد غلام مصطفيٰ وڏو 113
- هم فقيرون سي دوستي ڪرلو: محمد اعظم جروار 119
- هڪ جاکوڙي ڪردار: ڪيپٽن ڊاڪٽر محمد صالح شيخ 124
- سگا شهدادڪوٽ جو سرواڻ: محمد اسلم شيخ 129
- اصول پرست ۽ سنجيده انسان: ايڊووڪيٽ سردار خان چانڊيو 132
- شهدادڪوٽ جو مسيحا: ڊاڪٽر عبدالستار وڏو 135

- کاھوڙي سگائي: ھادي بخش منگي 141
- مصروف زندگي گذاريندڙ: ڊاڪٽر شاھنواز شيخ 146
- انمول انسان: پروفيسر ”عاطف“ عبدالجبار جوڻيجو 150
- استادن جو خدمتگار ۽ سماجي ورڪر: ممتاز علي پتي 154
- پيارو ساٿي: انور علي سيال 156
- سہاجھڙو سماجي ڪارڪن: محمد صديق ابڙو 158
- سگا شھدادڪوٽ جو خاموش خدمت گار: نذير احمد سومرو 160
- ساھ ۾ سانڍڻ جھڙو پيارو: پروفيسر احسان الله جمالي 161
- محبتي ماڻھو: گل حسن ڪوڪر 165
- مسلسل محنت ڪندڙ شخص: ايشور لال ناگديو 167
- بي لوث خدمتون سرانجام ڏيندڙ: محترم فدا حسين جوڻيجو 170
- عورتن جي حقن لاءِ ڪوششون ڪندڙ: ادي صنم ناز جوڻيجو 174
- محبتي ماڻھو: رشيد خانواھي 177
- يار ڪو ھم ني جا بجا ديڪا: سڪندر شيخ 179

* سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ شھدادڪوٽ بيباڪ ميمبرن 181
* سگا شاخ شھدادڪوٽ جا سھڪاري ۽ مالي معاون حضرات 183


## تاثر


- سگا جي سونھن ............................ پيرل خان ڪوسو 186
- ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھ اچي بوءِ بھار جي...عبدالرسول سومرو 188
- سگا جو متحرڪ ڪردار خالد حسين چنا ... بخش علي چانديو 196
- پروفيسر خالد حسين چنا اھو قلمي پورھيو: عبداللطيف ڪرٽيو 204
- تاريخ رقم ڪندڙ: سائين خالد حسين چنا ..... رفيق احمد سرھيو 206
- نسل لاءِ ھڪ چاڻ جو خزانو................ پروفيسر جاويد احمد انڙ 207
- سگا جي تاريخ سھيڙيندڙ خالد حسين چنا ...... عبدالحميد بلو 208
- جو سنڌ سنواري اھو جيئندو رھندو............ نور محمد سيال 212
- سگا شھدادڪوٽ شاخ جي سماجي خدمتن جو سفر. راز گل پتو 215




# تاثر

## سگا جي تاريخ جو ھڪ باب ۽ بھترين دستاويز



**رفيق احمد جعفري**

چيئرمين

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پنھنجي وطن ۾ سماج جي جاڳرتا، اوسر ۽ ملڪ ۾ ھڪ ترقي يافتہ ۽ پرامن سماج جي اڏاوت لاءِ پنھنجي وت ۽ وس آھر اڌ صديءَ کان جاکوڙ ڪري رھي آھي. سنڌ ۾ سماجي جاڳرتا ۽ اوسر جي ڪم ۾ جاکوڙ کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ، انھن جي اپٽار ڪرڻ ۽ ان پنڌ جي پانڌيئڙن مان پرائڻ ۽ پنھنجي حياتيءَ کي بامقصد بنائڻ جو شوق ۽ جستجو برحق آھي.

ڪتاب سھيڙڻ يقينن ساراھ جوڳو عمل آھي، زير نظر ڪتاب، ”سگا شھدادڪوٽ شاخ جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي“، شھداد ڪوٽ جي محترم ھستين جي سچائي، ڪم ۽ سگا جي جاکوڙي ڪردارن جي تاريخ جو ھڪ باب ۽ سنڌ جي سماجي رضاڪارن جي تاريخ جوھڪ دستاويز پڻ آھي. ھن ڪتاب ذريعي اسان جي نئين نسل، نئين

ٿهيءَ جي اديبن، شاعرن، محققن، شاگردن ۽ سماجي رضاڪار دوستن ڪي پڻ رهنمائي ملي سگهندي ۽ ان طرح هي ڪتاب يقينن ڪارگر دستاويز ثابت ٿي سگهي ٿو.

ڪتاب "سگا شهدادڪوٽ شاخ جي مختصرتاريخ"، سگا ستّ شهدادڪوٽ جي هڪ غير معمولي ۽ قيمتي تاريخ آهي. هن ڪتاب ۾ سماج سڌارڪن ۽ سماجي جاڳرتا لاءِ جاکوڙيندڙ شخصيتن ۽ انهن جي ڪيل ڪم ڪي هڪ سهڻي ترتيب ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ اسان جا پرخلوص جذبا ۽ نيڪ تمنائون، ڪتاب سهڙيندڙ پروفيسر خالد حسين چنا، سيڪريٽري جنرل سِگا مرڪز ۽ ڪتاب شايع ڪندڙ اداري سگا شهدادڪوٽ شاخ جي جاکوڙ ي ست سان شامل حال آهن.



# تاثر

## سگا شهدادڪوٽ جي تاريخ



**ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ**
باني
سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن

محترم خالد حسين چنا (سيڪريٽري جنرل سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن) جن جو تعلق شهدادڪوٽ سان آهي، ان لاڳاپي ڪي نيائڻ لاءِ پاڻ هي ڪتاب مرتب ڪيو اٿن. شهدادڪوٽ هن وقت ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ آهي.

1972ع ۾ جڏهن اسان سگا جو ڪم شروع ڪيو ته اهو شهر لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هو ۽ لاڙڪاڻي کان شهدادڪوٽ پهچڻ لاءِ 45 منٽن جو رستو گهٽ ۾ گهٽ 3 ڪلاڪ وٺندو هو. ان وقت جي ساٿين ۾ نظام الدين سومرو ۽ محمد حسن پناڻ بيحد عزت ڀريا نالا آهن.

نظاميه نائيٽ اسڪول جيڪو هڪ دڪان جي ڪوٺي تي قائم هو، اهو پورهيتن لاءِ رات جو تعليم جا ڏيئا روشن ڪندو هو. سگا جي روشني پڻ اُن مرڪز مان ڦهلي، جتي محمد حسن پناڻ هڪ پورهيت پڙهي گريجوئيٽ ٿيو ۽ سگا شهدادڪوٽ جو جنرل سيڪريٽري بڻيو. اهو اسان

لاءِ وڏو اعزاز هو تہ محمد حسن پنهنجو لوهارڪو هنر جاري رکيو. جيڪو پنهنجي مقصد سان سچائي جو هڪ اعليٰ مثال آهي.

سائين نظام الدين سومرو ان وقت نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ هر موڪل تي ڪشالا ڪري سگا جي متن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڳوٺ پهچندو هو. نظام الدين سومرو اڳتي هلي سگا جو وائيس چيئرمين ٿيو. ان دوران بہ هو گڏجاڻين ۾ باقائدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو. وسيلن جي کوٽ هئي ان ڪري عهديدارن کي ڪا بہ سهولت ميسر نہ هئي، پنهنجي خرچ سان هو ڪراچي پهچندو هو ۽ رات آفيس جي ٽيبلن تي سمهي گذاريندو هو. اهڙا پُرخُلوص ساٿي ئي هن جماعت جو ورثو آهن. انهن ساٿين جي قربانين ڪري اڄ بہ سگا روان دوان آهي، ۽ اُن کي ڪوبہ نقصان پهچائي نہ ٿو سگهي. پُرخُلوص ساٿي هن ساٿ جي حفاظت ڪندا.

نظام الدين صاحب جون ڪيئي يادگيريون هينئر دل تي تري آيون آهن. پر اُهي جُدا مضمون ۾ لکبيون جي حياتي وفا ڪئي.

منهنجو شهدادڪوٽ سان ازل جو رشتو آهي. 1959ع ۾ جڏهن آئون گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد ۾ داخل ٿيس تہ هاسٽل ۾ منهنجا 3 ساٿي هيا، جن ۾ هڪ شهدادڪوٽ جو محمد صالح شيخ هيو، جيڪو شهدادڪوٽ جو مشهور ڊاڪٽر آهي. ۽ وڏي رتبي وارو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي والد صاحب سان ان دوران ملاقات ٿي ۽ پوءِ منهنجو شهدادڪوٽ اچڻ وڃڻ جو رستو ٿيو. ان ريت سگا جي سنگت سان نينهن جو ناتو جڙيو.

خالد چنا صاحب جن کي مبارڪ باد جو هي ڪتاب مرتب ڪري هن سگا جي تاريخ جو سلسلو جوڙيو آهي. ٻين ساٿين کي بہ ان ريت قلم کڻڻ کپي.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت



## ليڪ پاران

### پروفيسر خالد حسين چنا

مون لاءِ اها انتهائي خوشي ۽ اعزاز جي ڳالهہ آهي تہ منهنجو تعلق سونهاري سنڌ جي مرد خير متي سان آهي. سنڌ جيڪا عالمي امن ۽ اخوت جي ڌرتي آهي، سا خدمت جي جذبي سان پڻ سرشار آهي. سنڌ گريجوئٽس اسوسيئيشن (سِگا) جو تعلق بہ سنڌ سان ئي آهي. هي ايشيا جي تنظيم ۽ هڪ وڏي سماجي تنظيم آهي، ڪيس اهو عزاز حاصل آهي تہ اشيا کنڊ ۾ جيڪي سماجي تنظيمون آهن. انهن جي ڀيٽ ۾ سندس رضاڪارن جو تعداد وڌيڪ آهي ۽ سندس رضاڪار لطيف سائين جي ان سبق تي يقين رکن ٿا تہ:_

تتي ٿڌي ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي.

سگا جا ساٿي رضاڪار هر ڏکي سکيءَ ويل ۾ بنا رنگ نسل ۽ مذهبي فرق جي خدمت جي عمل سان سرشار آهن. سگا جو هڪ تصور سنڌ ۾ پر امن ترقي يافتہ سماج اڏڻ آهي. جنهن لاءِ سندس هر ورڪر ڏينهن رات پنهجي وت ۽ وس آهر ڪوشان آهي ۽ انشاءَالله هڪ ڏينهن اهو خواب ساپيان ماٽيندو. آءٌ جڏهن سگا جو ميمبر ٿيس تہ پوءِ احساس ٿيو تہ رضاڪار جو ڪم ڪيترو اوکو آهي. بحرحال مون بہ پنهنجي ساٿين سان گڏجي ڪم شروع ڪيو. هڪ عام ميمبر کان سفرجي شروعات ڪئي ۽ پوءِ سگا شاخ شهدادڪوٽ جو صدر، جنرل سيڪريٽري، ان بعد سگا مرڪز ۾ تعليم جو سيڪريٽري ۽ ميمبر سي اي سي لاءِ چونڊيو ويس ۽ هن وقت ان عظيم اداري (سِگا) جو مرڪزي چونڊيل سيڪريٽري جنرل آهيان. مون اخلاقي فرض سمجهيو تہ آئون جيڪو ڪجهہ آهيان پنهنجي شهر شهدادڪوٽ جي شاخ جي دوستن جي ڪري آهيان. مون کي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ يادگار ۽ خاص پنهنجي شاخ لاءِ ڪرڻ گهرجي. پوءِ هن ڪتاب جي صورت ۾ ساٿين سان محبت جو اظهار ۽ شڪرگذاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد تہ هي ننڍڙي ڪوشش قبول پوندي.

جڏهن سگا شاخ شهدادڪوٽ جو جنرل سيڪريٽري هيس ۽ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو ان وقت صدر هو. ان وقت سگا شاخ شهدادڪوٽ جي حوالي سان ڪم ڪار جي منصوبہ بندي ڪندي سائين عبدالجبار جوڻيجي هڪ راءِ ڏني تہ جيڪر سگا شاخ شهدادڪوٽ جي تاريخ مرتب ڪجي. پر ان وقت اهو ڪم اسان لاءِ انتهائي اٽانگو هو. اهو هڪ خواب مثل هو، ڇاڪاڻ تہ 1978ع کان لڳ ڀڳ 42 سالن جي سگا شهدادڪوٽ شاخ جي تاريخ سهيڙڻ لاءِ ڪو رڪارڊ هڪ هنڌ ڪو نہ هو. وقت گذرندو ويو پر اهو ڪم ذهن ۾ هئو. الله رب العزت جا لک احسان جو اهو ڪم هينئر تڪميل تي پهچي پيو. مون ٽڪرا ٽڪرا گڏ ڪري هتان هُتان مواد ڪٺي ڪري هن ڪتاب جي صورت ۾ آندو آهي. هي ڪم تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي، جڏهن منهنجي محسن سگا جي سينيئر ساٿين ۽ شهدادڪوٽ سگا برانچ جي ساٿين ساٿ نڀايو.

آءٌ سگا جي بانيڪار سائين ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب، موجوده چيئرمين سگا مرڪز محترم رفيق احمد جعفري صاحب، سگا مرڪز وائيس چيئرمين پيرل خان ڪوسي صاحب، سگا جي اڳوڻي وائيس چيئرمين عبدالرسول سومري صاحب، ڊپٽي سيڪريٽري جنرل جاويد احمد انڙ صاحب، سيڪريٽري ماليات نور محمد سيال صاحب، سيڪريٽري اطلاعات عبداللطيف ڪرٽيي صاحب، سيڪريٽري صحت رفيق احمد سرهيي صاحب، سيڪريٽري تعليم عبدالحميد ٻُلو صاحب، سيڪريٽري ثقافت ”راز“ علي گُل پٽي صاحب، پروفيسر بخش علي چانڊيي صاحب (ڪنوينر ڊاڪٽر سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر) ادي صنم ناز جوڻيجو صاحبہ ۽ ٻين مرڪز جي ساٿين، اڳواڻن جو انتهائي شڪرگذار آهيان، جن جي قيمتي راين منهنجي رهنمائي ڪئي. ان سان گڏوگڏ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي اڳوڻي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي ۽ پروفيسر فدا حسين جوڻيجي جو تہ دل سان شڪرگذار آهيان، جن منهنجي هن قلمي پورهيي ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساٿ نڀايو. ڪتاب



جي پوري مواد جي ڇنڊڇاڻ، ان تي نظرثانيءَ ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي رهيا. مون کي ان ڳالهہ جو احساس ڪرائيندو رهيو، مون کي ان چوڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ محسوس ڪونہ ٿي ٿئي تہ جيڪڏهن سندن ساٿ نہ هجي ها تہ آءٌ هي ڪتاب مڪمل ڪري نہ سگهان ها. هن ڪم ۾ جن ٻين ساٿين سهڪار ڪيو آءٌ انهن کي پڻ وساري نٿو سگهان. انهن ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جا ساٿي پروفيسر رشيد خانواهي، انورعلي سيال (صدر)، پروفيسر فداحسين جوڻيجو (جنرل سيڪريٽري)، حق نواز سومرو (نائب صدر)، پروفيسر طارق حسين خشڪ (جوئنٽ سيڪريٽري)، سليم اختر لاشاري (فنانس سيڪريٽري)، ميان فيروزالدين ميکڻ (پريس سيڪريٽري)، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، ڊاڪٽر عبدالستار وڌو، نذير احمد سومرو، سڪندر علي ميرجت، اظهر علي سيال، هادي بخش منگي، پروفيسر افتخار حسين سومرو، پروفيسر احسان الله جمالي، سنيل ڪمار ڇاٻڙيا، عبدالوحيد پٽي، سيٺ قمرالدين شيخ، مير غيبي خان مغيري، رئيس عبدالڪريم چانڊيو، عبدالحنان شيخ ۽ ٻيا شامل آهن. انهن سڀني سگائي ساٿين ۽ دوستن جو احسانمند آهيان جن مختلف طريقن سان پال پلايا.

پياري دوست پروفيسر ممتاز علي ڪوڪر صاحب جو بہ نهايت شڪر گذار آهيان جو هن مون تي لکيو. محترم امام علي ڏيٿو جنرل مئنيجر سِگا ۽ پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا قرب ۽ احسان جو هن ڪتاب شايع ڪرڻ ۾ هر ممڪن مدد ڪئي. آخر ۾ ڪارئين لاءِ هڪ گذارش تہ ڪتاب ۾ شامل مواد جي ڪافي حد تائين ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي، پر ان هوندي هي هڪ شروعاتي ۽ تحقيقي ڪم آهي، جنهن ۾ هر وقت تبديلي ۽ نئين تحقيق جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪا اٽاٽ ۽ ڪمي ڪوتاهي نظر اچي تہ ان جي نشاندهي ڪري لکت ۾ مون ڏانهن عنايت ڪندا تہ جيئن ٻئي ڇاپي ۾ اوهان جي نالي ۽ ٿورن سان ان کي سنواري ۽ سڌاري پيش ڪري سگهجي.

اوهان جي اصلاحي راءِ جو منتظر

03337501969_ 03030241969

khalidchanna69@gmail.com

**مهاڳ:**

# محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن

## پروفيسر ”عاطف“ عبدالجبار جوڻيجو

سڀ تعريفون ان مالڪ کي جڳائن جيڪو خالقِ ڪل ڪائنات آهي. ڪروڙين درود ۽ سلام ان عظيم هستي ۽ سندس آلِ اطهر تي جنهن جي صدقي هي ڪائنات جوڙي وئي.

انساني ڪيفيتون بہ عجيب ٿين ٿيون جو ڪڏهن درياهہ بادشاهہ جيئان من موجن ۾ تہ ڪڏهن وري ماٺار ۾. سو آءٌ بہ انسان آهيان ۽ ان ناتي مان بہ انهن ئي ڪيفيتن مان گذريو آهيان. مون لاءِ هيءُ پرمسرت موقعو آهي، جو اڄ هڪ حقيقت کي قلم جي نوڪ هيٺ آڻيان ٿو. اها 2009ع جي ڳالهہ آهي جڏهن آءٌ پهريون ڀيرو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جو صدر ۽ پروفيسر خالد حسين چنا (هن ڪتاب جو ليکڪ) جنرل سيڪريٽري سگا شاخ شهدادڪوٽ چونڊيا وياسين. سڀ کان پهريائين پاڻ گڏ ويهي، سگا جي ڪم ڪارين بابت منصوبابندي تي غور ويچار ڪيوسين. ڪيس راءِ ڏيندي چيم: ”يار سگا شاخ شهدادڪوٽ جو ڳاڻيٽو انهن شاخن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي شروعاتي دور ۾ قائم ٿيون ۽ اسان جي سينيئر ساٿين پنهنجو پگهر وهائي ۽ رَت سَت ڏئي هي ذميواري توهان ۽ اسان تائين پهچائي آهي. جيڪر ان جي تاريخي سفر کي قلمبند ڪجي، تہ جيئن شهدادڪوٽ جي تاريخ جو هي پاسو بہ تاريخ جو حصو بڻجي وڃي.“ خالد صاحب وراڻيو تہ ”ڳالهہ تہ وزنائتي ۽ پلي پر ان جو گهربل مواد ڪٿان هٿ ڪجي؟“ چيومانس تہ ڪوشش ڪري ٿا ڏسون. پوءِ اِها ڪوشش جاري رکي سين (جيتوڻيڪ آءٌ لڳاتار ٽي ٽينيوئر يعني نَوَ سال صدر رهيس ۽ پهرئين ٽن سالن کانپوءِ خالد چنہ وڃي سگا مرڪز ۾ سيڪريٽري تعليم ۽ بعد ۾ ميمبر سِي اِي



سِي جون ذميواريون سنڀاليون) پر اهو ڪم پايہ تڪميل تائين ڪونہ پهچائي سگهياسين. چاڪاڻ تہ هن ڊگهي زنجير جون ڪڙيون هنڌان هنڌان ٽٽل ۽ غائب ٿيل هيون. سينيئر ساٿين کان انهن ڪڙين کي هٿ ڪرڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون ويون پر پوءِ بہ هي ٽٽل زنجير جڙي نہ سگهيو. تان تہ اچي خير سان سگا مرڪز جي سال 2019ع جي اليڪشن کان پوءِ خوشقسمتي سان اسان جي شاخ شهدادڪوٽ جو ڪاهوڙي جوان خالد چنا سگا مرڪز جو سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي چونڊجي آيو. تڏهن دل ۾ وري لطيف سائين جي هن سبق جي ياد گونجڻ لڳي:-

”ڪرڪٽا لاهي سک نہ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.“

سو هڪ ڀيري ڪنهن پروگرام (شايد سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان مهراڻ ٽي وي جي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي رپوٽر مرحوم ضمير ڪرل جي ياد ۾ تعزيتي ڪيڙاڪو هو) ۾ گڏ ويٺا هئاسون، تہ ڪيس ماضي جي خواب جي ساڀيان لاءِ يادگيري ڪرايم، تہ جهٽ پٽ ۾ وراڻيائين تہ سائين سگا مرڪز جي سموري رڪارڊ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرايان پيو ڪجهہ مواد سگا شاخ شهدادڪوٽ جو بہ هٿ ٿيو آهي. هاڻي شاخ جي ساٿين کي تحرڪ ۾ آڻ تہ ان ڪم کي پايہ تڪميل تي ٿا پهچايون. بس ان کان پوءِ شاخ جي صدر انور علي سيال ۽ خصوصاً جنرل سيڪريٽري برادرم پروفيسر فدا حسين جوڻيجي کي گوش گذار ڪيم، جن وري شاخ جي ساٿين سان تڪڙا تڪڙا رابطا ڪري سگا شاخ شهدادڪوٽ جي ماضي بابت ڪجهہ گهربل مواد هٿ ڪري هنگامي بنيادن تي خالد چنا تائين پهچائڻ ۾ لڳي ويا. ان جي موٽ ۾ خالد چنا مليل مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري مون سان حال اوريندو ۽ ٿيل ڪم جي رفتار بابت آگاهي ڏيندو رهيو.

ڪروڙين ڪرم ڪريم جا جنهن خالد چنا جهڙي مصروف ترين ماڻهو جي هٿان هن تاريخي ڪم کي پايہ تڪميل تائين پهچرايو. ڇوتہ آءٌ سمجهان ٿو تہ ڇوڻ تمام سولو ڪم آهي پر ان جي تڪميل تمام اوکي آهي. جيڪو ڪم اسان ڪان ڏهن سالن تائين نہ ٿي سگهيو اهو ڪم هن جفا ڪش ۽ اورچ انسان 4_5 مهينن ۾ پورو ڪري سچ تہ اسان سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين تي احسان ڪري ۽ شهدادڪوٽ جي تاريخ ۾ هن باب کي محفوظ ڪري اجاگر ڪري ڇڏيو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ خالد چنا جي هي ڪاوش پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ان خواهش جي هڪ باب جو سدباب آهي، جنهن ۾ هنن، سنڌ جي نوجوانن کي اپيل ڪئي هئي تہ پنهنجي پنهنجي علائقن جي تاريخ لکو تہ جيئن سنڌ جي جامع تاريخ جڙي سگهي.

ڪنهن علائقي جي مڪمل تاريخ لکڻ تمام وڏو ۽ ڏکيو ڪم آهي، ڪوبہ فرد ڪيتري بہ ڪوشش وٺي پر پوءِ بہ ڪوتاهي جو انديشو رهي ٿو. پر سياڻن سچ چيو آهي تہ جهجهن ڪنئين ڇپر ڪچي جي مصدق، پلا پاڳ آهن شهدادڪوٽ واسين جا، جو هن اوکي ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪافي ساٿين جتن ڪيا، جن ساٿين پهريان قدم ڪنيان انهن ۾ پروفيسر سيد گل محمد شاهہ بخاري (جو ڪتاب ”شهدادڪوٽ جو علمي جائزو“ ڇاپو جنوري 1992ع ۽ سندس ٻيو ڪتاب ”شهدادڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر“ ڇاپو 2000ع) سرفهرست آهن. شاهہ صاحب پنهنجي ڪتابن ۾ فقط شهدادڪوٽ جي علمي ۽ ادبي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو آهي. ان ڪان پوءِ محمد اسلم شيخ قدم اڳتي وڌائيندي جون 1992ع ۾ ”شاداب شهدادڪوٽ“ جي عنوان سان ڪتاب شايع ڪرايو. جنهن ۾ شيخ صاحب شهدادڪوٽ جي جاگرافيائي تاريخ سان گڏوگڏ علمي، ادبي،



سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ڪنهن حد تائين اقتصادي تاريخ کي قلمبند ڪيو پر تمام مختصر انداز ۾. ان بعد ڪامريڊ ولي محمد منگٽهار سيپٽمبر 2007ع ۾ ”ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي مختصر سياسي جائزو“ جي نالي سان ڪتاب لکي شايع ڪرايو. جنهن ۾ گهٽو ٿٽو بحث شهدادڪوٽ جي سياست تي ٿيل آهي. هينئر سگا شاخ شهدادڪوٽ جي مختصر پر جامع انداز ۾ سماجي تاريخ لکڻ جو شرف خالد چنا کي حاصل ٿيو آهي. مٿي ذڪر ڪيل سڀئي ڪتاب ملي ڪري هن علائقي (شهدادڪوٽ) جي ڪلي تاريخ کي اجاگر ڪن ٿا.

اها ڳالهہ واضح ۽ صاف هئڻ گهرجي تہ تحقيق هڪ اڻ ڪٽ علم ۽ وسيع ميدان آهي، جنهن ۾ هڪ محقق ۽ جاڪوڙي ماڻهو نت نيون شيون ظاهر ڪري پيش ڪري ٿو. اهو سلسلو اڳئين علم ۽ تحقيق کي ائين جلا بخشي ٿو جيئن هڪ ڏيئي مان ٻيو ڏيئو روشن ٿئي ٿو. پر ٻيو ڏيئو پهرئين ڏيئي جي روشني قطعاً گهٽائي نٿو سگهي ۽ هو پهرئين ڏيئي ڪان مدد حاصل ڪري پنهنجي روشني جو سفر جاري رکي ٿو. ائين ئي علمي سفر جو بنياد بہ پهرئين ئي معلومات تي هوندو آهي ۽ پهرئين يعني بنيادي معلومات ڪڏهن بہ ناڪاره ڪونہ هوندي آهي. تحقيق ۾ بہ ان کي ئي بنياد بڻائي نئين تحقيق کي اڳتي وڌائي نت نئين معلومات قارئينِ ڪرام تائين پهچائي سگهجي ٿي. ائين ئي مون کي پڪ اميد آهي تہ خالد چنا جي هن مختصر مگر جامع سگا شاخ شهدادڪوٽ جي تاريخ کي ڪو ٻيو دانشور ساٿي نئين تحقيق سان اڳتي وڌائيندو، ڇاڪاڻ تہ تحقيق ۾ ڪابہ ڳالهہ حرف آخر ڪونہ هوندي آهي.

هي ڪتاب سگا شاخ شهدادڪوٽ جي 42 سالن (يعني 1978ع ڪان 2020ع تائين) جي سفر جي مختصر تاريخ بہ آهي تہ وري ان جي ڪارڪنن، سهڪاري ساٿين ۽ گهڻ گهرن جي سماجي خدمتن جو

دستاويز پڻ. هي ڪتاب جهڙو بہ آهي جيئن بہ آهي، پنهنجي خوبين ۽ خامين سميت اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهي. هي ڪتاب مستقبل ۾ ڪيتري اهمت ۽ افاديت جو حامل بڻجي سگهي ٿو يا ڪيترو ڪارائتو ۽ لاڀائتو ثابت ٿئي، ان جو فيصلو اوهان پڙهندڙن ۽ وقت جي تاريخدانن کي ئي ڪرڻو آهي، پر آءٌ ايتري چوڻ جو ضرور حق رکان ٿو تہ ”هن ڪتاب جي شايع ٿي منظر عام تي اچڻ کان پوءِ اها قوي اميد ڪري سگهجي ٿي تہ ايندڙ وقت ۾ نوجوان نسل کي فلاحي ۽ سماجي خدمت سرانجام ڏيڻ ۾ هي ڪتاب ضرور رهنمائي فراهم ڪندو ۽ پڻ اتساهہ جو سبب بڻبو.“

18 جولاءِ 2020ع
مهراڻ لائبريري
ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجو
شهدادڪوٽ



# ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سڪيا

## سڪندر علي ميرجت

جديد دور ۾ جڏهن کان انٽرنيٽ وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان سوشل ميڊيا ۽ عام ڪچهرين ۾ هي بحث عام ٿي پيو آهي تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي اچڻ کان پوءِ ڪتاب جي ڪهڙي ضرورت؟ سندن دليل آهي تہ دنيا جو هر ادب اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي منٽن جي اندر اسان جي اڳيان اچيو وڃي. اها بلڪل حقيقت آهي تہ منٽن ۾ اليڪٽرانڪ جي وسيلي سان دنيا جي ادب تائين رسائي تہ ڪري سگهجي ٿي پر ڪتاب جي اهميت ۽ ضرورت کي گهٽائي نٿو سگهجي. منهنجي سمجهہ مطابق جڏهن کان انهن (اليڪٽرڪ جي اوزارن) جو وجود آيو آهي تڏهن کان ڪتابن جي ڇپائي ۽ مارڪيٽنگ ۾ پڻ اضافيو ٿيو آهي ۽ ڪتاب جي پڙهائي ۾ بہ. ڇاڪاڻ تہ ڪتاب هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. انڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪتاب جي اهميت هڪ مسلم حقيقت آهي. شايد ان خيال کي نظر ۾ رکندي اسان جي پرين پياري پروفيسر خالد حسين چنا پڻ هي ڪتاب لکيو آهي.

خالد صاحب جو ننڍ پڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ سان چاهہ رهيو آهي. شايد ان ڪري ئي مالڪ مهربان سندس لاءِ استادي پيشي جي چونڊ ڪئي ۽ ان پيشي سان هو چڱيءَ ريت نڀائيندو پيو اچي. استاد جيئن تہ سماج سڌارڪ هوندو آهي، انڪري هن يار ان ڪرت کي بہ وساريو ڪونہ آهي ۽ سندس اهو سفر جاري و ساري آهي. هن وقت هن خطي جي عظيم اداري سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي پر بنيادي ميمبر اسان جي شاخ شهدادڪوٽ جو آهي. ان جي انس جي سبب زندگيءَ جو پهريون ڪتاب بہ ان شاخ جي تاريخ تي لکيو اٿائين.

خالد صاحب هن ڪتاب ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي شروعات 1978ع کان 2020ع تائين جي سڀني عهديدارن جي رڪارڊ کي

محفوظ ڪيو آهي. انهن عهديدارن ۽ سڄڻن ڪي ساري ڪيترائي سڳائي ۽ ٻيا ساٿي پنهنجي ماضي جي يادن کي تازو ڪري روحاني سڪون حاصل ڪندا. ان کان علاوه ڪوشش ڪري شروعاتي دور کان وٺي موجوده باڊي جي صدر، جنرل سيڪريٽرين ۽ ڪجهه سڳا جي ڪاهوڙي ساٿين جا خاڪا سندن خدمتن سان گڏ بيان ڪيا آهن. يقينن اهي سڀ ساٿي اسان جي سماجي سفر جا سونهان آهن.

هن ڪتاب ۾ سڳا شاخ شهدادڪوٽ جي قيام کان وٺي 2020ع تائين ڪارڪردگي جو مختصر تاريخي جائزو ڏنو ويو آهي ۽ ڪنهن حد تائين سڳا مرڪزجي بنيادي تاريخ کي بہ قلم جي نوڪ هيٺ آندو آهي. سڳا سماجي ڪيتر ۾ هڪ تبديلي جو نالو آهي. جنهن قومي جاڳرتا ۽ سماجي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙي تنظيم جي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ منهنجي سمجهہ ۾ قومي فرض ادا ڪرڻ کان گهٽ ڪونهي. ان تنظيم جي هڪ شاخ شهدادڪوٽ بہ آهي. جنهن جي ساٿي پروفيسر خالد حسين چنا ڪوشش ڪري ان جي رڪارڊ کي لکت ۾ يڪجاءِ ڪري توهان ۽ اسان تائين پهچائي جڻ پنهنجي حصي کان وڌيڪ ڪم سرانجام ڏنو آهي، جيڪو سڳا شهدادڪوٽ جي ساٿين تي احسان آهي ۽ هي ڪم اسان سڀني لاءِ فخر جو باعث بڻبو. ان سان گڏوگڏ سڳا شاخ شهدادڪوٽ جي هيءَ مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي اميد آهي تہ اسان جي معاشري ۾ سماجي ڪم ڪرڻ لاءِ اتساھ پيدا ڪندي.

آخر ۾ خالد صاحب لاءِ دعا تہ سندس هي قلمي پورهيو اعليٰ مقام حاصل ڪري ۽ سندس قلم ۾ رب پاڪ جنبش پيدا ڪري جنهن سان عوام الناس کي فائدو رسي. آمين

08 آگسٽ 2020ع

ڊپٽي سيڪريٽري

بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو



## خوش اسلوبيءَ سان سڳا جو ڪاروهنوار هلائيندڙ

### اشرف علي کهاوڙ

1978ع جي ڳالھ آهي مان سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم اي اڪنامڪس (آنرز) جو امتحان پاس ڪيو ۽ آخري الوداع جا ڏينهن هئا ڪجهہ سامان هاسٽل مان ۽ ڪپڙا ڌوٻي کان کڻي ڪجهہ ڏينهن اندر يونيورسٽي مان ڳوٺ وڃڻ وارو هيس تہ پروفيسر اعجاز قريشي صاحب جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسان جو اُستاد هيو ان مون کي دعوت ڏني تہ حيدرآباد ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن جو ڪنوونيشن ٿي رهيو آهي توهان بہ ان ۾ شريڪ ٿيو بلڪہ توهان هاڻي ڳوٺ وڃي سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن جي شاخ کوليو ۽ مون کي هڪ درخواست لکي ڏيو تہ مان توهان کي اُتي جي نئين شاخ جو ڪنوينر مقرر ڪرايان. سائين اعجاز قريشي صاحب پاڻ ان وقت سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن حيدرآباد شاخ جا صدر هيا مان انهن جي هڪ پروگرام ۾ جيڪو سنڌ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ ٿيو، شريڪ ٿي چڪو هيس، پروفيسر اعجاز قريشي صاحب نہ صرف شاگردن جي دلين تي حڪومت ڪندو هو پر هو ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ بہ هو، تنهن ڪري ڪيس انڪار ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نہ پيو ٿئي سو مون کي خصوصي دعوت ملڻ کان پوءِ جيڪو مرڪزي ڪنووينشن علي بابا هوٽل ۾ گاڏي کاتي ٿي رهيو هو جنهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جي مختلف شاخن مان آيل ساٿي بہ اتي اچي پهتا ۽ مون بہ شريڪ ٿيڻ جو شرف حاصل ڪيو، ان وقت سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جو مرڪزي صدر ڊاڪٽر شريف ميمڻ ۽ سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر سليمان شيخ هئا. ڪارروائي ڪاموڪي اسٽائيل ۾ پروقار طريقي سان هلي رهي هئي جنهن مان سڀئي شريڪ محفل لطف اندوز ٿي رهيا هيا ۽ مون کي بہ ڏاڍو مزو آيو. جڏهن هڪ اسم نيون شاخن کولڻ لاءِ ڪنوينر مقرر ڪرڻ جو ائٽم آيو تہ ان ۾ منهنجو نالو بہ کنيو ويو تہ اشرف

علي کهاوڙ کي شهدادڪوٽ شاخ ڪولڻ لاءِ ڪنوينر نامزد ڪجي ٿو ۽ اهڙو ليٽر منهنجي حوالي ڪيو ويو تہ مون کي انتهائي گهڻي خوشي ٿي شاگردي جو دور ڇڙواڳيءَ جو دور هو هي ٻيو سنجيدگيءَ وارو دور شروع ٿي ويو. ڪنووينشن ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ رات جو مان وچي هاسٽل ۾ آرام ڪري صبح جو سامان کڻي سنڌ يونيورسٽي اسٽيشن تان لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ وٺي ڳوٺ لاءِ روانو ٿيس، انهيءَ وقت بسن جي سواري بہ گهٽ هوندي هئي ۽ سيل فون بہ ڪونہ هئا. اڪثر ڪري ٽرين ذريعي سفر ٿيندو هو ريل ڪار ۽ بولان ميل لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ مشهور ٽرينون هونديون هيون.

ڳالهہ آهي سگا جي شاخ ڪولڻ جي جيڪو مون لاءِ آسان نہ هيو پر چاڪاڻ تہ منهنجي والد صاحب خان صاحب امداد حسين خان جيڪي بنيادي خاندان سان تعلق رکندا هئا ۽ سياست ۾ سندن نالو هيو تنهن ڪري مون کي تڪليف محسوس ڪونہ ٿي، وڏي ڳالهہ اها ٿئي ٿي جنهن منهنجو حوصلو ۽ همٿ ڏني اُها اِها هئي تہ محترم دولت رام ولد چوهڙ مل، محمد پناهہ کهاوڙ، سردار خان چانڊيو، پير بخش پٽي، الطاف حسين قادري، اعظم جروار، نادر شيخ، لياقت علي شيخ، سائين محمد اسلم شيخ صاحب جيڪو ان وقت وڪيل هو اهي سڀ منهنجا گهرا دوست هئا. تنهن ڪري مون کي ڪابہ تڪليف ڪونہ ٿي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جي برانچ ڪولڻ جو حقيقن سِهرو محترم دولت رام جي سر آهي جيتوڻيڪ نالي ۾ ڪنوينر مان هيس پر حقيقت ۾ دولت رام هو جيڪو پوءِ وچي انڪم ٽيڪس ۾ ملازم ٿيو هو مون سان ڏينهن رات گڏ هو، اسان سڀ کان پهرين سائين الهواريو قريشي سان ملاقات ڪئي، ڪيس سگا جا مول متا ٻڌايا، پاڻ خوشيءَ سان ميمبر ٿيڻ قبول ڪيو نہ صرف پاڻ پر سندس جا ڪيترائي دوست الهورائي قريشي مرحوم سان گڏ جهڙوڪ نظام الدين سومرو مرحوم اتي نيشنل بئنڪ ۾ مئنيجر هئا. پاڻ ميمبر ٿيڻ وقت انتهائي خوشيءَ جو اظهار ڪيائون اهڙي طرح محمد اسلم شيخ جيڪو



منهنجو بہ دوست آهي تنهن ڪري آئون ڪين پنهنجي والد صاحب جهڙو درجو ڏيندو آهيان پر اها سندن وڏ ماڻهپو ۽ ڪرم نوازي آهي جو پاڻ مون کي حد کان وڌيڪ عزت ڏيندا آهن ۽ مون کي اڳ ۾ ملڻ جو چوندا آهن پر آئون احترامن پنيان هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان اهڙي طرح ٻيا ساٿي نادر علي شيخ، لياقت علي شيخ، عبدالستار قاضي جيڪو ايمبرائيڊري جو ماستر هيو اهڙي طرح اسڪور پنجويهين ڪان ٽپي ويو پر جيئن تہ شروعاتي ميمبر 25 ٿي ڪري مرڪز ڏانهن اماڻڻا هيا اهي پورا ڪري پوءِ اسان نظاميہ نائيٽ اسڪول جيڪو مرحوم نظام الدين سومري صاحب جو هو ان ۾ مون ان وقت جي ايس ڊي ايم شهدادڪوٽ خواجا محمد جعفري کي مدعو ڪيو جنهن خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ هڪ گڏجاڻي رکي عهديدار چونڊيا ويا. گڏيل راءِ سان سائين الهواريو قريشي صدر ۽ عبدالستار قاضي ۽ جملي ٻيا عهديدار چونڊي پندرنهن ماڻهن جي BMC يا شاخ جي ڪاروباري ڪاميٽي جي چونڊ ڪري ايس ڊي ايم صاحب خواجا محمد جعفري کان حلف کڻايو ويو ۽ اهڙي طرح سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن شهدادڪوٽ شاخ قائم ٿي وئي. خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اها شاخ اڄ بہ قائم دائم آهي ۽ هلندي پئي اچي، اها فخر جي ڳالهہ آهي تہ ان شاخ مان اڄ اهم ذميواري جي پوسٽ سيڪريٽري جنرل محترم خالد حسين چنا جيڪو چونڊيل آهي ۽ خوش اصلوبي ۽ بردباريءَ سان ڪاروهنوار هلائي رهيو آهي. ان ڪان علاوه محمد اسلم شيخ صاحب پاڻ جج ۽ قانون جا سيڪريٽري سنڌ حڪومت جا ميمبر آهن ۽ ڪراچي شاخ سگا جا لائيف ميمبر آهن ۽ مرڪزي سگا جا چيف اليڪشن ڪمشنر آهن پاڻ ٽن سالن کان خوش اصلوبي سان چونڊ ڪرائي نالو ڪڍيو اٿائون . مون کي انتهائي گهڻي خوشي ٿي آهي جو محترم خالد حسين چنا صاحب شهدادڪوٽ شاخ جي تاريخ لکڻ وقت مون کي بہ ياد ڪيو آهي. آئون سندس لاءِ تهہ دل جو شڪر گذار آهيان.

# سگا شهدادڪوٽ شاخ جو مختصر تعارف ۽ ڪارڪردگي

## 1978ع ڪان 2000ع تائين

عام چوڻي آهي ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، ستر جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تحرڪ عروج تي هو ۽ سنڌ جي جهر جهنگ ۽ وستي واهڻ ۾ پنهنجي ماڻهن ۽ علائقن جي بهتريءَ لاءِ مجموعي طور تي ڪوششون جاري هيون. مختلف سياسي، سماجي پليٽ فارم ڪم ڪندڙ هئا. ڪي ننڍي ڳوٺ ۽ شهر تائين محدود هئا، ته ڪي وري سڄي سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي خدمت ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا هئا.

شهدادڪوٽ سنڌ بلوچستان جي بارڊر تي هڪ اهم شهر آهي. جنهن ڪي آس پاس جي تمام گهڻي ڀراڙي آهي، اُن ڪري ڪافي مصروف شهر رهيو آهي. شهدادڪوٽ جي باشعور پڙهيل لکيل نوڪرين ڪندڙ ساٿين ۾ سنڌ جي ٻين علائقن وانگر هتي به پنهنجي هڙان وڙان غريبن ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي خدمت جو جذبو شروع کان وٺي هلندو ٿو اچي.

شاگرد سياست جو سرگرم ڪارڪن ۽ ڪاهوڙي وطن پرست شخصيت جناب اشرف کهاوڙ ڪوشش وٺي شهدادڪوٽ جي چند ساٿين سان گڏجاڻيون ڪيون ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جو تعارف ڪرايو. اشرف کهاوڙ صاحب شهدادڪوٽ جي ساٿين کي ٻڌايو ته سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئشن نالي هڪڙي سماجي ڀلائي واري تنظيم آهي جيڪا بنا ڪنهن مذهبي ۽ سياسي فرق جي خدمت ڪري ٿي. هن ساٿين کي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ ٻين سگا جي مرڪزي اڳواڻن بابت آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته سگا جو مقصد ماڻهن کي شعور ڏيڻ آهي ته جيئن اهي تعليم ۽ صحت جا مسئلا بهتر طريقي سان حل ڪري سگهن. سگا جو مقصد ٻيو ڪجهه به نه آهي، سگا ترقي يافته، پر امن سنڌ ڏسڻ



چاهي ٿي. ان ڪري سنڌ جا ڪجهه سڄاڻ دوست گڏجي ڪيئي سالن کان وٺي گڏجاڻيون ڪندا رهيا، 1971ع ڌاري ڪيفي نيويارڪ صدر ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، شمشير الحيدري ۽ ٻين ساٿين جي گڏيل صلاحن سان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن وجود ۾ آئي. ۽ 4 جون 1972ع ڌاري ڪراچي ۾ مختيار مغل جي جڳهه تي سگا جون پهريون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ :

| | |
|---|---|
| صدر: | محمد بلال سيال |
| نائب صدر: | شمشيرالحيدري |
| جنرل سيڪريٽري: | ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | سائين بخش عباسي |
| خزانچي: | بخش علي لاکو |
| اطلاعات سيڪريٽري: | محمد صالح شيخ |

29 سيپٽمبر 1972ع تي سگا 1860ع جي ايڪٽ تحت رجسترار جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنين وٽ رجسٽر ڪرايو ويو. جنهن تحت سِگا رجسٽريشن نمبر 3631 مليو.

شروع ۾ سگا ڪراچيءَ تائين محدود هوندي هئي، ۽ اتان جي سماجي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندي رهي. پوءِ اڳتي هلي ساٿين محسوس ڪيو ته سڄي سنڌ جي گريجوئيٽس کي به پنهنجي پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي ساڳي طريقي خدمت جو چئجي ۽ انهن جي رهنمائي ڪجي. 4 جولاءِ 1974ع تي سگا جون سنڌ اندر شاخون قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ آئين ۾ ترميم ڪئي وئي. اهڙي طرح سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سگا شاخون قائم ڪيون ويون. اڳتي هلي سِگا شهدادڪوٽ جو وجود به عمل ۾ آيو. 28 اپريل 1978ع تي محترم اشرف علي کهاوڙ جي زير نگراني سگا شاخ شهدادڪوٽ جون چونڊون ڪرايون ويون ۽ عهديدارن کي حلف ان وقت جي شهدادڪوٽ جي سب ڊويزنل مئجسٽريٽ

(SDM) جناب خواجہ محمد جعفري ڪٽايو. جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

1) صدر: جناب الهورايو قريشي
2) نائب صدر: محمد اسلم شيخ
3) جنرل سيڪريٽري: عبدالستار قاضي
4) جوائنٽ سيڪريٽري: محمد يونس ڏيٿو
5) خزانچي: مختيار احمد شيخ
6) اطلاعات سيڪريٽري: نهال الدين خاصخيلي

## ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

1) اشرف ڪهاوڙ
2) دلشاد احمد پٽو
3) علي اڪبر شيخ
4) پير بخش پٽي
5) الهہ بخش منگي
6) هري رام
7) عبدالستار چانڊيو

13 نومبر 1978ع تي جناب عبدالستار قاضي صاحب جي ذاتي مصروفيت سبب استعيفيٰ منظور ڪئي وئي ۽ محمد اسلم شيخ کي عارضي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو جيڪو اڳتي هلي شاخ جي گڏجاڻي ۾ باقائدي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو.

24 نومبر 1978ع ۾ دادوءَ ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جو ٽيون ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ محمد اسلم شيخ عارضي جنرل سيڪريٽري شاخ جي رپورٽ پيش ڪئي. سگا شهدادڪوٽ شاخ مان محترم الهورايو قريشي (صدر) محترم محمد اسلم شيخ (جنرل



سيڪريٽري) محترم نظام الدين سومرو، محترم سردار علي چانڊيو، محترم محمد حسن پناهڻ ۽ پروفيسر ڪنعيہ لعل شرڪت ڪئي.

1977ع ۾ سنڌ جون حالتون ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ وڌيڪ خراب ٿيون. سنڌي ماڻهو خوف ۾ هئا. ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڦاسيءَ ڪان پوءِ سنڌي هڪ لاٽي وانگر ڏونگر ٻڌجي جياپي جي جنگ وڙهي رهيا هئا. ڪيترائي سنڌي ماڻهو جيلن ۾ هئا. سياسي سزائون، حربا عام هئا. اهڙي ماحول ۾ سگا جي ساٿين 1978ع کي لطيف سال ڪري ملهايو. سڄي سنڌ مان زبردست موٽ ملي. ڪيترائي علمي ادبي ۽ سماجي ميڙ ٿيا. جنهن ۾ لطيف سائين جي شاعري ۽ فڪر کي اجاگر ڪيو ويو.

ڪراچيءَ ۾ قومي لطيف ڪانگريس منعقد ڪئي وئي. جنهن جو افتتاح وفاقي وزير تعليم جناب محمد علي هوتي جن ڪيو. ڪتابن جي نمائش جو افتتاح ڊاڪٽر ايم اي قاضي ۽ سيڪريٽري جا فرائض حميد سنڌي ادا ڪيا. مذاڪري جي ٽن نشستن جي صدارت محترم ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ، جناب پريشان خٽڪ، مولانا نور احمد آفريدي صاحب ۽ جناب غضنفر مهدي صاحب جن هئا. سيڪريٽرين جا فرائض جناب اعجاز احمد قريشي، جناب ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ جناب ظفر حسين جن بجا آندا. راڳ جي محفل ۾ صدارت سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب ڪئي ۽ پروگرام جناب عبدالحميد آخوند ترتيب ڏنو.

سڪرنڊ، ٽنڊو الهيار، بدين، هالا ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ لطيف ڪانفرنس ۽ ميڙاڪا ڪرايا ويا. دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن تي مشتمل هڪ وفد سگا جي سرواڻيءَ ۾ سڄي ملڪ جو دؤرو ڪري لطيف جي فڪر ذريعي مايوس ماڻهن کي دڳ ڏنو. اسلام آباد، لاهور، پشاور ۾ زبردست ميڙاڪا ڪيا ويا.

1978ع وارو سال تمام متحرڪ سال رهيو. سگا جي تنظيم ڪاري عروج تي هئي ۽ پڙهيا لکيا نوڪرين وارا ماڻهو سگا جي سات ۾ فخر سان شامل ٿيندا ويا. سگا شاخ شهدادڪوٽ جي ساٿين به شهر ۾ ڪيترين ئي گڏجاڻيون ڪيون. 05 آگسٽ 1978ع تي سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ شهدادڪوٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنر محترم خواجه حاجي محمد جعفري خصوصي شرڪت ڪئي. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين مهمانن جي خدمت ۾ سپاسنامه پيش ڪيو ۽ شهر جي سماجي ڪمن ۾ بحري وڌڻ لاءِ خدمتون پيش ڪيون. هڪ يادگار ۽ ڀرپور گڏجاڻي ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي ۽ صحافي برادري شرڪت ڪئي.

سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين 1978ع کان شهر جي هر بهتر عمل ۾ حصو ورتو. صحت ۽ تعليم کي بهتر ڪرڻ لاءِ رضاڪارانه ڀرپور پروگرام ڪيا.

29 آگسٽ 1979ع تي نظاميه نائيٽ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ هڪ جنرل باڊي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت جناب الهورائي قريشي ڪئي. هن گڏجاڻي ۾ اليڪشن ڪرائي هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

صدر: محترم الهواريو قريشي
نائب صدر: محمداسلم شيخ
جنرل سيڪريٽري: محمدحسن پناڻ
جوائنٽ سيڪريٽري: سردار خان چانديو
خزانچي: محمد حسن
انفارميشن سيڪريٽري: اڪبر علي شيخ



## ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

1) اشرف کهاوڙ
2) عبدالستار سومرو
3) شوڪت علي سومرو
4) نظام الدين سومرو
5) پير بخش پتي
6) اختر حسين شيخ
7) عبدالستار چانديو.

14 سيپٽمبر 1979ع تي مهراڻ اسڪول ۾ مفت طبي ڪئمپ لڳرائي وئي، جنهن ۾ 335 مريضن کي مفت طبي مشورا ۽ علاج ڪيو ويو.

1980ع ۾ سگا شهدادڪوٽ ادبي سنگت جون ڪيترين ئي محفلون منعقد ڪيون ويون. ڇاڪاڻ ته اُن جو انچارج محترم احمد علي صابر چانديو هو. جيڪو پاڻ هڪ شاعر ۽ ادبي ذوق رکندڙ ماڻهو هو. اپريل 1980ع ۾ هڪ مشاعرو رکيو ويو جنهن ۾ مقامي شاعرن ۽ اديبن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجيون لکڻيون پيش ڪيون.

سگا شهدادڪوٽ ادبي سنگت جي ٻي ڪچهري يادگار رهي، جنهن جي صدارت بهترين شاعر جناب گل حسن ٻرڙي پرنسپال گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ ڪئي. ان پروگرام ۾ آس پاس جي ڪيترن ئي شاعرن شرڪت ڪئي.

سگا شهدادڪوٽ 3 جولاءِ 1980ع ستي نظاميه نائيٽ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ مرزا قليچ بيگ جي ورسي ملهائي. جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ جي خدمتن کي ساراهيو ويو ۽ کيس خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

سگا شهدادڪوٽ طرفان 18 آگسٽ 1980ع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي باري ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. شهر جي پڙهيل لکيل ۽ باشعور ماڻهن نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. ۽ شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي گفتگو ڪئي وئي.

1980ع کي سگا مرڪز طرفان صحت جو سال ڪري ملهايو ويو. سگا شهدادڪوٽ طرفان ڪيترين ئي صحت جون ڪئمپون لڳايون ويون ۽ ڊرگ بئنڪ قائم ڪئي وئي. ڪيترن ئي ضرورت مندن ۽ بيمارن کي مفت مشورا ۽ دوائون ڏنيون ويون.

سگا شهدادڪوٽ ادبي سنگت ڪيترين ئي محفلون ۽ ميڙاڪا ڪرايا. ڪامريڊ الاهي بخش قريشي سان شام ملهائي وئي. جناب مهرالله خان شيخ بزرگ سماجي ورڪر سان شام ملهائي وئي. سينيئر نواب زاده مير يوسف علي خان سان شام ملهائي وئي. ڊاڪٽر محمد صالح شيخ جي حج واپسي تي گڏجاڻي رکي وئي. محترم خان محمد پنهور سان شام ملهائي وئي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي ميڙاڪو ڪيو ويو. علامه دائود پوٽي جي ورسي ڪئي وئي. تقريري مقابلا، غير طرحي مشاعرا ڪرايا ويا ۽ مرحوم نظام الدين جي ياد ۾ تعزيتي اجلاس سڏايو ويو.

تعليم جي ميدان ۾ سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين جي ڪوشش سان خاص طور تي سائين نظام الدين سومري جي ڪاوش سان نظاميه نائيٽ اسڪول ڪيترن ئي سالن تائين سرگرم عمل رهيو. جنهن ۾ بالغن کي تعليم ڏني وئي، ان اسڪول مان سوين اڻ پڙهيل تعليم حاصل ڪري روزگار وارا ٿيا.

24 جنوري 1980ع تي سٽيزن ڪلب ۾ مفت اکين جي ڪئمپ لڳرائي وئي، جنهن ۾ اکين جي ماهر ڊاڪٽر صاحبن 417 مريضن کي مفت طبي مشورا ڏنا ۽ دوائون به ڏنيون.

03 آگسٽ 1981ع تي ڳوٺ چاڪياڻي استاد غلام مصطفيٰ وڏي جي جاءِ تي مفت طبي ڪئمپ قائم ڪري 150 مريضن کي مفت طبي مشورا ڏنا ۽ علاج ڏنو ويو.

02 جون 1981ع تي ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيو ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪري 213 غريب مريضن ۾ مفت دوائون ڏنيون ويون.



سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين هر ننڍي وڏي پروگرام ۾ حصو ورتو. خاص طور تي سائين نظام الدين جي سگا جي سرگرمين ۾ سنجيدگي سان حصو وٺڻ ۽ هر ننڍي وڏي پروگرام ۾ شامل ٿيڻ ڪري سگا مرڪز ۾ 5 جولاءِ 1980ع جي اجلاس ۾ نائب صدر(مرڪز) مقرر ڪيو ويو. (جيڪو سگا شهدادڪوٽ شاخ لاءِ وڏو اعزاز هو

(حوالو: سگا سهائي، صفحو نمبر 19)

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان ساٿين جي گڏيل ڪوشش سان صحت جي ميدان ۾ به ڪافي سرگرميون ٿينديون هيون . اهو ئي سبب آهي جو سگا جي اٺين سالگرهه ۽ ادبي ايوارڊ جي تقريب 1980ع جي صدارتي خطاب ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب مهمانِ خاص عزت مآب جسٽس غوث علي شاهه صاحب سان مخاطب ٿيندي ٻڌايو ته صحت جي ميدان ۾ سگا پاران مفت طبي مشوري جا مرڪز گذريل ٻن سالن کان حيدرآباد، مورو، لاڙڪاڻو، بدين، راڻيپور، پٽ شاهه، شهدادڪوٽ، شهدادپور، شڪارپور ۽ گهوٽڪي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن (حوالو: سگا سڪ سمونڊ، صفحو نمبر 32) ۽ سگا شهداد ڪوٽ طرفان انهن ڏينهن ۾ ڊرگ بئنڪ قائم ڪئي وئي هئي، جتي غريب مسڪين ماڻهن کي نه صرف چڪاسيو ويندو هو پر دوا به مفت فراهم ڪئي ويندي هئي.

(حوالو: سگا سڪ سمونڊ، صفحو نمبر 33)

26 مارچ 1981ع تي راڻيپور ۾ سگا جي پنجين ساليانی ڪنوينشن جي موقعي تي مرڪز جون ترميم ٿيل آئين تحت چونڊون ٿيون جن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا:

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ (چيئرمين)، محترم محمد نظر ميمڻ (وائيس چيئرمين)، محترم نظام الدين سومرو (وائيس چيئرمين)، محترم ولي محمد روشن (سيڪريٽري جنرل)

(حوالو: سگا سهائي، صفحو نمبر 22)

اهڙي طرح ٻيا به عهديدار چونڊيا ويا ۽ ساٿين ۾ اداري جا ڪم ورهايا ويا. جناب نظام الدين سومرو کي شهدادڪوٽ، نئون ديرو، لاڙڪاڻو، مورو، قمبر، ڪنڌڪوٽ ۽ نصيرآباد جي ساٿين سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ ذميواري رکي وئي. سگا جي ٻين ساٿين تي به اهڙي طرح ذميواريون رکيون ويون. سيڪريٽري جنرل سگا محترم ولي محمد روشن ڇهين ساليانې ڪارڪردگي رپورٽ 16 اپريل 1982ع تي سکر ۾ ٻڌائيندي چيو ته 16 عهديدارن کي انتظامي ڪم ورهائي ڏنو ويو هو. انهن سونپيل ڪمن مان جن عهديدارن پنهنجي ڪم کي نڀايو، انهن ۾ صرف نظام الدين سومرو، فضل الله قريشي ۽ خليل ميمڻ قابل ذڪر آهن.
(حوالو: سگا سهائي، صفحو نمبر 22)

سگا جو ستون ساليانو ڪنوينشن 15 اپريل 1983ع ۾ مهراڻ هاسٽل مورو ۾ ٿيو. جتي سيڪريٽري جنرل محترم ولي محمد روشن صاحب سگا جي سال 1982ع جي ڪارڪردگي رپورٽ بيان ڪندي ايوان کي ٻڌايو ته ڪراچي ۾ سي.ايس.ايس ڪلاس ۽ شهدادڪوٽ ۾ بالغن جي تعليم جو سينٽر (نظاميه نائيٽ اسڪول) نمايان حيثيت رکن ٿا. (حوالو: سگا سهائي، صفحو نمبر 25) نظام الدين سومرو صاحب ۽ ساٿين جي محنتن جي ڪري سڄي اجلاس ۾ ڪم جي واکاڻ ڪئي وئي. نظام الدين سومرو عوامي جدوجهد وارو ماڻهو هو ۽ شهر جي سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ نهايت مصروف رهندو هو. ويتروري سگا مرڪز طرفان سڄي سنڌ جا سور سيني ۾ سانديو وتندو هو، پنهنجي ناچاڪي ۽ بيماري جو ڪنهن تي به عيان ٿيڻ نه ڏيندو هو. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار جي ڪري سردي ۽ گرمي هن تي اثر نه ڪندي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن جولاءِ 1983ع ۾ جنرل ضياءَ سگا جهڙي رضاڪار اداري تي اها بندش هنئي ته ڪو به سرڪاري نوڪري ڪندڙ ماڻهو، سگا جو ميمبر نه ٿو ٿي



سگهي. سگا جي وڌندڙ مقبوليت ۽ ان طرفان عام ڀلائي جي ڪمن جي تيز رفتاريءَ کان ڏڄي سنڌ سان ازلي بغض رکندڙ مخصوص ٽولي جي ڪجهه اڳواڻن هن تنظيم تي تعصب، صوبه پرست ۽ ملڪ دشمن هجڻ جا بي بنياد الزام مڙهڻ شروع ڪيا (حوالو: جنهن دل پيتا عشق دا جام، پروفيسر مظهر الدين ميمڻ، صفحو نمبر 24). پر سگا جا باشعور ساٿي ڪٿي ٿا مُڙن. ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سماجي ڪم ڪندا رهيا. جولاءِ 1983 کان 1988 تائين سگا تي بندش هجڻ ڪري تمام گهڻ رڪارڊ محفوظ ڪيو ويو. پر ڪيترائي پروگرام ۽ خير جا ڪم جاري ۽ ساري رهندا پئي آيا.

28 آگسٽ 1987ع تي مهراڻ اسڪول ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين ميونسپل شهدادڪوٽ جناب عبدالجبار شيخ خصوصي شرڪت ڪئي. جڏهن ته ٻين معززن محترم معراج گوپي ڪرشن (هندو پنچائت شهدادڪوٽ) محترم غلام حيدرخان جروار (چيئرمين تعلقه ڪائونسل) محترم حاجي واحد بخش شيخ (صدر آل مرچنٽ ايسوسيئيشن شهدادڪوٽ) ۽ ٻين سياسي، سماجي، ۽ صحافي برادري شرڪت ڪئي.

03 جنوري 1989ع تي سگا شهدادڪوٽ جي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي منعقد ڪرائي وئي، جنهن ۾ سگا شهدادڪوٽ پاران هن سال کي سچل سرمست قرار ڏيڻ تي مرڪز سان تعاون ڪرڻ جو اظهار ڪيو ويو ۽ سچل جي ڪلام کي عام ڪرڻ لاءِ مختلف پروگرامن تي عمل ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪيا ويا. جنهن مطابق چٽاڀيٽي جي ترتيب ڏنل پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ويندي ۽ سچل ڪانفرنس گهرائڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو.

13 فيبروري 1989ع سگا شهدادڪوٽ آفيس ۾ سنڌ جي نامور هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر جناب ايس واشا صاحب سان شام ملهائي وئي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر ڪئپٽن محمد صالح شيخ ڪئي ۽ مهمان خاص ايس واشا صاحب هئا، مقررين ۾ جناب محمد اسلم شيخ وڪيل، مسٽر ولي محمد وڪيل، احمد علي صابر چانڊيو، رشيد خانواهي چانڊيو، شوڪت علي ۽ جناب محمد حسن پناڻ ،ڊاڪٽر واشا صاحب کي سندس مفت علاج ۽ لاعلاج مريضن جي خدمت ڪرڻ تي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو. جناب واشا صاحب سگا شهدادڪوٽ برانچ جي عرض تي پنهنجو ٽائيم طبي ڪئمپ ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو، بلديا شهدادڪوٽ جي ڪائونسلر حاجي حضور بخش شيخ طبي ڪئمپ ۾ مفت دوائن ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر صاحب کي سگا پاران اجرڪ جو تحفو ڏنو ويو. پهرين مارچ 1989ع تي سگا آفيس شهدادڪوٽ ۾ هڪ محفل موسيقي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن، ٽي وي ۽ ريڊيو جي آرٽسٽن حصو ورتو. محفل موسيقي ۾ سچل سرمت ۽ شاهه لطيف جي واين ۽ بيتن سان محفل کي سجايو ويو.

سگا شهدادڪوٽ شاخ سال1990 کان 1995ع تائين ڪيل ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهبي ته خبر پوندي ته سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين طرفان ڏينهن رات هڪ ڪري ٻوڏ ۽ برسات جي سٽيل مسڪين ماروئڙن ۾ 80 اسي هزار روپين جو امدادي سامان پهچايو جنهن ۾ تيار ٿيل ڪاڌي پيتي جي شين کان علاوه ٻيو ڪافي روز مره جي استعمال جو سامان فراهم ڪيا ويا. شهدادڪوٽ ۾ 8 اٺ روزه مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اکين کان معذور 436 مريضن جي اکين جي مڪمل آپريشن ڪرڻ بعد کين فارغ ڪيو ويو ۽ اکين جي چيڪ اپ ۽ آپريشن لاءِ ٻاهرين شهرن کان اکين جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو ۽ ان کان علاوه



ٻاهر کان آيل ايترن ماڻهن لاءِ رهائش جو باقائده بندوبست ٿيل هو، جنهن سان ڪنهن به مريض کي تڪليف کي منهن ڏيڻو نه پيو.

شهري مسئلن جي حل لاءِ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مهمان خاص سنڌ جي وزيراعليٰ سيد عبدالله شاهه جو خاص صلاحڪار عبدالعزيز ٻرڙو جن هئا، جنهن نهايت اطمينان سان شهرين جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي فوري حل لاءِ يقين ڏياريو.

شهدادڪوٽ ۾ پهريون دفعو سگا جي تعاون سان شفقت حسين وڏو جي خوبصورت ۽ وٽنڊڙ پينٽ ڪيل تصويرن جي نمائش ڪرائي وئي ۽ ان تصويري نمائش واري تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو مهمان خصوصي طور شرڪت ڪئي ۽ جنهن پنهنجي خطاب دوران ان نمائش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اگر اها نمائش ڪنهن وڏي شهر ۾ منعقد ٿئي ها ته ان جو ڪو وڏو قدر ڪيو وڃي ها. هن چيو ته اها اسان جي خوش نصيبي آهي جو سگا جي تعاون سان اهي دلچسپ ۽ اهم نمائش ننڍي شهر ۾ ڪرائي وئي.

14 آگسٽ پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن تي نوجوان شاگردن ۾ ذهني چٽاڀيٽي جو مقابلو ڪرايو ويو ۽ تنهن کان ڪجهه ئي ڏينهن گذرڻ بعد تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ۽ پاڪستان جي پوليو مهم ۾ پڻ حصو ورتو ويو ۽ سگا پاران هزارين ٻارن کي پوليو جي بيماري کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا. شهر ۾ مختلف راندين جون ٽورنامينٽس ڪرايون ويون ۽ انعام به سگا پنهنجي طرفان تقسيم ڪرايا .

سگا شهدادڪوٽ جي ساليانه تنظيمي ڪارڪردگي کي مد نظر رکندي پوري سنڌ ۾ سگا شهدادڪوٽ جي بهترين ڪارڪردگيءَ ۽ رڪارڊ ڪارنامن تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن طرفان شهدادڪوٽ شاخ جي صدر هادي بخش منگي کي وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه هٿان سلور ميڊل انعام ڏنو ويو جيڪا نهايت خوشي جي ڳالهه هئي جو

پوري سنڌ ۾ سگا شهدادڪوٽ جي ڪارڪردگيءَ بهتر ۽ ٽاپ ڪلاس رهي.

سگا شهدادڪوٽ طرفان 1995 ۾ اکين جي ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن لاءِ سوسائٽي طرفان موڪليل ٽيڪنيشن شهدادڪوٽ ۾ 8 آگسٽ 1995ع تي پهتا. هلندڙ ڪئمپ ۾ هر قسم جي شين جو خيال رکيو ويو. مجموعي طور تي اسان جي ڪئمپ ڪامياب وئي. جنهن ۾ 436 آپريشن ٿيا. 4000 کان مٿي او پي ڊي ٿي. جنهن ۾ ڊاڪٽرن جي محنت سِگا جي ساٿين سان گڏ هئي. شهر جا سوشل ورڪر هاءِ اسڪولن جا اسڪائوٽ پڻ ڏينهن رات هڪ ڪري پنهنجو فرض احسن طريقي سان سرانجام ڏنو. آخر ۾ ڪئمپ ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کي سگا طرفان سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي تقريب ٿي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو جناب شمس جعفراڻي سرٽيفڪيٽ پنهنجي هٿن سان ڏنا. ڪئمپ ۾ جن معززين مالي مدد ڪئي انهن ۾ نوابزاده نادر علي خان مگسي، وزير بلديات سنڌ، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو، قمرالدين شيخ صدر رائيس ملز تاجر يونين ۽ ٻيا معزز شهري شامل هئا.

ماني جي سلسلي ۾ پ پ ستي شهدادڪوٽ هڪ ڏينهن، هندو ڌرم شيوا منڊل هڪ ڏينهن، ڊي ايس پي شهدادڪوٽ هڪ ٽائيم، شيخ برابري هڪ ٽائيم، غلام مصطفيٰ وڌي هڪ ٽائيم جي ماني ڏني.

1996 ۾ سگا طرفان شهدادڪوٽ ۾ "هنر سکو، روزگار حاصل ڪريو" سيمينار ٿيو، جنهن ۾ ڪيترن ئي مسئلن تي روشني وڌي وئي ۽ ان جي حل لاءِ ڪوششون ڪرڻ تي زور ڀريو. هن موقعي تي ديوان موتو مل، ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار، ڪامريڊ غلام سرور سيلرو، هادي بخش منگي ۽ ٻين خطاب ڪيو.

سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن شهدادڪوٽ جي ميمبرن جي گڏجاڻي 15 سيپٽمبر 1996ع تي سٽيزن ڪلب ۾ ٿي، جنهن ۾



مرڪزي عهديدارن سميت سگا شاخ جي ٻين عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي، صدارت مرڪزي وائيس چيئرمين علي گوهر پناڻ ڪئي، جڏهن ته ڪارروائي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مظهر ميمڻ اجلاس ۾ سگا جو صدر هادي بخش، غلام مصطفيٰ وڌو، واجد سيال، ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار، سائين ڪنعيه لال گربخشاڻي، امداد علي چانڊيو، محمد بخش خان ڪهاوڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر محمد اجمل ڪمبوهه، وهاب پندرائي، غلام سرور سيلرو ۽ ٻين ڪيترن ئي شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سگا طرفان شهدادڪوٽ ۾ روشن تارا اسڪول کوليو پيو وڃي، بلڊ بئنڪ قائم ڪئي پئي وڃي. جنهن جي موٽ شهرين پڻ ڏني، مرڪزي عهديدارن ان سلسلي ۾ بهترين ڪم ڪرڻ جو يقين ڏياريو.

1997ع ۾ شهر جي بنيادي مسئلن مٿي پاڻي، سوئي گئس، اسٽيڊيم، باغ، گرلس ڪاليج کي ڊگري ڪاليج جو درجو ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون، ڪجهه ڪاميابيون به مليون. مثال طور: شهدادڪوٽ جي هاءِ اسڪول کي ايجوڪيشن ورڪس طرفان سگا جي مدد سان 5 واشروم، پاڻيءَ جي وڏي ٽانڪي، واٽر سپلاءِ جو نئون ڪنيڪشن، پڻ مليو. ٻي پهچ ماڻهن سان گڏجي مختلف آفيسن ۾ ڪم ڪار لاءِ مدد ڪرائي وئي، شهر ۾ وڌندڙ منشيات کي روڪڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي وئي. پمفليٽن ذريعي ماڻهن کي منشيات جي نقصان بابت آگاهي ڏني وئي. ڪيترن مريضن جو علاج ڪرايو ويو. مختلف آفيسرن کي خط لکي شهر جي مسئلن کان آگاهي ڏني وئي. سگا جي ورڪرن 10 محرم تي شربت جي سبيل ۽ فرسٽ ايڊ مهيا ڪئي. ۽ ماڻهن جو فوري طور علاج ڪيو ويو.

1997ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن شهدادڪوٽ جي ميمبرن جي هڪ ٻي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ مرڪزي عهديدارن سميت سگا شاخن جي ٻين عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي، هن گڏجاڻي جي صدارت مرڪزي وائيس چيئرمين علي گوهر پناڻ ڪئي، گڏجاڻي ۾ هادي بخش

منگي، غلام مصطفيٰ وڏو، واجد سيال، ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار، سائين ڪنعيہ لال گربخشاڻي، امداد علي چانڊيو، محمد اعظم جروار، سيف الله سومرو، سردار محمد بخش خان ڪهاوڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر محمد اجمل ڪمبوهہ، وهاب پندراڻي، غلام سرور سيلرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سگا طرفان شهدادڪوٽ ۾ جلد روشن تارا اسڪول کوليو وڃي.

## اکين جي ڪئمپ 1997ع

سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن شهدادڪوٽ شاخ طرفان هن سال تئين لڳاتار مفت اکين جي ڪامياب ڪئمپ لڳائي وئي، هن سال بہ اڳ جيان اسان سان شهر واسين خصوصاً محمد اعظم جروار، رائيس ملز ٽريڊرس جي سيٺ قمرالدين شيخ، مير نادر علي خان مگسي، ڪرياني مرچنٽ ايسوسيئيشن، آئرن، گولڊ سمٿ، شوز مرچنٽ، ڪلاٿ مرچنٽ، واپڊا يونين ۽ ويلڊرس يونين، ۽ ٻين ايسوسيئشن سٺي مدد ڪئي. ان ڪان علاوه سماجي تنظيمن جهڙوڪ؛ يونائيٽيڊ، انسان همدرد سنگت، ڪمبوه برادري، منگي برادري، سومرا برادري، پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن سان گڏ نوجوان فورم بہ ڀرپور تعاون ڪيو. ان ڪان سواءِ گدا حسين شاهہ (S.D.M) شهدادڪوٽ جن پڻ ڪئمپ جو دؤرو ڪري اسان جي همٿ افزائي ڪئي ۽ پڻ مالي مدد ڪئي.

ڪئمپ ۾ ٽوٽل 2150 مريضن کي چڪاسيو ويو، جن مان 375 ڪامياب آپريشن ڪيا ويا، آپريشن وارن مريضن کي 40 ڏينهن جو دوائون ۽ چشما پڻ ڏنا ويا ۽ باقي مريضن کي دوائون ڏئي فارغ ڪيو ويو.

ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر عبدالستار وڏي وڏي محنت ۽ جفاڪشي جو مظاهرو ڪيو ۽ ڇهہ ڏينهن لڳاتار ڪئمپ ۾ ڪم ڪيو. ان ڪان علاوه



ڊاڪٽر پون ڪمار، عبدالقادر، عبدالوحيد ۽ نعيم احمد پڻ سٺي مدد ڪئي. اکين جي ڪئمپ ۾ مالي مدد ڪندڙن معززين ۾ محمد اعظم جروار، رتن ڪمار، مير نادر علي خان مگسي، ڪلاٿ، گولڊ سمٿ، شوز مرچنٽ، جنرل مرچنٽ، رائيس ملز ۽ ٽريڊرس، گدا حسين شاهہ SDM شهدادڪوٽ، سيٺ پرسرام، واپڊا يونين، واجد علي سيلرو، حاجي محمد اڪبر بروهي، عبدالحميد SDO واپڊا، اختيار حسين، حضور بخش شيخ، مير چاڪر خان، منگي ايسوسيئشن، پوڄو مل، سردار علي جروار، چانڊڪا رائيس مل، سيف الله خان چانڊيو، محمد امين خاصخيلي، سائين الله ورايو قريشي، شفقت حسين وڏو، سڪندر علي شيخ، ممتاز علي وڏو (پ ٽ الف اڳواڻ) سيٺ پوڄراج، سيٺ مرلي، سيٺ موهنداس، سيٺ درمپال، موٽيو مل، محمد نصير، ويلڊرس ايسوسيئشن، امير جان گولو، رئيس عبدالڪريم چانڊيو، پروفيسر نارائڻ داس، ڪجلو پيٽي، حبيب الله، دمساز، عبدالقادر گولو، محمد يوسف سومرو، عبدالغفور بروهي شامل آهن.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن شاخ شهدادڪوٽ جي آڪٽوبر 2000 ۾ چوندجي آيل ساٿين ڪافي ڪوششون ڪيون. 28 آڪٽوبر 2000 تي سگا شهدادڪوٽ طرفان گورنمينٽ گرلس سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ۾ مفت بلڊ گروپنگ جي هڪ روزه ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن ۾ سوين شاگردياڻين جا بلڊ گروپ چيڪ ڪندي ڪين ڪارڊ جاري ڪيا ويا. ان موقعي تي هڪ تقريب پڻ ٿي، جنهن ۾ شاگردياڻين، ٽيچرس، سماجي ورڪرس جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جنهن کي سگا شهدادڪوٽ جي صدر ڊاڪٽر شاهنواز شيخ ۽ اسڪول جي هيڊ مسٽريس خطاب ڪندي رت جي عطيي تي روشني وڌي ۽ سگا طرفان هر ڇهن مهينن بعد بلڊ گروپنگ ڪئمپ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان موقعي تي بلڊ گروپ چيڪ ڪرايل شاگردياڻين پنهنجي گروپ سگا وٽ نوٽ ڪرائيندي ڪنهن بہ ضرورت مندن کي خون جو عطيو ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

18 نومبر 2000ع تي سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان پوليو جي اهميت ڪان عام ماڻهن کي واقف ڪرڻ لاءِ پوليو واڪ ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي سگا اڳواڻن ڊاڪٽر شاهنواز شيخ، ممتاز ٻرڙو، مختيارڪار شهدادڪوٽ ابوبڪر بلوچ ۽ اکين جي ماهر سرجن ڊاڪٽر عبدالستار وڏو ڪئي. جڏهن ته واڪ ۾ ڊاڪٽرن، شهرين، شاگردن ۽ اُستادن ڀرپور شرڪت ڪئي. واڪ ميٽرنٽي هوم ڪان شروع ٿيو ۽ ڪوٽو موتو چوڪ تي ختم ٿيو. شرڪاءَ جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا، جن تي والدين کي پوليو جهڙي موذي مرض ڪان پنهنجي ٻارن کي بچائڻ ۽ ان خلاف جهاد ڪرڻ جون اپيلون لکيل هيون. واڪ جي اختتام تي وڏي ميڙ کي سگا شهدادڪوٽ جي صدر ڊاڪٽر شاهنواز شيخ، مختيارڪار شهدادڪوٽ ابوبڪر بلوچ، سرجن ڊاڪٽر عبدالستار وڏو خطاب ڪندي پوليو جهڙي خطرناڪ مرض ڪان پنهنجي ٻارڙن کي بچاءُ جي تدبيرن ۽ ان خلاف جدوجهد ڪرڻ تي زور ڏنو.

16 ڊسمبر 2000 ڪان 18 ڊسمبر 2000 تائين سگا طرفان شهدادڪوٽ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انتظاميا جي تعاون سان "عيد بچت بازار" مين پرائمري اسڪول ۾ لڳائي وئي، جيڪا شهدادڪوٽ جهڙي پٺ تي پيل علائقي جي عورتن لاءِ مخصوص هئي. باوجود چند انتهاپسندن جي ڌمڪين جي بازار مان هر عام ۽ خاص ڀرپور لاڀ حاصل ڪيو. بازار جي ڪاميابي ۾ جناب ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻه، مختيارڪار شهدادڪوٽ ابوبڪر بلوچ، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او شهدادڪوٽ جو ڀرپور تعاون رهيو. بازار ۾ ضرورت جي شين جا اسٽال لڳايا ويا هئا. بازار جي ڪاميابي لاءِ مختلف ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون هيون، جن جي نگراني سگا جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ڪري رهيا هئا. هڪ اندازي مطابق بازار ۾ 10 ڪان 12 هزار عورتن جي شرڪت رڪارڊ ڪئي وئي، هڪڙي لحاظ ڪان عورتن جي ڀرپور شرڪت ڪنهن ريفرنڊم ڪان گهٽ نه هئي.



**سگا اکين جي ڪئمپ:** سگا طرفان هر سال جيان هن سال به 23 جنوري 2001ع ڪان 27 جنوري 2001ع تائين مفت اکين جي ڪئمپ جو بندوبست ڪيو ويو، جنهن ۾ سگا جي باني ۽ سينيئر ميمبرن ۽ ورڪرن جي تعاون سان پنج روزه ڪئمپ ڪاميابي سان جاري رهي. ڪئمپ جي ڪاميابي ۾ سگا شهدادڪوٽ جي ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اکين جي ماهر سرجن ڊاڪٽر عبدالستار وڏي وڏو ڪردار رهيو. ان ڪان علاوه ماهر ڊاڪٽرن، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، ڊاڪٽر ذوالفقار شاهه، ڊاڪٽر نعيم ڪٽپر، ڊاڪٽر پرشوتم، ڊاڪٽر ادريس شيخ ۽ ٽيڪنيشن جي ٽيم جنهن جي اڳواڻي محمد اظهر ڪري رهيو هو، تن جون ڀرپور ڪاوشون رهيون. ڪئمپ ۾ هن دفعي مخير حضرات ڀرپور مدد ڪئي، ڪئمپ ۾ هن سال مختلف ڳالهه اها هئي ته هن دفعي پهريون دفعو وڏ ڪان وڏ لينس وڌا ويا، جڏهن ته سگا مرڪز 20 لينس ۽ شاخ شهدادڪوٽ 5 لينس بي پهچ ماڻهن کي مفت ڊونيٽ ڪيا، ڪئمپ ۾ 87 مريضن کي لينس وڌا ويا، 300 ڪان مٿي آپريشن ڪيا ويا ۽ ڪيترن ئي مريضن کي چڪاس ڪري دوائون ڏنيون ويون.

2002ع ڪان 2004ع تائين ڊاڪٽر شاهنواز شيخ جي صدارت هيٺ هر سال اکين جون ڪئمپون لڳايون ويون. شهر جي هر سماجي ڪم ۾ سگا ڀرپور تعاون ڪيو ۽ مرڪز طرفان اينڊڙ پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي.

2004ع ڪان 2006ع تائين ۽ 2006ع ڪان 2009ع تائين سگا شهدادڪوٽ شاخ جو جنرل سيڪريٽري محترم اشور لال ناگديوَ رهيو. هُن پنهنجي دور ۾ سگا ساٿين سان گڏجي ڪيترائي سماجي ڀلائي وارا ڪم ڪيا، اکين جون مفت ڪئمپون لڳرايون، ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي، سگا جي پليٽ فارم تان دل ۾ سوراخ وارن معصوم ٻارڙن جو انڊيا

مان مفت ڪامياب علاج ڪرائڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ محترم محمد صديق ابڙو، محترم گل حسن ڪوڪر ۽ ٻيا سگا جا ساٿي هر عمل ۾ ساڻس گڏ رهيا.

## عيدملن پارٽي ۽ مجتا ايوارڊ تقريب

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان تعلقي شهدادڪوٽ جي ڪاليجن، هاءِ، مڊل ۽ پرائمري اسڪولن جي 2008ع جي ساليانين امتحانن ۾ پهريون نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن/شاگردياڻين کي مجتا ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب تاريخ 24 سيپٽمبر 2009ع بروز خميس تي گورنمينٽ گرلس ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ شهر جي معزز ۽ مشهور شخصيتن، استادن، والدين، شاگردن، شاگرديائين، صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

تقريب جو مُک مهمان جناب رميش لال (ايم اين اي) هو.

تقريب جي شروعات سگا شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري خالد حسين چنا صبح جو 11:00 وڳي تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪرائي. تلاوت جي سعادت جناب ظهور حسين جوڻيجي حاصل ڪئي. اُن کان پوءِ آيل مهمانن کي آجياڻي پيش ڪرڻ لاءِ سِگا شهدادڪوٽ شاخ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي کي گهرايو ويو. اُن موقعي تي عبدالجبار جوڻيجي صاحب پنهنجي تقرير ڪندي تقريب ۾ آيل مهمانن جي آمد جا ٿورا شاهه صاحب جي هن بيت سان مڃيا:

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
تر ۾ واري ٿورڙي، تنهن کان بہ گهيرا،
پلاٿي ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيا ڪيترا.



صدر صاحب وڌيڪ موقعي جي مناسبت سان مک مهمان (ايم اين اي) رميش لال ۽ وس وارن جي اڳيان عوامي ڀلائي ۽ بهبود جي ضرورتن طرف ڌيان ڇڪرايو.

1) سِگا شاخ شهدادڪوٽ جي آفيس جي قيام جي سلسلي ۾ سهڪار ڪيو وڃي، جتي اسين ٻين ڀلائي جي پروگرامن سان گڏ غريب ٻارن لاءِ روشن تارا ٽيوشن سينٽر، ڪمپيوٽر سينٽر ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ مفت ڊسپينسري جو اهتمام ڪري سگهجي.

2) شهدادڪوٽ تعلقي جي اسپتالن ۾ اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي کوٽ پوري ڪئي وڃي.

3) لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ ريلوي لائين هڪ اهڙو رستو آهي، جيڪو سنڌ بلوچستان کي ڳنڍي ٿو، اُتي ئي پُراڻي طريقي سان ريل گاڏيءَ جي آمد رفت بحال ڪئي وڃي ۽ اُن سان گڏوگڏ هڪ تيز رفتار ريل گاڏي ڪوئٽہ کان ڪراچيءَ تائين هلائي وڃي.

4) سِگا شاخ شهدادڪوٽ کي هڪ ايمبولنس فراهم ڪئي وڃي تہ جيئن غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي لاءِ مفت ايمبولنس سروس شروع ڪري سگهجي.

5) گورنميٽ ڊگري ڪاليج ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ الڳ الڳ بس سروس شروع ڪئي وڃي.

6) شهدادڪوٽ جي عوام کي صاف پاڻي ميسر ڪرڻ لاءِ فلٽر پلانٽ جو احتمام ڪيو وڃي.

آخر ۾ صدر صاحب پنهنجي تقرير ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي مختلف منصوبن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ شهرين کي پڻ سهڪار جي اپيل ڪئي.

سِگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان عيد ملن پارٽي ۽ شهدادڪوٽ تعلقي جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي مجتا ايوارڊ جي وضاحت ڪندي

جنرل سيڪريٽري خالد حسين چني چيو ته اسان هن پروگرام لاءِ سِڳا جي ميمبرن تي آڌاريل پنج رُڪني ڪاميٽي جوڙي جنهن ۾ پروفيسر فدا حسين جوڻيجو، پروفيسر عبدالرشيد چانڊيو، پروفيسر طارق حسين خشڪ، سينيئر هاءِ اسڪول استاد حق نواز سومرو ۽ پ ٽ الف اڳواڻ صدر ممتاز علي پٽي جن هئا. اُنهن تعلقي جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري پرائمري ڪان ڪاليج سطح جي سربراهن سان ملي ڪري انهن ڪان سندن اداري ۾ پهرون نمبر اينڊڙ ٻارن جا نالا رزلٽ شيٽ مطابق پروفارمه پرائي جنرل سيڪريٽري وٽ جمع ڪرايا جن جي ضروري جاچ پڙتال ڪرڻ بعد (31) تعليمي ادارن جي 34 شاگردن ۽ شاگرديائڻين ڪي ايوارڊ لاءِ منتخب ڪيو ويو. جن ڪي اڄ جي تقريب ۾ سندن والدين، استادن ۽ معزز شهرين جي موجودگي ۾ مڃتا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيا آهيون. هن پروگرام جو مقصد ٻارن ۾ تعليمي اتساهه ۽ منجهن مقابلي جو رجهان پيدا ڪرڻ آهي.

اُن بعد ٻين مهمانن مان پهريائين محترم محمد اسحاق مغيري، صدر آباد گار بورڊ شهدادڪوٽ ڪي پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ چيو ويو. جنهن پنهنجي تقرير ۾ سِڳا شاخ شهدادڪوٽ جي دوستن ڪي اهڙي پروقار، يادگار ۽ تعليمي ميڙاڪي ڪرڻ تي واڌايون پيش ڪيون، ۽ پنهنيج طرفان هر تعاون جو يقين ڏياريو. اُن بعد ڪاهوڙي صحافي ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار (رپورٽر سنڌ ٽي وي) پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته 15 ورهين ڪان پوءِ مون ڪي اڄ سِڳا شهدادڪوٽ شاخ پنهنجي اصل جوبن ۾ نظر آئي آهي. اميد ٿو ڪيان ته اهو قافلو روان دوان رهندو تنظيم پنهنجي اصل جوبن ۾ اُن ڪري نظر آئي آهي جو موجوده قيادت ۾ اُهي جوهر موجود نظر اچن ٿا. جنهن بعد شهر جي مشهور شخصيت مير غيبي خان مغيري رائيس ملر ائسوسيئيشن شهدادڪوٽ جي نمائندي



تقرير ڪندي چيو ته پروگرام جي شاندار اهتمام تي سگا شهدادڪوٽ شاخ جي دوستن ڪي مبارڪون ڏيان ٿو، ۽ پنهنجي هر ممڪن سهڪار جو يقين ڏياريان ٿو. ۽ هن وڌيڪ چيو ته سگا ڪي عوامي ڀلائي جي ڪمن لاءِ اڃان به وڌيڪ ڪوششون وٺڻ گهرجن. آخر ۾ مهمان خاص محترم رميش لال (ايم اين اي) پنهنجي خطاب ۾ چيو ته حڪومت تعليم جي واڌاري لاءِ خاص اُپاءُ وٺي رهي آهي ۽ سِڳا شهدادڪوٽ جي دوستن ڪي اهڙي تعليمي پروگرام ڪرڻ تي دلي مبارڪون ٿو ڏيان. سگا شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي جيڪي تجويزون ۽ عوامي ڀلائي جي ضرورتن ڏانهن ڌيان ڇڪرايو آهي، حقيقت ۾ هي تمام اهم آهن. شهدادڪوٽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو حلقو آهي ۽ ان جي ترجماني اڄ جي پروگرام ۾ سگا جو صدر ڪري چڪو آهي. آءٌ يقين ٿو ڏياريان ته سندس مطالبن ڪي ضرور پورو ڪندس. اُن لاءِ صدر ۽ وزير اعظم پاڪستان ڪان خاص فنڊ منظور ڪرائيندس.

اُن موقعي تي محترم رميش لال ايوارڊ هاصل ڪندڙ هر ٻار ڪي پنهنيج طرفان روڪ رقم انعام طور ڏني، مُک مهمان جي خطاب ڪان پوءِ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي ڪاروباري ڪاميٽي جي ٻن ميمبرن محترم سڪندر علي شيخ ۽ محترم اشور لال ناگديوَ ڪي سگا شاخ شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي حلف کڻايو. اُن بعد مڃتا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب شروع ڪئي وئي. جنهن لاءِ شهر جي مختلف معززين ڪي اسٽيج تي گهرايو ويو. جن محترم رميش لال سان گڏجي ٻارن ۾ انعام ورهايا ۽ آخر ۾ ريفريشمينٽ جو احتمام ڪيو ويو.

هن پروگرام ۾ مرڪز سگا جي طرفان جناب مشتاق احمد سرهيو ۽ سِڳا باڊه جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد الله ڪلهوڙو به شامل ٿيا.

## سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان
## مفت اکين جي ڪئمپ 2001ع

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) شهدادڪوٽ شاخ طرفان پندرهين "غلام مصطفيٰ وڏو" ٽن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪئمپ پي سي بي سيل ڪراچي جي سهڪار سان تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ 9 کان 11 نومبر 2009ع تي لڳائي وئي. ڪئمپ جي انتظام لاءِ 30 آڪٽوبر 2001ع تي سِگا شهدادڪوٽ جي جنرل باڊي گهرائي وئي جنهن ۾ ڪئمپ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مختلف ڪاميٽيون جهڙوڪ: مالي سهائتا ڪاميٽي، پبلسٽي ڪاميٽي، ڊسيپلين ڪاميٽي، (اسڪائوٽ) او پي ڊي ڪاميٽي ۽ ارگنائيزرس ڪاميٽي جوڙي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وئي.

جيئن ته شهدادڪوٽ شهر سنڌ بلوچستان جي سرحدي علائقي تي موجود آهي ان ڪري تقريبن 50 ڪان متي مکيه ڳوٺن ۾ لائوڊ اسپيڪر، اشتهار ۽ بينرن ذريعي پڙهو گهمائي اکين جي ڪئمپ بابت آگاهي ڏني وئي. شهر شهدادڪوٽ جي مک مرڪزن تي بينر لڳايا ويا. ان سان گڏو گڏ سگا جي عهديدارن ۽ ميمبرن موبائيل ذريعي وڏي انداز ۾ ماڻهن ڏانهن ايس ايم ايس ڪري اکين جي ڪئمپ بابت آگاهي ڏني. شهر جي معززين ۽ مخير حضرات کي سِگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان ڪئمپ جي دوري ۽ سهڪار لاءِ هڪ تعارفي ليٽر پڻ موڪليو ويو.

هن 15هين سگا مفت اکين جي ڪئمپ ۾ ٽوٽل 1100 مريضن جي او پي ڊي ٿي، جنهن مان 237 مريضن جو آپريشن ڪري ڪين لينس وڌا ويا.

هن اکين جي ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر عبدالستار، ڊاڪٽر نعيم احمد ڪٽپر، ڊاڪٽر احمد علي چانڊيو، ڊاڪٽر محمد امين شيخ، ڊاڪٽر درشن



لال ۽ ڊاڪٽر قربان علي مگسي شامل هئا. پي سي بي سيل ڪراچي طرفان نياز ميمڻ جي قيادت ۾ آيل 11 ٽيڪنيشن ساٿي مددگار رهيا.

هن اکين جي ڪئمپ ۾ سگا شهدادڪوٽ شاخ جي ميمبرن، 10 استادن، 17 اسڪائوٽن ۽ 4 رضاڪار ساٿين ڏينهن رات ڪم ڪري ڪئمپ کي ڪاميابيءَ سان پايهءِ تڪميل تائين پهچايو.

هن ٽي روزه اکين جي ڪئمپ جي شهدادڪوٽ شهر جي جن اهم شخصيتن دورو ڪيو، انهن ۾ عبدالحنان شيخ، محمد جان عابد، سماجي اڳواڻ محمد اسحاق مغيري، ڪئپٽن ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، حاجي محمد حيات جوڻيجو، مسلم ائڊ شهداد ڪوٽ جو ڪوآرڊينيٽر محمد بخش خاصخيلي ۽ شهر جا ٻيا ڪيترائي معززين شامل هئا. اُن کان علاوه سِگا جي مرڪزي اڳواڻ محترم عبدالرسول سومرو (وائيس چيئرمين)، محمد عثمان پنهور (مرڪزي سيڪريٽري ثقافت) مشتاق احمد سرهيو (ميمبر سي اي سي) نور محمد سيال (ميمبر سگا سيوهڻ) محمد ايوب لاشاري (ميمبر سگادادو)، پروفيسر عبدالفتاح واهوچو (ڊائريڪٽر انسپيڪشن ڪاليجز سنڌ) پڻ شامل هئا.

ٽن ڏينهن واري اکين جي ڪئمپ جي افتتاحي تقريب سادي ۽ پُر وقار نموني سان ٿي گذري. جنهن ۾ ڪئمپ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ، ڊاڪٽرن، استادن، اسڪائوٽن، رضاڪارن ٽوٽل 44 ماڻهن کي سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان ڪين خدمتن جي اعتراف طور سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

آخر ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر خالد حسين چنا هن پُر وقار تقريب جو اختتام شاهه سائين جي هن عالمي دعا سان ڪيو.

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

# سگا شهدادڪوٽ طرفان روشن تارا ميلو 2009ع

سگا شهدادڪوٽ طرفان هڪ ڏينهن روشن تارا ٻالڪ ميلو عيدالاعضيٰ جي ٽئين ڏينهن يعنيٰ 30 نومبر 2009ع بروز سومر تي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ منعقد ڪيو ويو.

هن ميلي جو مقصد ٻارن کي معياري تعليمي ۽ تفريحي موقعو فراهم ڪرڻ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ، ٻارن ۾ چٽاڀيٽي جو رجحان پيدا ڪرڻ ۽ سگا شهدادڪوٽ کي متحرڪ ۽ روشناس ڪرڻ هو. ان ڪري هِن ميلي ۾ ٽَر جي پرائمري، مڊل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سربراهن کي سگا طرفان پروگرام جي شيڊيول ۽ قاعدن قانونن جو تفصيل موڪليو ويو. اُن جي موٽ ۾ 30 ادارن جي 166 ٻارن هيٺين مقابلن ۾ حصو ورتو.

1.فينسي ڊريس مقابلو 27 شاگرد
2.ڊزائننگ جو مقابلو 32 شاگرد
3.سنڌي شاعري جو مقابلو 16 شاگرد
4. ڪوپن ايڪٽنگ جو مقابلو37 شاگرد
5. سنڌي گانن جو مقابلو 38 شاگرد
6. سنڌي جهمر جو مقابلو 04 شاگرد
7. بنا تياري تقريري مقابلو 12شاگرد

**ٽوٽل شاگرد 166**

انهن مقابلن کان علاوه ميلي ۾ مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا، جن ۾ سِگا تعارفي اسٽال (سِگا مرڪز طرفان شايع ٿيل ڪتاب، رسالا، سماچار رکيل هئا) جتي سِگا جا اصول، مول متا ۽ خدمات جو وچور خوبصورت، پينا فليڪس بينرن تي چسپان ٿيل هئا. عبداللہ گرامر اسڪول طرفان ثقافتي اسٽال، قبضانو هاءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جو سائنسي اسٽال، سائينٽيفڪ پبلڪ اسڪول جو تعارفي ۽ ڪارڪردگي



اسٽال، اين جي اوز ڊولپمينٽ سوسائٽي طرفان جاڳرتا جي ڦهلاءَ لاءِ ملٽي ميڊيا ذريعي فلمون هلايون ويون. پريات وومين ڊولپمينٽ ايسوسيئشن طرفان ٻارن جي هٿ جون ٺهيل شين جو نمائشي اسٽال. ڪتابن جي اسٽال ۾ سنڌي ٻولي جو بااختيار حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ۽ جاويد بوڪ اسٽور شهدادڪوٽ شامل هئا. ان کان علاوه کاڌي پيتي جا اسٽال، رانديڪن جا دڪان ۽ گفٽ شاپ پڻ هئا. ميلي جو سڀ کان اهم اسٽال شهدادڪوٽ بابت تاريخي اسٽال هو جنهن کي هڪ وڏي هال ۾ سجايو ويو هو. جتي شهدادڪوٽ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ کي اجاگر ڪيو ويو هو. هن اسٽال ۾ پروفيسر سيد گل محمد شاهه صاحب جي سيرت لائبرري جي تعاون سان شهدادڪوٽ جي ڪاهوڙي نوجوان آرڪيالاجسٽ شيخ جاويد علي سنڌي طرفان شهدادڪوٽ جي تاريخ ۽ ثقافت سان لاڳاپيل مواد رکيل هو. انجنيئر شفقت حسين وڏو جي خوبصورت ۽ دلفريب تصويرن جي نمائش لڳل هئي، پروفيسر بشير احمد سومرو جي ڪاوش سان تاريخي شين، ٽڪلين، سڪن ۽ نوادرات کي رکيو ويو هو. سندس ئي ڀر ۾ شهدادڪوٽ جي سرموڙ شاعر ۽ ليکڪ احمد علي صابر چانڊيو صاحب جا ايوارڊ، ڪتاب، مجتا جا سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيو مواد رکيل هو.

شهدادڪوٽ بابت تاريخي اسٽال هر شريڪ ٿيندڙ ٻڍي ۽ ٻار جي توجهه ۽ دلچسپي جا مرڪز رهيا. پهريون دفعو شهدادڪوٽ جي علمي، ادبي، ثقافتي تاريخ کي ڏسي شرڪت ڪندڙ ماڻهن خوشي وچان سِگا شهدادڪوٽ جي عهديدارن ۽ ميمبرن کي مبارڪون ڏيندا رهيا ۽ سندن داد رسائي ڪندا رهيا. هن ميلي ۾ شهر جا ٻارڙا پنهنجي والدين سان مقرر وقت کان پهريائين خوشيءَ ۾ ٻهڪندا ميلي واري هنڌ تي پهتا. پوپٽ جهڙا ٻارڙا سندر ڊريسن ۾ فرشتا لڳي رهيا هئا. جو هن ۾ سنڌي ثقافت کي نمايان طور اُجاگر ڪيو ويو هو. ميلي جو افتتاح صوبائي وزير خوراڪ

نوابزاده مير نادر علي خان مگسي صاحب ڪيو ۽ ميلي ۾ لڳل اسٽالن جو دورو ڪري شهدادڪوٽ بابت تاريخ ۽ ثقافتي ورثي ۾ گهري ۽ خصوصي دلچسپي جو اظهار ڪيو. هن پروگرام جي باضابطه شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت ظفر علي حاصل ڪئي. ان ڪان بعد شاهه سائين جا بيت پڙهڻ لاءِ ننڍڙي عبدالقيوم جوڻيجي کي گهرايو ويو. اسٽيج کي سِگا شاخ شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر خالد حسين چنا ۽ ميمبر پروفيسر رشيد احمد چانديو سنڀاليو. جڏهن ته سندن مدد پروفيسر فدا حسين جوڻيجي ۽ پروفيسر احسان الله جمالي (مالي سيڪريٽري سِگا شاخ شهدادڪوٽ) ڪئي. هن رنگ برنگي ميلي جي شروعات صبح سوير سان ٿي ۽ سڄو ڏينهن شهرين، والدين، ٻارن جو انبوهه رهيو. جيڪو هزارن جي تعداد ۾ مختلف اسٽالن کي جوش ۽ ولولي ۽ خوشيءَ وچان ڏسندو رهيو ۽ پنڊال ۾ ٻارن جي مقابلن ۾ حصو وٺندڙ ٻارن کي مختلف معززين جي هٿان انعام ورهائڻ جو سلسلو پڻ سڄو ڏينهن جاري رهيو. ان موقعي تي پنهنجن جي راءِ جو اظهار ڪندي يونين ڪائونسل (2) جي ناظم عبدالحنان شيخ صاحب چيو ته شهدادڪوٽ جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ٻالڪ ميلو آهي، جتي هڪ ئي وقت سڄو ڏينهن ٻارن جا مختلف تعليمي مقابلا جاري رهيا ۽ سِگا شهدادڪوٽ جي دوستن اهڙي طرح شهدادڪوٽ جي تاريخ ۽ ثقافت کي اجاگر ڪيو، ايئن شهدادڪوٽ جي تاريخ ۾ هي ڏينهن نمايان طور تي ياد رکيو ويندو.

ان موقعي تي سِگا شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سِگا سنڌ جي اندر صحت، تعليم، سماجي ترقي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت جاکوڙي رهي آهي، ان سان گڏوگڏ سنڌ ۾ سنڌ ٻولي، ادب، ثقافت ۽ ثقافتي قدرن جي امين رهي آهي. تنهن ڪري اسين ان تسلسل هيٺ



جاکوڙي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته پرامن ۽ ترقي يافته سنڌ اسان جو خواب آهي. هن وڌيڪ چيو ته سِگا شاخ شهدادڪوٽ جي موجوده باڊي مختصر عرصي ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت جيڪي ڪم ڪيا آهن انهن جو نتيجو سامهون اچي رهيو آهي، اسين شهدادڪوٽ ۾ نج تعليمي ماحول پيدا ڪرڻ جا خواهشمند آهيون. جتي طرف گُهٽ ٻوسٽ جو ماحول هجي تي اهڙيون سرگرميون ضرور اثر ڏيکارينديون. هي روشن تارا ٻالڪ ميلو ضرور ٻارن ۽ شهرين ۾ اُتساهه جو سبب بڻبو. ان موقعي تي سِگا شاخ شهدادڪوٽ جي صدر پروگرام جي مُک مهمان صوبائي وزير خوراڪ نوابزاده مير نادر علي خان مگسي کان گهر ڪئي ته شهدادڪوٽ ۾ انجنيئرنگ ۽ جنرل يونيورسٽين جا ڪئمپس قائم ڪيا وڃن. ان کان علاوه شهر لاءِ ڪلچر ڊپارٽمينٽ کان جديد دؤر جي تقاضائن مطابق هڪ لائبريري جوڙائي ڏني وڃي.

ان موقعي تي مهمان خاص صوبائي وزير خوراڪ نوابزاده مير نادر علي خان مگسي صاحب چيو ته آئون سِگا جي سموري سٽ کي مبارڪون ٿو ڏيان جنهن ايڏو وڏو شاندار ميلو (Mega event) منعقد ڪيو آهي ۽ اُميد ٿو ڪريان ته سِگا شهدادڪوٽ هن تسلسل کي قائم رکندي، مون کي ذاتي طور تي خوشيءَ ٿي آهي، هي پروگرام ٻارن جي ذهني اوسر تي مثبت اثر ڇڏيندو. هن وڌيڪ چيوته آئون ٻاهرين مُلڪن ۾ ويندو رهندو آهيان اُتي جيڪو ٻارن جي حوصلا افزائي ۽ ذهني اوسر لاءِ ڪم ٿيندو آهي اُهو ڪم اڄ شهدادڪوٽ ۾ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن بخوبي ڪري ڏيکاريو آهي. سِگا جي صدر جن شين جي گهُر ڪئي آهي ان لاءِ حڪومتي سطح تي ضرور ڪوشش ڪندس. آخر ۾ نوابزاده مير نادر علي مگسي صاحب جي هٿان پوزيشن ماڻيندڙ ٻارن کي انعامات ڏياريا ويا. اهڙي طرح جي شهدادڪوٽ جي تاريخ جو يادگار ۽ شاندار ٻالڪ ميلو رات جو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

# سلام ٽيچرس ڊي 2012ع

تاريخ 5 آڪٽوبر 2012ع جمع ڏينهن تي سائينٽيفڪ ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ سلام ٽيچرس ڊي ملهايو ويو. هن پروگرام ۾ پرائمري اسڪولن، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن سان تعلق رکندڙ ٽيچرس وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، هن پروگرام جو مهمان خاص متحرم ڊاڪٽر پروفيسر لياقت علي صاحب (پي ايڇ ڊي آمريڪا) ڪئي. اعزازي مهمان آسٽريليا مان پي ايڇ ڊي ڪندڙ محترم عبدالرزاق صاحب جن هئا. هن پروگرام جي ڪري شهدادڪوٽ ۽ آس پاس جي ماڻهن ۾ استاد ۽ تعليم جي اهميت ۽ ضرورت جي بابت شعور اجاگر ٿيو. سگا جي تعليمي خدمتن کي عوامي سطح تي ساراهيو ويو ۽ سگا لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ همدردي وڌي.

# تقريب حلف وفاداري سال 15-2012ع

تاريخ 4 نومبر 2012ع بروز آچر ليبر هال شهدادڪوٽ ۾ تقريب حلف وفاداري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر جي معززين کي دعوت ڏيئي گهرايو ويو. حاضري تقريبا 150 رهي، نون چونڊجي آيل عهديدارن ۽ برانچ جي مئنيجمينٽ ڪاميٽي جي ميمبرن کي برانچ جي اليڪشن چيئرمين محترم ڊاڪٽر عبدالستار وڏو صاحب جن حلف کڻايو. هن تقريب جي ڪري پهريون ڀيرو شهدادڪوٽ ۽ ان جي آس پاس هر عام ۽ خاص فرد کي سگا شاخ شهدادڪوٽ جي متحرڪ هئڻ جو احساس ٿيو ۽ مختلف شخصيتن سگا سان ساٿ نڀائڻ جو وچڻ ڪيو.

# مفت اکين جي ڪئمپ 2012ع

تاريخ 17 کان 19 نومبر 2012ع بروز ڇنڇر، آچر ۽ سومر تي ارڙهين ٽي روزه مرحوم سائين غلام مصطفيٰ وڏو (يادگار) مفت اکين جي



ڪئمپ، پي سي بي سيل ڪراچي جي سهڪار سان تعلقه اسپتال شهدادڪوٽ ۾ لڳائي وئي، جنهن ۾ او پي ڊي 1230 رهي ۽ 257 مريضن جو آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا، ان کان علاوه هر مريض کي ضرورت مطابق مفت دوائون، اک جي مريضن جي ڪاري ڪامڻ جي مفت چڪاس ۽ ڪاري ڪامڻ کان بچاءُ جون وئڪسين لڳايون ويون. هن ڪئمپ ۾ محترم ڊاڪٽر عبدالستار وڏو صاحب جي سربراهي ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم ۽ پي سي بي سيل ڪراچي جي نمائندن پنهنجون خدمتون سر انجام ڏنيون. هن ڪئمپ کي ڪاميابي لاءِ سگا جي ڪارڪنن، اُستادن ۽ رضاڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. ڪئمپ دوران محترم ڊاڪٽر نبي بخش عباسي دورو ڪيو، آخري ڏينهن تي اختتامي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جا خاص مهمان محترم نثار احمد مگسي صاحب (ٽي ايم او شهدادڪوٽ) ۽ اعزازي مهمان محترم ڊاڪٽر غلام حسين وڏو صاحب (ايم ايس شهدادڪوٽ) جن هئا. هن تقريب ۾ مختلف خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڊاڪٽرن پي سي بي سيل جي نمائندن، سگا جي ميمبرن، استادن ۽ رضاڪارن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ڪئمپ جو ٽوٽل خرچ محترم ڊاڪٽر محمد صالح شيخ صاحب، محترم عبدالوهاب بروهي صاحب، شيلر ايسوسيئشن شهدادڪوٽ ۽ پي ٽي الف شهدادڪوٽ جي تعاون سان ادا ڪيو ويو. هن ڪئمپ جي لڳائڻ ڪري اکين جي مريضن کي فائدو ٿيو ۽ انهن ۾ اکين جي حفاظت جو شعور اجاگر ٿيو.

# ٽيچرس ٽريننگ پروگرام 2012ع

تاريخ 21 کان 23 ڊسمبر 2012ع بروز جمع، ڇنڇر ۽ آچر تي ٽيچرس ٽريننگ پروگرام جو اهتمام سچل سارو سچ درسگاهه، شهدادڪوٽ ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ ريسورس محترم پروفيسر الطاف

حسين قادري صاحب، محترم پروفيسر خالد حسين چنا صاحب، محترم پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو صاحب، محترم پروفيسر سعيد احمد وڏو صاحب، ميڊم امتياز منگي صاحبه جن هئا. هن پروگرام ۾ پرائيويٽ پبلڪ اسڪولن ۽ ڪاليجن سان تعلق رکندڙ 50 استادن ڪي ٽريننگ ڏني وئي، هن پروگرام تي ٽوٽل سگا شهدادڪوٽ طرفان ڪيو ويو. هن تربيتي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ استادن ڪي آخري ڏينهن تي محترم پروفيسر عنايت حسين پيٽو صاحب (ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪول لاڙڪاڻه ريجن) جي هٿان سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. هن ٽريننگ سبب پرائيويٽ سيڪٽر جي استادن ۾ تعليم جي طريقہ ڪار بابت ڄاڻ وڌي، جنهن ڪري پروگرام متعلقہ ادارن جي تعليمي معيار ۾ اضافي جو سبب بڻيو.

## لطيف جو ڏهاڙو 2013ع

تاريخ 26 مارچ 2013ع بروز اڱارو لطيف جي ڏهاڙي سان هڪ پروگرام سائنٽيفڪ ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ منعقد ڪيو ويو. هن پروگرام ۾ محترم پروفيسر ڪي ايس ناگپال صاحب، محترم پروفيسر خالد حسين چنا صاحب (سيڪريٽري ايجوڪيشن سگا مرڪز) ۽ محترم پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لطيف جي فڪر جي عنوان سان ليڪچر ڏنو هن پروگرام ۾ استادن، شاگردن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هن پروگرام جو خرچ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ايجوڪيشن اسٽڊي سينٽر برانچ شهدادڪوٽ برداشت ڪيو. هن پروگرام جي ڪري شهدادڪوٽ ۽ ان جي آس پاس جي ماڻهن ۾ لطيفي فڪر جو شعور اجاگر ٿيو ۽ لطيفي فڪر تي عمل ڪرڻ جو احساس پيدا ٿيو.



## ذهني صحت جي حوالي سان جاڳرتا مهم

(2 کان 11 آگسٽ 2014ع)

**(الف) سيمينار**

2 آگسٽ 2014ع تائين ذهني صحت جي حوالي سان جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي پاران هڪ سيمينار تاريخ 9 آگسٽ 2014ع بروز ڇنڇر گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ تمام وڏي انگ ۾ سگا جي ميمبرن، هاءِ اسڪول جي استادن، شاگردن، شهر جي سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. سيمينار ڪي پروفيسر ارشد علي سومرو، پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو (صدر سگا شاخ شهدادڪوٽ) ۽ ڊاڪٽر محمد صديق کهاوڙ خطاب ڪندي چيو تہ ذهني بيماري مختلف سبب جي ڪري پيدا ٿئي ٿي، ان جو علاج ممڪن آهي، ذهني مرض ۾ مبتلا شخص ڪي نفرت جي نہ پر مناسب علاج ۽ توجهہ جي ضرورت هوندي آهي. ذهني بيماري ڪو عيب نہ آهي، هي هڪ قابل علاج مرض آهي، تنهن ڪري ان جي علاج ۽ خاص توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي.

ذهني بيماري مردن، عورتن، ٻارن سميت مختلف عمر جي ماڻهن ڪي متاثر ڪري سگهي ٿي، ذهني بيماري عام آهي هر ڇئن مان هڪ فرد ڪنهن نہ ڪنهن وقت ۾ ذهني مونجهاري جو شڪار ٿيندو آهي. ذهني بيماري ۾ ورتل شخص خاندانن لاءِ اڪثر پريشاني، سماجي مسئلن ۽ اقتصادي مسئلن جو سبب بڻجندا آهن، ان لاءِ وقت تي نشاندهي ۽ علاج ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

**(ب) ليڪچر ۽ واڪ**

2 کان 11 آگسٽ 2014ع تائين ذهني صحت جي حوالي سان جاڳرتا جي سلسلي ۾ 11 آگسٽ 2014ع بروز سومر هڪ ليڪچر

پروگرام گورنمينٽ مين اسڪول شهدادڪوٽ ۾ منعقد ڪيو ويو. هن پروگرام ۾ وڏي تعداد ۾ سگا جي ميمبرن استادن، شهرين، سماجي ڪارڪنن ۽ سوين شاگردن شرڪت ڪئي. پروفيسر احسان الله جمالي، پروفيسر ارشد علي سومرو ۽ حق نواز سومرو پنهنجي ليڪچر ۾ ذهني بيماري جي نشانين، علاج ۽ احتياط جي حوالي سان چيو ته هن بيماري ۾ اُداسي، دل جي تيز ڌڙڪڻ، مايوسي، توانائي جو گهٽجڻ، خودڪشي جي ڪوشش ڪرڻ، غير حقيقي خيالن جو اچڻ، جارحيت، خوف، ڊپ، جلد بازي، دوستن ۽ خاندانن کان لاتعلقي جهڙا عمل ذهني بيماري جون نشانيون آهن. ان کان بچاءَ لاءِ بهتر آهي ته ذهني مريض سان امتيازي سلوڪ کان پاسو ڪيو وڃي. ان جي مثبت طريقي سان رهنمائي ڪئي وڃي، ذهني مرض ۾ مبتلا شخص کي نفرت جي نه پر مناسب علاج ۽ احتياط جي ضرورت آهي.

ليڪچر پروگرام کان بعد ۾ پريس ڪلب شهدادڪوٽ کان ڪوٽو موٽو چوڪ تائين هڪ واڪ ڪيو ويو، جنهن ۾ شامل ماڻهن جي هٿن ۾ ذهني صحت جي حوالي سان جاڳرتا بابت بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا، جن تي ذهني بيماري جي علامتن ان کان بچاءَ ۽ علاج بابت معلوماتي سلوگن لکيل هئا.

## اکين جي ڪئمپ 2014ع

تاريخ 22، 23 ۽ 24 نومبر 2014ع بروز ڇنڇر، آچر ۽ سومر تي ٽي روزه مرحوم سائين علام مصطفيٰ وڏو يادگار مفت اکين جي ڪئمپ پي سي بي سيل ڪراچي جي سهڪار سان تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ لڳائي وئي، جنهن ۾ او پي ڊي يارنهن سئو چاليهه (1140) رهي ۽ ٻه سئو پنجاهه (250) مريضن جو آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا. ان کان



علاوه هر مريض کي مفت دوائون، اک جي مريض جي ڪاري ڪامڻ جي مفت چڪاس ۽ ڪاري ڪامڻ کان بچاءُ جون وئڪسين لڳايون ويون. هن ڪئمپ ۾ محترم عبدالستار وڏو صاحب جي سربراهي ۾ ڊاڪٽر نعيم احمد ڪٽپر، ڊاڪٽر درشن لال، ڊاڪٽر پرشوتم، ڊاڪٽر احمد علي چانڊيو ۽ پي سي بي سيل ڪراچي جي 14 نمائندن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڪئمپ جو سيٺ قمرالدين شيخ، مير غيبي خان مغيري، شاهد حسين لانگاهه، سيٺ محمد اسماعيل شيخ دورو ڪري سگا جي منتظمين ۽ ڪارڪنن جي ڪم کي ساراهيو.

ڪئمپ جي آخري ڏينهن تي اختتامي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جا خاص مهمان محترم اياز علي چانڊيو (تعلقه ايجوڪيشن آفيسر شهدادڪوٽ) هئا. تقريب ۾ مختلف خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڊاڪٽرن، پي سي بي سيل جي نمائندن، سگا جي ميمبرن، استادن ۽ رضاڪارن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ڪئمپ جو خرچ سگا مرڪز، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، ڊاڪٽر عبدالستار وڏو، نذير احمد سومرو، رئيس عبدالڪريم چانڊيو ۽ شيلر ايسوسيئشن شهدادڪوٽ ڪيو. هن ڪئمپ جي لڳائڻ جي ڪري اک جي مريضن کي گهڻي کان گهڻو فائدو رسيو ۽ انهن ۾ اکين جي حفاظت جو شعور اجاگر ٿيو.

## چمڙي ۽ بلڊ شگر جي ڪئمپ
## (10 مئي 2015ع

سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان 10 مئي 2015ع بروز آچر مفت چمڙي ۽ بلڊ شگر جي ڪئمپ ويلفيئر ايسوسيئشن فار ڊرماٽالاجيڪل پيشنٽس آف اسڪن ڊزيز سنڌ Welfare Association For Dermatological Patients, Institute Of Skin Diseases

Sindh جي تعاون سان مين پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ڊاڪٽر منظور حسين ميمڻ جي سربراهي ۾ ڊاڪٽر سيد جواد علي، ڊاڪٽر حبيب الله ميمڻ، ڊاڪٽر رشيد احمد لاکير، ڊاڪٽر اياز احمد شيخ، ڊاڪٽر سنتوش ڪمار ۽ ڊاڪٽر ڪيلاش ڪمار تارباڻي کان علاوه رضاڪار انجنيئر گلزار احمد، فدا حسين پٽيل، باسط امڪاني، شوڪت مغل، جنيد جعفري، ڪمال حسين ۽ مس شاهين پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪئمپ جو افتتاح اکين جي ماهر ڊاڪٽر عبدالستار وڌو صاحب جن ڪيو.

هن ڪئمپ جي مشهوري لاءِ اخبارن ۾ ليڪ ڏنو ويو، پمفليٽ، بينر ۽ وال پوسٽر هنيا ويا، ڪيبل تي پٽي هلائي وئي ۽ لائوڊ اسپيڪر تي پڙهو ڏياريو ويو. مسجدن ۾ اعلان ڪرايا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ هن ڪئمپ ۾ جيڪب آباد، جهل مگسي، شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، خضدار ۽ جعفر آباد ضلعن جي مريضن کي فائدو ٿيو. انهن سڀني مريضن جي چڪاس مفت ڪئي وئي، کين مختلف ملمون، ڪريمون، لوشن، ٽڪيون، ڪيپسول، شربت، ميڊيڪيٽيڊ سوپ ۽ پائوڊر ڏنا ويا. ضرورتمندن کي بجلي جو سيڪو به ڏنو ويو.

هن ڪئمپ ۾ ٽوٽل هڪ هزار اٺيتاليهه (1048) مريضن جي چڪاس ڪري دوائون ڏنيون ويون. هن ڪئمپ جو اياز علي چانديو، لياقت علي پٽي، عبدالحنان شيخ، عبدالوحيد پٽي (وڪيل)، اڪبر خان کهاوڙ ۽ علائقي جي معززين دورو ڪيو. ڪئمپ جي اختتام تي ڊاڪٽرن جي ٽيم کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو.

هن ڪئمپ جي ڪري شهدادڪوٽ ۽ پسگردائي ۽ سنڌ بلوچستان جي ماڻهن ۾ چمڙي جي بيمارين بابت شعور اجاگر ٿيو ۽ ڪيترن ئي مريضن جي خطرناڪ مرضن جي شناخت ڪري انهن کي بچاءُ جو ابتدائي



علاج ڏئي آئنده علاج بابت معلومات فراهم ڪئي وئي ۽ کين احتياطي تدبيرن کان به واقف ڪرايو ويو.

هن ڪئمپ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو (سگا صدر شاخ شهدادڪوٽ)، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، مير غيبي خان مغيري ۽ نذير احمد سومرو ادا ڪيو.

## افطار پارٽي (16 جولاءِ 2015ع)

سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان هڪ افطار پارٽي تاريخ 16 جولاءِ 2015ع بروز خميس تي سائينٽيفڪ پبلڪ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سگا جي ميمبرن ۽ معزز شهرين شرڪت ڪئي. هن افطار پارٽي جي ڪري معزز شهرين ۽ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي باهمي تعلق کي هٿي ملي، هن افطار پارٽي تي ٽوٽل خرچ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي طرفان ادا ڪيو.

## مڃتا ايوارڊ تقريب ۽ عيد ملن پارٽي (21 جولاءِ 2015ع)

سگا شاخ شهدادڪوٽ طرفان مڃتا ايوارڊ تقريب ۽ عيد ملن پارٽي تاريخ 21 جولاءِ 2015ع بروز اڱارو، بلوچ هوٽل شهدادڪوٽ ۾ رکي وئي. هن تقريب ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي هيٺين 14 ميمبرن کي سگا شاخ شهدادڪوٽ لاءِ بهترين خدمتون سرانجام ڏيڻ تي کين مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا.

1. ڊاڪٽر محمد صالح شيخ
2. ڊاڪٽر عبدالستار شيخ
3. پروفيسر خالد حسين چنا

4. ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار
5. نذير احمد سومرو
6. هادي بخش منگي
7. ممتاز علي پتي
8. غلام الله چانڊيو
9. انور علي سيال
10. اظهر علي سيال
11. سليم اختر لاشاري
12. پروفيسر فدا حسين جوڻيجو
13. علي حسن سومرو
14. محڪم الدين خشڪ

هن پارٽي ۾ محترم رفيق احمد جعفري (چيئرمين سِگا مرڪز)، عبدالرسول سومرو، پيرل خان ڪوسو، نور محمد سيال، شمس الدين ساريو، سگا شاخ ٺري ميرواهه، قمبر، نئون ديرو، رتوديرو جي عهديدارن ۽ شهدادڪوٽ جي معززين، سماجي ڪارڪنن، صحافين، استادن جي تمام وڏي انگ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن هن پروگرام کي تمام گهڻو ساراهيو، شهدادڪوٽ شهر جي تاريخ ۾ هي پنهنجي قسم جو پهريون ۽ منفرد پروگرام هو. ايوارڊ وٺندڙن خوشي جو اظهار ڪيو.

هن تقريب جو خرچ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو (صدر شاخ شهدادڪوٽ) ۽ سگا جي ميمبرن ممتاز علي پتي، ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار، عبدالوحيد پتي، عبدالرشيد چانڊيو، سنيل ڪمار چاهڙيا ادا ڪيو.



# تقريب حلف وفاداري

(2015ع کان 2018ع)

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي سال 2015ع کان 2018ع تائين لاءِ نون چونڊجي آيل عهديدارن ۽ بي ايم سي جي ميمبرن کي ڊاڪٽر عبدالستار وڏو (چيئرمين اليڪشن ڪميٽي سگا شاخ شهدادڪوٽ) تاريخ 30 آگسٽ 2015ع بروز آچر ليبر هال شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي پنهنجي عهدي جو حلف کڻايو.

**هيٺين عهديدارن پنهنجي پنهنجي عهدي جو حلف کنيو**

| | |
|---|---|
| صدر: | پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو |
| نائب صدر: | سنيل ڪمار چاهڙيا |
| جنرل سيڪريٽري: | پروفيسر احسان الله جمالي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | حق نواز سومرو |
| خزانچي: | سليم اختر لاشاري |
| اطلاعات سيڪريٽري: | انور علي سيال |

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

عبدالحنان شيخ، محمد ڪليم الله شاهه، عبدالوحيد پتي، غلام الله چانڊيو، هادي بخش منگي، ممتاز علي پتي.

حلف برادري جي تقريب پروفيسر عبدالحڪيم پتي جي ناگهاني طور وفات، پروفيسر ارشد علي سومرو (ميمبر سگا شاخ شهدادڪوٽ) ۽ پروفيسر نصير احمد سومرو جي سئوٽ جي وفات ۽ ميان فيروز الدين (ميمبر سگا شاخ) جي ويجهي عزيز جي وفات جي سبب انتهائي سادگي سان ادا ڪئي وئي. حلف وفاداري کڻڻ کان اڳ مرحومين جي ايصال خاطر سوره اخلاص پڙهي سندن روح کي بخشيو ويو، دعاءِ خير سيد محمد ڪليم الله شاهه گهري. تقريب ۾ سگا جي 40 کن دوستن شرڪت ڪئي، خرچ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ڊاڪٽر عبدالستار وڏي ادا ڪيو.

# اسان جو شاهه پروگرام

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ پاران شهدادڪوٽ شهر ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان اسان جو شاهه جي نالي ثقافتي تعليمي ڪانفرنس گورنمينٽ گرلس ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ڪوٺائي وئي.هن تقريب ۾ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ (ر) ڪئپٽن انوار الحق، اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادڪوٽ امداد علي ابڙو، سگا جي مرڪزي اڳواڻ ولي محمد روشن، پروفيسر خالد حسين چنا، پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو، عبدالرسول سومرو، ٽي اي او آپا بادشاهزادي، پيرل خان ڪوسو، جاويد احمد اُنڙ، ڊگري ڪاليج جي پرنسيپال پروفيسر احسان الله جمالي، سنيل ڪمار چاپڙيا، ممتاز علي پٽي، انور علي سيال، حق نواز سومرو، ميان فيروز الدين، سليم اختر لاشاري، محترمه ناهيد ڪهاوڙ، آپا غلام صغريٰ، پروفيسر سيد گل محمد شاهه سميت تعلقي جي مختلف پرائمري کان ڪاليج سطح تائين 96 اسڪول ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي شرڪت سان گڏ استادن، وڪيلن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪري لطيف ۽ لطيف جي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت سان محبت جو اظهار جو ثبوت ڏنو.

اسان جو شاهه ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته لطيف سنڌي ٻوليءَ جو رکوالو آهي، جنهن جي شاعري جي ڪري اڄ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت ساهه کڻي رهي آهي. هنن چيو ته لطيف جي شخصيت گهڻ رخي ۽ گهڻ پاسائين ڪان مٿي آهي، هو انسانيت جو علمبردار ۽ ساڄاهه وندن جو رهبر ۽ رهنما آهي. سندن چوڻ هو ته لطيف جي شاعري هڪ پيغام ۽ سندن زندگيءَ اسان لاءِ مشعل راهه آهي. مقررن چيو ته اڄ جي شاگرد لاءِ ضروري آهي ته هو نصابي تعليم سان گڏ لطيف جي الهامي شاعريءَ جو



پڻ مطالعو ڪن. ڇاڪاڻ ته سندس شاعري مان اڪابري، امن، محبت، ڀڏي، انسانيت ۽ حب الوطني جو درس ملي ٿو.

ڪانفرنس ۾ تعلقي جي مختلف 96 اسڪولن جي شاگرياڻين ۽ شاگردن تقريري مقابلي سميت ٻين چٽاپيٽي جي مقابلن ۾ پڻ حصو ورتو، جڏهن ته ٻارڙن ثقافتي لباس ۾ سنڌي گيتن تي جهمريون هنيون. شاگردن ۽ شاگردياڻين عمر ماروي سميت ٻين مشهور سنڌي لوڪ داستانن تي ٺاهيل ثقافتي ٽيبلوز پيش ڪري ڀرپور داد ماڻيو. مختلف مقابلن ۾ 150 پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام طور اجرڪ، ٽوپي، ميڊل، شيلڊن سميت ٻيا انعام ڏنا ويا.

ان موقعي تي ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ انوار الحق سگا جي روشن تارا اسڪول لاءِ سرڪاري طور پلاٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڊي سي چيو ته تعليم هر شخص جو حق آهي جيڪو ڪيس ملڻ گهرجي. ڊي سي جو چوڻ هو ته حڪومت خاص طور تي سنڌ جي پٽ تي پيل علائقن جي تعليم لاءِ بهتر قدم کنيا آهن. جنهن ڪري سنڌ اندر سوين بند پيل اسڪول کليا آهن. سندس چوڻ هو ته تعليم جي واڌاري لاءِ استاد، شاگرد ۽ والدين کي گڏجي جاکوڙڻو پوندو.

# سنڌي ٻولي سيمينار2016ع

تاريخ 20 فيبروري 2016ع بروز ڇنڇر تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ طرفان سنڌي ٻولي سيمينار گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي ميمبرن کان علاوه شهدادڪوٽ ۽ آس پاس جي سياسي سماجي، قومي اڳواڻن، اُستادن، پروفيسرن، سڄاڻ ذرين ۽ صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي،

هن سيمينار ڪي پروفيسر الطاف حسين قادري، پروفيسر منظور حسين چڇڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي جي سربراهه پروفيسر رياضت حسين ٻرڙو، پروفيسر رضوان گل پناڻ صاحب سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن (سگا) جي مرڪزي اڳواڻ پروفيسر خالد حسين سگا شاخ شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ سيٺ قمر الدين شيخ، سگا شاخ شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر احسان الله جمالي ۽ پريس سيڪريٽري انور علي سيال خطاب ڪيو.

ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته سنڌي نصاب ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق ناهڻ جي ضرورت آهي، اسان ڪي ڪنهن به ٻئي زبان ڪي سمجهڻ لاءِ پهريائين مادري ٻولي ڪي سُٺي نموني سمجهڻ جي ضرورت آهي، سنڌي ٻوليءَ ڪي هڪ سازش تحت پٺتي ڌڪيو ويو آهي، حقيقت ۾ اسان جي دفتري ٻولي سنڌي هجڻ ڪپي، ان لاءِ ضروري آهي ته نصاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪي لازمي قرار ڏنو وڃي.

مقررين وڌيڪ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌي ٻولي زبان سان تمام وڏيون زيادتون ٿيون آهن ۽ ٿي رهيون آهن. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي مختلف قومون حملہ آور ٿيون، انهن قومن سنڌ وارن تي پنهنجي ٻولي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي قومون پاڻ تباهه ٿي ويون، جڏهن ته سنڌ سلامت آهي ۽ سنڌي ٻولي به سلامت آهي. هن وقت به اهڙي قسم جا حملا ۽ ڪوششون جاري آهن پر سنڌي ٻولي وٽ شاهه عبداللطيف رحه جهڙو روحاني ۽ آفاقي شاعر موجود آهي جيڪو پنهنجي شاعري ۾ نه صرف سنڌ جي ڳالهه ڪري ٿو پر سموري دنيا جي ڳالهه ڪري ٿو ان جي صدقي سنڌي ٻولي سلامت رهندي.



# عورتن جو عالمي ڏينهن 2016ع

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ پاران 8 مارچ عورتن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان هڪ پروگرام سائينٽيفڪ پبلڪ اسڪول ۾ زير صدارت پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو صدر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي ٿي گذريو، جنهن ۾ مهمان خاص ميڊم ناهيد ڪهاوڙ، پروفيسر فضل محمد عمراڻي، صنم ناز جوڻيجو سي اي سي (CEC) سگا مرڪز، حق نواز سومرو، سليم اختر لاشاري، پروفيسر فدا حسين جوڻيجو ۽ وڏي تعداد ۾ عورتن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي پروفيسر عبدالرشيد خانواهي عورت جي عظمت بابت شاعري ٻڌائي.

هن پروگرام ۾ آءِ بي اي (IBA) طرفان هيڊ مسٽريس جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ فرح ناز پٽي، بي بي عذرا، نور العين ڪوسو، فائز مستوئي، حنا لانگاهه ۽ صبا مهراڻ وڏو ڪي مجتا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تعليم جي ميدان ۾ بهترين نتيجا حاصل ڪندڙ الماس شيخ، ماروي مگسي، صنم مگسي، ثنيه جوڻيجو، عصمه وڏو، رقيه مگسي ۽ صنم چانڊيو ڪي مجتا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. سوشل سيڪٽر ۾ سماجي خدمت عيوض ميڊم ناهيد ڪهاوڙ ڪي مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. ان موقعي تي ڳالهائيندي مهمانن چيو ته عورت اسان جي معاشري جو اهم حصو آهي ليڪن اڻبرابري ۽ قبائلي سماج ۾ انهن ڪي پنهنجا حق صحيح نموني نه ٿا ڏنا وڃن، جيڪا ساڻن ناانصافي آهي، جيستائين عورتن ڪي صحيح تعليم حاصل نه ٿيندي تيستائين انهي جي ترقي ۽ بهتري اچڻ جي اُميد نه آهي.

# سماجي اڳواڻ جو تربيتي ورڪشاپ

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي سهڪار سان بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد طرفان هڪ روزه سماجي اڳواڻن جي تربيتي ورڪشاپ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ٿي. هن ورڪشاپ ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، استادن ۽ مختلف ادارن جي سربراهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ورڪشاپ کي اسلامي يونيورسٽيءَ اسلام آباد جي پروفيسر ڊاڪٽر طالب حسين سيال، پروفيسر ڊاڪٽر محمود عزنوي، پروفيسر ڊاڪٽر عزيز الرحمنٰ، پروفيسر ڊاڪٽر شهزاد چنا، علي طارق، محمد اسماعيل ۽ شهدادڪوٽ جي پروفيسر سيد گل محمد شاهه ۽ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي صدر (سگا) شاخ شهدادڪوٽ خطاب ڪيو.

ان موقعي تي ڳالهائيندي مقررين عالمي ڀائيچاري، مساوات ۽ عالم اسلام ۾ اتحاد ۽ يڪجهتيءَ تي زور ڏيندي چيو ته اختلاف ۽ بگاڙ کي دور ڪرڻ جي وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته مذهب جي نالي تي دهشتگردي ۽ قتل و غارتگري کي اسلام رد ڪري ٿو ۽ ڪنهن به اسلامي فرقي کي ڪافر چوڻ يا ڪنهن کي قتل ڪرڻ غير اسلامي آهي ۽ اهڙو عمل قابل نفرت آهي، ورڪشاپ کي خطاب ڪندي مقررين وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سرندي وارا اڳتي وڌي ڪم ڪن ته هن معاشري ۾ برائين جي پاڙ پٽي سگهجي ٿي ۽ اسان کي ٻين علمن سان گڏ سائنسي ۽ سماجي علمن ۽ ڪمن ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان سان غربت ۽ جهالت کي ختم ڪري سگهجي ٿو. ورڪشاپ جي پڄاڻي تي شرڪاءَ کي سرٽيفڪيٽ ۽ ڪتابن جا تحفا ڏنا ويا. هن پروگرام جي ڪري مختلف سماجي ۽ علمي ادارن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۾ معاشري



۾ پنهنجي حيثيت، اهميت ۽ ذميوارين جو احساس پيدا ٿيو. هن پروگرام جو خرچ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي طرفان ادا ڪيو، ڪتاب، سرٽيفڪيٽ دعويٰ اڪيڊمي ۽ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد طرفان ڏنا ويا.

# ٽيچرس ٽريننگ پروگرام

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جي سهڪار سان ادارهٔ تعليم و آگاهي پاران شهدادڪوٽ تعلقي جي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري اسڪولن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ عورت ماسترياڻين جي ٽئن ڏينهن (21 کان 24 مارچ 2016ع تائين) جو تربيتي پروگرام گورنمينٽ سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. هن تربيتي پروگرام ۾ ادارهٔ تعليم و آگاهي پاران ميڊم نصرت بيگم چانڊيو، انتظار حسين ڪوسو، فهد احمد ڪوسو جڏهن ته سگا شهدادڪوٽ طرفان پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو، ميڊم نور العين ڪوسو ماسٽر ٽرينر جا فرض سر انجام ڏنا. هن تربيتي پروگرام ۾ مختلف اسڪولن جي چاليهه (40) ماسترياڻين تعليم، نفسيات، نصاب، نگراني ۽ انتظامي موضوعن تي تربيت حاصل ڪئي. آخري ڏينهن (24 مارچ 2016ع) تي اختتامي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص آپا بادشاهزادي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (فيميل) تعلقه شهدادڪوٽ ۽ صنم ناز جوڻيجو ميمبر سي اي سي سگا (مرڪز) هيون. تقريب کي ميڊم نصرت بيگم چانڊيو، ميڊم نورالعين ڪوسو، انتظار حسين ڪوسو، پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو صدر شاخ شهدادڪوٽ ۽ جنيد احمد سومرو پڻ خطاب ڪيو. آخر ۾ ٽريننگ حاصل ڪندڙ شرڪاءَ کي سگا

شهدادڪوٽ ۾ اداره تعليم و آگاهي طرفان سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ڏنا ويا. پروگرام جو خرچ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي ۽ جنرل سيڪريٽري پروفيسر احسان الله جمالي ادا ڪيو.

## غريب مستحقين ۾ نون ڪپڙن جي ورهاست 2016ع

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ پاران تاريخ 25 جون 2016ع تي ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجو، ڳوٺ بخشل کوسو ۽ ڳوٺ حاجي خان بروهي ۾ عيدالفطر جي پر مسرت موقعي تي 215 غريب ۽ مستحق ماڻهن ۾ نوان ڪپڙا ورهايا ويا. هن پروگرام جي ڪري 215 غريب خاندانن جي خوشين ۾ اضافو ٿيو ۽ هو پنهنجي عيد وڌيڪ سهڻي نموني ادا ڪرڻ جي لائق ٿيا. هن پروگرام جو سگا شاخ شهدادڪوٽ جي صدر پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي طرفان ادا ڪيو.

## چمڙي جي بيمارين ۽ شگر ٽيسٽ ڪئمپ 2017ع

تاريخ 14 مئي 2017ع بروز آچر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ شهدادڪوٽ طرفان ٻي هڪ روزه ڊاڪٽر محمد صالح شيخ مفت چمڙي جي بيمارين ۽ شگر ٽيسٽ جي ڪئمپ، گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ واڊپ (WADep) ڪراچي جي سهڪار سان لڳائي وئي. ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر منظور حسين ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڪراچي جي هيٺين ماهر ڊاڪٽرن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.



1. ڊاڪٽر جاويد اقبال حسين
2. ڊاڪٽر اياز حسين شيخ
3. ڊاڪٽر پرمانند
4. ڊاڪٽر اقبال احمد
5. ڊاڪٽر سنتوش ڪمار بوداڻي
6. ليڊي ڊاڪٽر شاهين

انهي ڪان علاوه ٽيڪنيشن ۾ انجنيئر گلزار احمد، جنيد جعفري، عامر احمد شيخ، عنايت الله سومرو ۽ ملڪ فياض پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته سگا جي ميمبرن ۽ معاونن مان محترم صنم ناز، جوڻيجو ميمبر سي اي سي سگا مرڪز، پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو، سنيل ڪمار چاٻڙيا، پروفيسر احسان الله جمالي، ميان فيروز الدين، پروفيسر عبدالرشيد چانديو، حق نواز سومرو، سليم رضا لاشاري، انور علي سيال، غلام الله چانديو، پروفيسر منور علي جوڻيجو، عبدالوحيد پيٽي (وڪيل)، ممتاز علي پيٽي، محمد اسحاق ڪمبوهه، غلام سرور سومرو، پروفيسر فدا حيسن جوڻيجو، پروفيسر طارق حسين خشڪ، عطا الله جوڻيجو، معراج الدين جوڻيجو ڪان علاوه سگا شاخ اسلام آباد جي ميمبر شاهجهان جمالي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.

هن ڪئمپ ۾ يارهن سئو ڇاونجاهه (1156) اسڪن جي مريضن ۽ ٽي سئو اٺونجاهه (358) شگر جي مريضن يعنيٰ ٽوٽل پندرنهن سئو چوڏنهن (1514) مريضن جو مفت چڪاس ۽ ٽيسٽون ڪري ڪين دوائون ڏنيون ويون. هن ڪئمپ ۾ سورنهن (16) شگر جي نون مريضن جي تشخيص ٿي.

ڪئمپ جي اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر منظور حسين ميمڻ چيو ته مون کي اندازو ڪو نه هو ته هن گرمي جي موسم

۾ ايتري تعداد ۾ مريضن جي شرڪت ٿيندي، هن اعلان ڪندي چيو تہ آئنده سگا شهدادڪوٽ ڪي فيبروري مهيني ۾ ڪئمپ ڪنداسين.

پروفيسر عبدالجبار جوٽيجي پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽرن جو شڪريو ادا ڪندي چيو تہ سيني ڊاڪٽرن آخري مريضن جي ڏسڻ تائين ڪنهن بہ قسم جي تڪڙ جو اظهار نہ ڪيو ۽ سيني مريضن ڪي پنهنجي علاج ڪان دل و جان سان مطمئن ڪيائون. هن وڌيڪ چيو تہ احتياط نہ ڪرڻ سبب بيماريون وڌي رهيون آهن، اسپتالن ۾ سهولتن جي اڻهوند آهي، بي پهچ ماڻهن جي واهر نہ ٿي ٿئي تنهن ڪري سگا وقت بہ وقت مختلف ڪئمپون لڳائڻ جو اهتمام ڪري رهي آهي تہ جيئن وڌ ڪان وڌ ماڻهو بيمارين ڪان بچي سگهن.

پروفيسر احسان الله جمالي خطاب ڪندي چيو تہ سگا جي هميشہ ڪوشش رهي آهي تہ عوام ڪي مختلف بيمارين ڪان نہ صرف آگاهي ڏئي پر ان جو علاج بہ مهيا ڪري، ضرورت آهي تہ اهڙن ڪئمپن جو اهتمام هر هنڌ ڪيو وڃي، هزارن جي تعداد ۾ مريضن جو پهچڻ ظاهر ڪري رهيو آهي تہ هنن ڪئمپن جي ڪيتري ضرورت آهي. آخر ۾ محترمہ صنم ناز جوٽيجو ميمبر سي اي سي سِگا مرڪز پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سگا هميشہ غريبن ۽ بي پهچ ماڻهن جي مدد لاءِ سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ضرورت آهي تہ ادارن ڪي مستحڪم ڪيو وڃي. اسپتالن ۾ سهولتون معيا ڪيون وڃن تہ جيئن وقت سر علاج مهيا ڪري سگهجي.

هن ڪئمپ ڪي شهرين وڏي تعداد ۾ وزٽ ڪيو. صحافي حضرات بہ وڏي تعداد ۾ هن ڪئمپ ڪي پنهنجي دلچسپي جو اظهار ۽ رپورٽنگ ڪندي ڊاڪٽرن ۽ سگا جي عهديدارن ۽ مريضن ڪان انٽرويو ڪيائون. هن ڪئمپ جي ڪري سنڌ ۽ بلوچستان جي هزارين ماڻهن ڪي چمڙي ۽ شگر



جي مرض بابت آگاهي، جاڳرتا ۽ علاج مليو. هن ڪئمپ خرچ ڊاڪٽر محمد صالح، مير غيبي خان مغيري، انيل ڪمار گرناڻي، چندر لعل ناگديو ۽ پروفيسر عبدالجبار جوٽيجي (صدر سگا شاخ شهدادڪوٽ) ادا ڪيو.

## اکين جي علاج لاءِ مفت ڪئمپ 2019ع

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان چوويهين "سائين غلام مصطفيٰ وڏو" جي ياد ۾ مفت اکين جي ٽن ڏينهن واري ڪئمپ پي سي بي (PCB) سيل ڪراچي جي سهڪار سان 14 ڪان 16 جنوري 2019ع تائين تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ لڳائي وئي. ڪئمپ ۾ مشهور ۽ تجربي ڪار ڊاڪٽرن جي ٽيم ڊاڪٽر عبدالستار وڏي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪم ڪيو. ڊاڪٽر الله ڏنو ٽنيو، ڊاڪٽر ڪنعيہ لال، ڊاڪٽر نعيم احمد ڪٽپر ۽ ڊاڪٽر درشن ڪمار شامل هئا. ڊاڪٽرن اکين جي مريضن جي چڪاس ڪري آپريشن ڪيا ۽ دوائون ڏنيون. ڪئمپ تي جملي 2512 مريضن جي او پي ڊي ٿي. 330 مريضن جا ڪامياب آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا. ڪئمپ ۾ آيل اڪثر مريضن جو تعلق سنڌ ۽ بلوچستان جي ڏوراهن علائقن ڪاڇي جي پٽي ۽ بلوچستان جي علائقن وڍ، خضدار، ڊيرا مراد جمالي، ٽيپل، جهل مگسي، اوستا محمد ۽ ٻين شهرن سان هيو. ڪئمپ جو افتتاح سگا جي چيئرمين رفيق احمد جعفري ڪيو، ان موقعي تي پيرل خان ڪوسو وائيس چيئرمين، خالد حسين چنا سيڪريٽري جنرل، رفيق احمد سرهيو سيڪريٽري صحت، ڪرم الاهي چنا ميمبر سي اي سي، پروفيسر بخش علي چانديو ميمبر سي اي سي، محترم حاڪم علي اوٺو، ميمبر سي اي سي، تاج محمد وساڻ ميمبر سي اي سي، ۽ سنڌ جي مختلف سگا شاخن جي عهديدارن صحافين ۽ شهر جي معززين پڻ شرڪت ڪئي.

هن ڪئمپ ۾ پي سي بي سيل ڪراچيءَ طرفان نياز حسين ميمڻ ۽ زاهد حسين بيچوهو جي سربراهيءَ ۾ 12 ٽيڪنيشنس تي مشتمل ٽيم خدمتون سرانجام ڏنيون. ان کان علاوه 5 پرائمري استادن محڪم الدين خشڪ، نصرالله ڪوسو، برڪت علي پتي، علي شير مرڪند، سراج احمد ڪوسو، 6 رضاڪارن ياسر عباس جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ سگا جي ساٿين مان انور علي سيال، حق نواز سومرو، فدا حسين جوڻيجو، طارق حسين خشڪ، سليم اختر لاشاري، ميان فيروز الدين ميڪڻ، عبدالجبار جوڻيجو، غلام الله چانڊيو، هادي بخش منگي، افتخار حسين سومرو، ممتاز علي پتي، احسان الله جمالي، اظهر حسين سيال، منور علي جوڻيجو، سنيل ڪمار چاڇڙيا، عبدالرشيد چانڊيو، انيل ڪمار گرناڻي، عبدالوحيد پتي پڻ رضاڪاراڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

## مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن تي تقريب 2019ع

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان 24 فيبروري 2019ع تي اسٽينڊرڊ پبلڪ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۽ زندگيءَ متعلق پيغام “ جي عنوان هيٺ ليڪچر رکيو ويو. ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙو ليڪچر ڪار هو. ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙي پنهنجي ليڪچر ۾ زندگيءَ کي شاهه سائين جي شاعري جي عڪس ۾ سمجهائي ڏني جنهن سان سيني ٻڌندڙن تمام گهڻو لاڀ حاصل ٿيو. پروگرام ۾ موجود سگا جي عهديدارن مادري ٻوليءَ جي حوالي سان تقريرون ڪيون. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.



## وڻڪاري مهم 2019ع پهريون مرحلو

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شهدادڪوٽ شاخ طرفان 21 مارچ 2019ع تي بهار جي آمد تي وڻڪاري مهم جي شروعات ڪئي وئي، پهرين ڏينهن تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ٻوٽا لڳايا ويا، هن مهم جي اڳواڻي سگا شهدادڪوٽ جي صدر محترم انور علي سيال، ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي ۽ جنرل سيڪريٽري فدا حسين جوڻيجي ڪئي. اڳواڻن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ٻوٽا لڳائي مهم جي شروعات ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن وڻڪاري مهم جي اهميت تي روشني وڌي. ان موقعي تي سگا جي اڪثر ميمبرن شرڪت ڪئي، آخر ۾ سنڌ جي سالميت، امن امان ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي.

## وڻڪاري مهم 2019ع ٻيون مرحلو

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان 24 جولاءِ 2019ع تي وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ سگا اڳواڻن گورنمينٽ هاءِ اسڪول اميد علي خان جوڻيجو شهدادڪوٽ ۾ ٻوٽا پوکيا. جنهن ۾ سگا شهدادڪوٽ شاخ جي جنرل سيڪريٽري فدا حسين جوڻيجي سميت اسڪول جي استاد، شاگردن ۽ شاگردياڻين پڻ ٻوٽا پوکيا.

## شاهه جي شاعري ۾ عورت جو مقام جي عنوان هيٺ ليڪچر

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان اسٽينڊرڊ پبلڪ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي نسبت سان ”شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو مقام “ ۽ شاهه جي شاعريءَ ۾ همت ۽ جستجو“ جي عنوان هيٺ 14 آڪٽوبر 2019ع تي ليڪچر ڪيو ويو. پروفيسر

عبدالجبار جوڻيجو ۽ پروفيسر عبدالرشيد خانواهي ليڪچر ڏنو. پروگرام جي صدارت سگا شهدادڪوٽ شاخ جي نائب صدر حق نواز سومري ڪئي ۽ خاص مهمان صنم ناز جوڻيجو (سيڪريٽري عورتن جي ڀلائي سگا مرڪز) هئي. ان موقعي تي ليڪچر ڪندي پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي ۽ پروفيسر عبدالرشيد خانواهي چيو ته شاهه نه فقط سنڌ پر هر خطي ۽ هر دور جو شاعر آهي، چاڪاڻ ته هو ڪائناتي سچ جو شاعر آهي. سندس شاعري ۾ هر موضوع موجود آهي. هر ماڻهو ڪيس پنهنجي پنهنجي فڪر سان ضرور ڏسي ٿو پر شاهه ڪنهن به هڪ مڪتب فڪر جو شاعر نه پر شاهه سائين اجتماعي فڪر جو شاعر آهي، سندس سموري شاعري همت، جستجو ۽ محنت جي فلسفي سان سرشار آهي، وٽس عورت جو مقام ايڏو ته مٿانهون آهي. جنهن جو اندازو يا ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي. ان موقعي تي صنم ناز جوڻيجو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته لطيف سائين اسان جي زندگي جي هر شعبي ۾ رهنمائي ڪري ٿو ۽ اسان ڪي زندگي جو فلسفو سمجهائي ٿو. تقريب ۾ اسڪول جي استادن، شاگردن، شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

## عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سيمينار 13 عورتن کي ايوارڊ ڏنا ويا

عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سگا شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي شاخ ۽ ٻين مختلف تنظيمن طرفان لاڙڪاڻي جي هڪ هوٽل ۾ سيمينار تي گذريا. مرڪزي سيمينار سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان ٿي گذريو. جنهن ۾ ”اڄ جي عورت ۽ اسان جو سماج“ جي عنوان هيٺ سيمينار ٿيو. سيمينار ۾ سگا جي چيئرمين رفيق احمد جعفري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ جي عورت سجاڳ آهي ۽ پنهنجي حقن جي جنگ وڙهي رهي آهي. سگا عورتن جي حقن جي حمايت ڪري ٿي ۽



جدوجهد ۾ انهن سان گڏ آهي. حڪومت عورتن جي حقن ۽ تحفظ لاءِ تمام گهڻا قانون پاس ڪيا آهن. سگا جي سيڪريٽري جنرل خالد حسين چنا پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ناانصافين، تشدد، غير قانوني جرڳن ۽ ننڍي عمر جي شادين جهڙا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن. عورتن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ۾ سگا به شامل آهي. سگا لاڙڪاڻي ڪان پوءِ سنڌ جي مختلف ڊويزنل سطح تي اهڙا سيمينار ڪرائڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل ايڊووڪيٽ ڪلپنا ديوي چيو ته سماج جا معيار تبديل ٿي ويا آهن. اسان اڳ ۾ هندو مسلمان گڏجي ڪائيندا پيئندا هئاسين اسان جون ريتون رسمون به گڏ هيون پر هاڻي هندستان ۾ مودي راڄ پيدا ٿي پيو آهي، جنهن ڪري هندو مسلمانن ۾ ويڇا وڌايا پيا وڃن پر اسان اڄ به پائرن جيان رهون ٿا. ۽ انهن تعلقاتن ڪي رجيح ڏينداسين. هندستان ڪي پاڪستان سان جنگ بند ڪري ٻنهي ملڪن جي عوام ڪي هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت سان رهڻ ڏنو وڃي. وومين ڊولپمينٽ شعبي سگا جي سيڪريٽري صنم ناز چيو ته سگا عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ عورتن سان هر وک تي گڏ آهي، عورتون اسان جي سماج جو سرگرم حصو آهن. عورتن ڪان سواءِ ترقي اڌوري آهي، ان موقعي تي آپا نور جهان عباسي، آپا حڪيمه ڪهڙو، علينا نثار يوٿ پارليامينٽ اڳواڻ ۽ ائين جماعت جي شاگردياڻي مٿال سومرو، سگا جي سيڪريٽري انفارميشن عبداللطيف ڪرٽيو، سيد جاويد شاهه، نياز حسين جاگيراڻي ۽ وومين ڊولپمينٽ کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر شمع پروين پڻ تقريب کي خطاب ڪيو. ان موقعي تي زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ 13 عورتن کي تعليمي، صحت ۽ سماجي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا. جن ۾ لاڙڪاڻي جي مس عابده پناڻ، شهدادڪوٽ جي مس سمن ٻوداڻي، (پهرين قليتي سول جج) ۽ شانل ڪوسو، ڪشمور جي شازيه عارف، وارهه

جي شهزادي آريجو، لاڙڪاڻي جي ڪلپنا ديوي ايڊووڪيٽ ۽ آپا نورجهان عباسي اڳوڻي ڊي اي او سيڪنڊري، شڪارپور جي آپا صفيه خان عباسي، باڊهه جي سيما سنجراڻي، نئين ديري جي آپا حڪيمه کهڙو، ميروخان جي نعمت چانڊيو، قمبر جي بيبي باگڙياڻي، ۽ ٺُل جي بشيران بانو شامل هيون. هنن جي صحت، تعليمي ۽ سماجي شعبن ۾ شاندار ڪارڪردگي هئي. ان ڪان اڳ مهمانن کي اجرڪ اوڍايا ويا. سيمينار ۾ سگا لاڙڪاڻو، شڪارپور، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، ڪمبر شهدادڪوٽ، ميروخان، باڊهه، وارهه، ٺُل، نئون ديرو ۽ رتوديرو ۽ ٻين شاخن جي عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

## صحافي ۽ شاعر ضمير ڪرل لاءِ تعزيتي ميڙاڪو 2019ع

سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان صحافي ۽ شاعر ضمير ڪرل جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو 27 آڪٽوبر 2019 ع تي ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ شهر جي مختلف سياسي، سماجي، علمي، ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪان علاوه شهر جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

سگا جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل پروفيسر خالد حسين چنا تقريب جو خاص مهمان هو. اُن موقعي تي هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ضمير جي صحافت ۽ شاعري ۾ سڪ ۽ سچائي هوندي هئي، جو هو پري هوندي به گڏ گڏ هوندو هو. اڄ به يقين نه ٿو اچي ته هو اسان ڪان وڇڙي ويو آهي. هن چيو ته ضمير ڪرل جو فڪر ۽ جدوجهد هميشه پڙهندڙن کي رهنمائي ۽ روشني مهيا ڪندي رهندي، تقريب ۾ پروفيسر طارق حسين خشڪ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شهدادڪوٽ، سپلا اڳواڻ پروفيسر عبدالجبار جوٽيجي، پروفيسر عبدالرشيد چانڊيي، پروفيسر فدا حسين جوٽيجي، ڪامريڊ عبدالوهاب پندراڻي، عبدالوحيد پيٽي، پروفيسر فضل محمد عمراڻي، ساجد ڪرل، شاهد حسين اعواڻ، الله داد خُشڪ، انور علي سيال، محمد صديق ابڙي، طالب حسين سومري، پروفيسر منور علي



جوٽيجي، پروفيسر احسان الله جمالي، ميان فيروزالدين ميڪڻ ۽ حق نواز سومري ضمير ڪرل جي شخصيت جي مختلف رُخن ۽ خدمتن تي روشني وڌي ۽ ڀيٽا پيش ڪئي.

## مادري ٻولين جي حوالي سان سيمينار 2020ع

سگا شهدادڪوٽ طرفان مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان سنڌي ٻولي سيمينار 10 مارچ 2020 ع تي مين پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ٿي گذريو. ان موقعي تي پروفيسر ڪي ايس ناگپال مادري ٻولين جي اهميت تي ليڪچر ڏنو ۽ پروفيسر عبدالجبار جوٽيجو اڳوڻو صدر سگا شهدادڪوٽ شاخ پڻ ٻوليءَ تي پنهنجا ويچار ونڊيا. سيمينار جي ڪاروائي سگا شهدادڪوٽ شاخ جي جنرل سيڪريٽري فدا حسين جوٽيجو هلائي. سيمينار ۾ استادن، صحافين، شاگردن ۽ شهر جي ٻين ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

1:_ پاڪستان ۾ ڳالهائيون ويندڙ مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي.

2:_ ٽئين درجي کان آسان سنڌي پڙهائي وڃي.

3:_ سڀني يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبو قائم ڪيو وڃي.

4:_ شاه لطيف جي فن ۽ فڪر کي مضمون طور پڙهايو وڃي.

5:_ سنڌ ۾ هلندڙ سڀني پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي مضمون پڙهايو وڃي، سنڌي نه پڙهائيندڙ اسڪولن جي رجسٽريشن ختم ڪئي وڃي.

6:_ پاڪستان جي سڀني صوبن ۾ جتي سنڌي ماڻهن جو مناسب تعداد هجي اتي سنڌ حڪومت کي سنڌي ڪلاسن جو مناسب بندوست ڪرڻ گهرجي.

## سگا شاخ شهدادڪوٽ جا ساٿي سگا مرڪز ۾

| | |
|---|---|
| 01:_ نظام الدين سومرو | مرڪزي نائب صدر (1981 ع کان 1982 ع تائين) |
| 02:_محمد صديق ابڙو | مرڪزي سيڪريٽري انفارميشن (2009 ع کان 2012 ع) |
| 03:_ خالد حسين چنا | مرڪزي سيڪريٽري تعليم (2012 ع کان 2015 ع) |
| 04:_ خالد حسين چنا | ميمبر سي اي سي (2015 ع کان 2018 ع) |
| 05:_صنم نازجوڻيجو | ميمبر سي اي سي (2015 ع کان 2018 ع) |
| 06:_ خالد حسين چنا | مرڪزي سيڪريٽري جنرل (2018 ع کان 2021 ع) |

07:_ صنم نازجوڻيجو مرڪزي سيڪريٽري عورتن جي ڀلائي جو شعبو
(2018 ع کان 2021 ع)



## سگا مرڪز طرفان سگا شاخ شهدادڪوٽ جي ساٿين کي مڃتا / ايوارڊ

| | |
|---|---|
| 01:_ محترم الھورايو قريشي | (سند ايوارڊ) |
| 02:_ محترم نظام الدين سومرو | ( شيلڊ ) |
| 03:_ محترم هادي بخش منگي | (سلور ميڊل) |
| 04:_ خالد حسين چنا | (شيلڊ) |
| 05:_ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو | (شيلڊ) |
| 06:_محترمہ صنم نازجوڻيجو | (شيلڊ) |
| 07:_ خالد حسين چنا | (گولڊميڊل) |
| 08:_ ڊاڪٽر عبدالستار وڏو | (شيلڊ) |
| 09:_ پروفيسر احسان الله جمالي | (شيلڊ) |
| 10:_ ڊاڪٽر عبدالستار وڏو | (گولڊميڊل) |

# 1978ع کان 2021ع تائين عهديدارن جو تفصيل

## 1978ع

صدر: الله ورايو قريشي

نائب صدر: محمد اسلم شيخ

جنرل سيڪريٽري: عبدالستار قاضي

جوائنٽ سيڪريٽري: محمد يونس ڏيٽو

خزانچي: مختيار احمد شيخ

اطلاعات سيڪريٽري: نهال الدين خاصخيلي

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

اشرف ڪهاوڙ، دلشاد پٽو، علي اڪبر شيخ، پير بخش پٽي، الله بخش منگي، هري رام ، عبدالستار چانڊيو.

**

## 1979ع

صدر: الله ورايو قريشي

نائب صدر: محمد اسلم شيخ

جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناهؒ

جوائنٽ سيڪريٽري: سردار خان چانڊيو

خزانچي: محمد حسن

اطلاعات سيڪريٽري: اڪبر علي شيخ

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

اشرف ڪهاوڙ، عبدالستار سومرو، شوڪت علي سومرو، نظام الدين سومرو، پير بخش پٽي، اختر حسين شيخ، عبدالستار چانڊيو.



## 1980ع

صدر: الهواريو قريشي

نائب صدر: محمد اسلم شيخ

جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناهؒ

جوائنٽ سيڪريٽري: سردار علي چانڊيو

خزانچي: شوڪت علي سومرو

اطلاعات سيڪريٽري: احمد علي چانڊيو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

1.نظام الدين سومرو، 2.اشرف علي ڪهاوڙ ،3. گيان چند 4. بچو مل، 5.عبدالستار سومرو، 6.پير بخش پٽي، 7.اختر حسين شيخ

**

## 1981،82ع

صدر: الهواريو قريشي

نائب صدر: محمد اسلم شيخ

جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناهؒ

جوائنٽ سيڪريٽري: الله بخش منگي

خزانچي: شوڪت علي سومرو

اطلاعات سيڪريٽري: عبدالستار چانڊيو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

1.نظام الدين سومرو، 2.محمد صالح شيخ، 3. گيان چند،4. بچو مل 5.احمد علي چانڊيو، 6.غلام مصطفيٰ شيخ، 7.اختر علي،8عبدالغفار شيخ

## 1983_84ع

صدر : الله ورايو قريشي
نائب صدر : محمد اسلم شيخ
جنرل سيڪريٽري : محمد حسن پناڻ
جوائنٽ سيڪريٽري : رياض سومرو
خزانچي : شوڪت علي سومرو
سيڪريٽري اطلاعات : احمد علي چانديو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

نظام الدين سومرو، ڊاڪٽر محمد صالح، گيانچند، بچو مل، عبدالغفار شيخ، اختر علي شيخ، غلام مصطفيٰ وڏو، الله بخش منگي، غلام مصطفيٰ شيخ.

❋❋

## 1985_86ع

صدر: الله ورايو قريشي
نائب صدر: محمد اسلم شيخ
جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناڻ
خزانچي: شوڪت علي سومرو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

نظام الدين سومرو، ڊاڪٽر محمد صالح، گيانچند، بچو مل، غلام مصطفيٰ وڏو، نظام الدين شيخ، امداد علي چانديو، شرف الدين سومرو، ڪنيہ لعل وڪيل.



## 1987_88ع

صدر: محمد اسلم شيخ
نائب صدر: بچا رام
جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناڻ
جوائنٽ سيڪريٽري : غلام مصطفيٰ وڏو
خزانچي: شوڪت سومرو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

الهورايو قريشي، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، گيانچند، قادر بخش شيخ.

❋❋

## 1989_90ع

صدر: محمد اسلم شيخ
نائب صدر: بچا رام
جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناڻ
جوائنٽ سيڪريٽري : غلام مصطفيٰ وڏو
خزانچي: شوڪت سومرو

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

الهورايو قريشي، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، گيانچند، قادر بخش شيخ.

## 1991_93ع

صدر: محمد اسلم شيخ

نائب صدر: محمد صالح شيخ

جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناھ

جوائنٽ سيڪريٽري: محمد ظفر قريشي

خزانچي: دين محمد پرگڙي

اطلاعات سيڪريٽري: اختر علي شيخ

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

محمد مراد ڪٽياڻ، غلام مصطفيٰ وڏو، ديوان گيانچند، محمد پناھ ڪهاوڙ، رياض احمد سومرو، شوڪت علي سومرو، الھواريو قريشي، عبدالفتاح پٽي، غلام عباس چنو

## 1995_94ع

صدر: هادي بخش منگي

نائب صدر: مولانا محمد يوسف شيخ

جنرل سيڪريٽري: محمد حسن پناھ

جوائنٽ سيڪريٽري: ظفر علي قريشي

خزانچي: واجد حسين سيال

اطلاعات سيڪريٽري: ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

الھورايو قريشي، ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، محمد مراد ڪٽياڻ، امداد علي خان چانڊيو، غلام مصطفيٰ وڏو، قادر بخش شر، غلام عباس چنو، سريش ڪمار، بشير احمد سومرو.



## 1996_97ع

صدر: هادي بخش منگي

نائب صدر: راجا گرڏتو

جنرل سيڪريٽري: نذير احمد سومرو

جوائنٽ سيڪريٽري: سيف الله سومرو

خزانچي: يوسف علي پٽي

اطلاعات سيڪريٽري: سليم الله قاضي

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، شفقت حسين وڏو، ڪامريڊ ولي محمد، محمد اعظم جروار، نذير احمد شيخ، ڊاڪٽر غلام حسين ٽنيو، بشير احمد منگي، قربان علي وڏو، شير محمد عباسي

## 1998_99ع

صدر: گل حسن ڪوکر

نائب صدر: غلام الله شيخ

جنرل سيڪريٽري: نذير احمد سومرو

جوائنٽ سيڪريٽري: محمد حسن ٻبر

خزانچي: غلام عباس چنا

اطلاعات سيڪريٽري: ولي محمد منگي

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

ممتاز علي وڏو، غلام سرور قريشي، شاهنواز شيخ، ممتاز علي پٽي، منور علي ڪوري، طارق حسين شيخ، هادي بخش منگي، عبدالستار وڏو، قربان علي وڏو.

## 2000_02ع

صدر: ڊاڪٽر شاهنواز شيخ

نائب صدر: ڊاڪٽر امير بخش شيخ

جنرل سيڪريٽري: ممتاز علي وڏو

جوائنٽ سيڪريٽري: گل حسن ڪوڪر

پريس سيڪريٽري: نثار احمد ڪوسو

خزانچي: محمد حسن ڀير

### ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

غلام مصطفيٰ، محمد اعظم جروار، سُذير احمد سومرو، محمد اسحاق مغيري، ممتاز علي ڀٽي، ڊاڪٽر عبدالستار وڏو، نادر علي شيخ، ڊاڪٽر محمد مراد چوڊيو، حبيب الله شيخ.

## 2002_04ع

صدر: ڊاڪٽر شاهنواز شيخ

نائب صدر: سڪندر علي شيخ

جنرل سيڪريٽري: گل حسن ڪوڪر

جوائنٽ سيڪريٽري: محمد صديق ابڙو

خزانچي: هادي بخش منگي

اطلاعات سيڪريٽري: نذير احمد ڪوسو

### ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

خالد حسين چنا، زاهد حسين شيخ، غلام سرور قريشي، غلام الله چانڊيو، نذير احمد سومرو، غلام مصطفيٰ وڏو، ممتاز علي ڀٽي.



## 2004_06ع

صدر: پروفيسر خالد حسين چنا

نائب صدر: پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو

جنرل سيڪريٽري: ايشور لال

جوائنٽ سيڪريٽري: ستياپال

خزانچي: سليم اختر لاشاري

اطلاعات سيڪريٽري: عبدالوحيد قاضي

### ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

شاهنواز شيخ، راجا گرڏنو، محمد صديق ابڙو، گل حسن ڪوڪر، علي حسن سومرو، متاز علي ڀٽي، محمد مراد چوڊيو.

## 2006_09ع

صدر: گل حسن ڪوڪر

نائب صدر: نظير احمد سومرو

جنرل سيڪريٽري: ايشور لال ناگديو

جوائنٽ سيڪريٽري: هادي بخش منگي

خزانچي: احسان الله جمالي

اطلاعات سيڪريٽري: راجا گرڏنو ناگديو

### ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر

ڊاڪٽر محمد صالح شيخ، منور علي ڪوري، عبدالله شيخ، ممتاز علي ڀٽي، خالد حسين چنو، پاون داس، محمد اعظم جروار، سليم اختر لاشاري، سڪندر علي شيخ، محمد صديق ابڙو

## 2009_12ع

صدر : عبدالجبار جوڻيجو

نائب صدر: هادي بخش منگي

جنرل سيڪريٽري: .خالد حسين چنا

جوائنٽ سيڪريٽري: نذير احمد سومرو

خزانچي: احسان الله جمالي

اطلاعات سيڪريٽري: سليم اختر لاشاري

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

محمد صالح شيخ، محمد مراد چانڊيو، محمد صديق ابڙو، ايشور لال ناگديو، غلام الله چانڊيو، منور علي ڪوري، ممتاز علي پٽي، سڪندر شيخ.

**

## 2012_15ع

صدر : عبدالجبار جوڻيجو

نائب صدر : انور علي سيال

جنرل سيڪريٽري: احسان الله جمالي

جوائنٽ سيڪريٽري: حق نواز سومرو

خزاچي: سليم اختر

اطلاعات سيڪريٽري: چندر لال

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

محمد صالح، هادي بخش منگي، خالد حسين چنا، محمد صديق ابڙو، ايشور لال، ممتاز علي پٽي، ڪليم الله شاهه، وزير علي ابڙو، غلام الله چانڊيو.



## 2015_18ع

صدر : عبدالجبار جوڻيجو

نائب صدر: سُنيل ڪمار

جنرل سيڪريٽري: احسان الله جمالي

جوائنٽ سيڪريٽري: حق نواز سومرو

خزانچي: سليم اختر لاشاري

اطلاعات سيڪريٽري: انور علي سيال

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

هادي بخش منگي، نذير احمد سومرو، عبدالحنان شيخ، محمد ڪليم الله شاهه، خالد حسين چنا، عبدالوحيد پٽي، ممتاز علي پٽي، غلام الله چانڊيو، ثناءُ الله، صنم ناز جوڻيجو.

## 2018_21ع

صدر : انور علي سيال

نائب صدر: حق نواز سومرونائب

جنرل سيڪريٽري: پروفيسر فدا حسين جوڻيجو

جوائنٽ سيڪريٽري : پروفيسر طارق حسين خشڪ

خزانچي: سليم اختر لاشاري

اطلاعات سيڪريٽري: ميان فيروزدين ميڪڻ

**ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر**

پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو، هادي بخش منگي، پروفيسر خالد حسين چنا، اظهر علي سيال، سُنيل ڪمار چاپڙيا، غلام الله چانڊيو، چندر لال، پروفيسر افتخار حسين سومرو، صنم ناز جوڻيجو.

# سگا شهدادڪوٽ جي

# ڪجهہ ساٿين جي زندگي

# جا مختصر خاڪا

سگا شھدادڪوٽ ۽ جيڪب آباد جو ڪنوينر ۽ ڪراچي شاخ جو اڳواڻ

# محترم اشرف علي کھاوڙ

سگا جو سرگرم، ڪاھوڙي ڪردار اشرف علي کھاوڙ 5 مئي 1953ع ۾ امداد محلو شھدادڪوٽ (ان وقت ضلعو لاڙڪاڻو موجوده قمبر شھدادڪوٽ) ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو خان صاحب امداد حسين خان کھاوڙ آھي.

اشرف کھاوڙ جن شروعاتي تعليم پنھنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ 1970ع ۾ مئٽرڪ جي تعليم لطيف آباد حيدرآباد جي مسلم ھاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. تنھن کان پوءِ 1972ع ڌاري مسلم ڪاليج حيدرآباد مان انٽرميڊيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. جڏھن ته اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخلا ورتائين جتان 1975ع کان 1977 جي عرصي دوران بي.اي. آنرز اڪنامڪس، ايم.اي.آنرز اڪنامڪس ۽ ايل.ايل.بي جي ڊگري شاندار نمبرن سان حاصل ڪري پوري يونيورسٽي ۾ شاندار ڪارڪردگي حاصل ڪئي.

اھڙيءَ طرح سندس اعليٰ ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي سال 70_1969 جي ڏھاڪي ۾ مسلم ھاءِ اسڪول لطيف آباد شاگرد سنگت جو بنا مقابلي صدر چونڊجي آيا. تنھن بعد 75_1974ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو يونٽ ۾ بطور جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. اھڙيءَ ريت سندس ڪاميابين جي سفر ۾ 76_1975ع ۾ شاگرد يونين سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جا جنرل سيڪريٽري منتخب ٿيا انھيءَ سان گڏوگڏ انھيءَ ئي عرصي دوران جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پارلياماني بورڊ



واسطي اليڪشن شاگرد سنگت، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، مھراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ چانڊڪا يونيورسٽي لاڙڪاڻو جا چيئرمين پڻ رھيا. تنھن کان پوءِ 77_1975ع ۾ سيڪريٽري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪائونسل آف ڪاليج يونين جا ريپريزنٽيٽوز رھيا ۽ گڏوگڏ 77_1975ع ۾ چيف آرگنائيزر جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن بڻيا. 77_1976ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا چيف اليڪشن ڪمشنر پڻ رھيا.

هو 1978ع ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ادبي سنگت شھدادڪوٽ جو صدررھيو. ھن پيربخش ڀٽي جنرل سيڪريٽري گڏ جي آيسر عبدالواحد ---آغا قمر ۽ ٻين ڪي گھرائي سياسي ۽ ثقافتي پروگرام ڪرايو ھيو. سندس ڪوشش سان يادگار پروگار ٿيو، جنھن ۾ ناميارين فنڪارائون زرينا بلوچ ۽ عابده پروين پھريون ڀيرو شھدادڪوٽ آيون ھيون.

اشرف علي کھاوڙ جن جو سياست ۾ پڻ مُک ڪردار رھيو آھي. پاڻ پنھنجي زندگي جي سفر ۾ سياست سان دلچسپي رکندي سياسي ورڪر طور 1978ع ۾ PNAپاڪستان قومي اتحاد_9 ستاري شھداد ڪوٽ جا ڪنوينئر رھيا. اھڙيءَ ريت ڪاميابين جو سفر جاري رکندي سماج سڌارڪ جو شوق پيدا ٿيس ۽ 1978ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان سماجي ورڪر جي حيثيت سان خدمتن جو سفر جاري رکيو آھي. پاڻ 1978ع ۾ سگا شھدادڪوٽ شاخ جا ڪنوينئر ۽ 1982ع ۾ سگا جيڪب آباد شاخ جا ڪنوينر پڻ بڻيا. 93_1992ع ۾ سگا ڪراچي شاخ (مڌر برانچ) جا جنرل سيڪريٽري رھيا. تنھن کان پوءِ 9 سال جي ڊگھي عرصي دوران ٽي ڀيرا سگا ڪراچي شاخ جا صدر پڻ رھيا آھن.

اشرف کهاوڙ صاحب 1994_96ع گريجوئيٽس ايسوسيئيشن آف پاڪستان رجسٽرڊ اين.جي.او جا سيڪريٽري جنرل رهيا. ان کان علاوه 2018_19ع ۾ انٽيليڪچوئل جنرلسٽ ڪائونسل آف پاڪستان صوبي سنڌ جا چيئرمين بڻيا. 2019_20ع ۾ IJCOP (انٽيليڪچوئل جنرلسٽ ڪائونسل آف پاڪستان) جا سيڪريٽري جنرل طور خدمتون سنڀالي رهيا آهن.

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ نهايت ملنسار، خوش اخلاق، ايماندار ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار طبيعت رکندڙ واحد شخصيت آهن جنهن کي سماج سڌارڪ جو مهندار ڪوٺجي ته غلط ثابت نه ٿيندو. سندس جي اعليٰ سماجي خدمتن جي عيوض ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. جيڪي هن جي اعليٰ صلاحيتن جو واضح ثبوت آهن.



جاکوڙي ڪردار

## سائين نظام الدين سومرو

سنڌ ۾ شهدادڪوٽ جو علائقو سياسي، سماجي، علمي ادبي ۽ ثقافتي حوالي سان تمام گهڻو اهم رهيو آهي. ان کان علاوه سنڌ ۽ بلوچستان سرحد وٽ گهٽ آبادي هجڻ باوجود وڏو واپاري مرڪز رهيو آهي. شهدادڪوٽ جي اولهه ۾ ڪيرٿر جبل جون اونچيون قطارون آهن، اتر ۾ ڳڙهي خيرو ۽ جيڪب آباد ضلعي جا علائقا آهن، اولهه ڏکڻ ۾ چانڊين واري جاگير غيبي ديرو اٿس ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ قمبر ۽ لاڙڪاڻو جهڙا مشهور تاريخي شهر ۽ سنڌو درياهه واقع اٿس. هيءُ شهر اتر سنڌ ۾ خاص طور تي چانورن جي واپار جو مرڪز رهيو آهي. هتان جا چانور بنگال ۽ انڊيا سميت دنيا جي مختلف شهرن ۽ ڏيهن تائين ويندا هئا .

موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي تعلقي شهدادڪوٽ ۾ ڪيترين ئي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي شخصيتون ٿي گذريون آهن جن مان ڪي مشهور آهن ته ڪي وري گمنام آهن. اهڙين وساريل شخصيتن مان نظام الدين سومرو جي شصخيت پڻ هڪ آهي. شهدادڪوٽ جي هيءَ اها شخصيت آهي جنهن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ هن جي باري ۾ شهر جي تمام ٿورڙن ماڻهن کي خبر هوندي. نظام الدين سومرو جي والد جو نالو حاجي در محمد سومرو آهي. هن جو گهراڻو مذهبي ۽ پيري مريدي وارو هو. نظام الدين جو چاچو ۽ سُهرو ملان گل محمد شهدادڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪارڙا ۾ صُوفي خواجه احمد (وفات 1903ع) جو مجاور هوندو هو. خواجه احمد سومرو، نوشهرو فيروز جي صُوفي بزرگ ۽ شاعر شاهه نصيرؒ جو طالب هو. اهو ئي سبب آهي جو تر جا ڪيترائي ماڻهو ملان گل محمد سومري کان دعا گهرائيندا هئا. نظام

الدين جي امڙ امان شاهل سومرو گهر ۾ قرآن شريف پڙهائيندي هئي. ان ڪري هن جي خاندان کي علائقي جا ماڻهو عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا .

سائين نظام الدين سومرو 2 فيبروري 1940ع ۾ پيدا ٿيا. شهدادڪوٽ ۾ 1942 واري ٻوڏ کان وٺي 1944ع ۽ 1948ع واري دور تائين لاڳيتو ٻوڏون پيئي آيون. ماڻهن جو واسطو گهڻو ڪري زراعت تي هو. ان ڪري غربت ۽ پريشانيون تمام گهڻيون هيون. 1965ع واري پاڪ ڀارت جنگ به ماڻهن جي ذهنن تي اڻ مٽ ڇٽ ڇڏيا. اهڙي طرح سياسي سماجي ۽ مذهبي حالتون به عروج تي هيون . نظام الدين سومرو کي ڄمڻ کان وٺي اهڙيون حالتون ڏسڻيون پيون جنهن ۾ ڏک ئي ڏک هجن. نظام الدين سومري 1958ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ان کانپوءِ ڪاليج مان انٽر سائنس ۾ ڪيائين. غريب هجڻ ڪري وڌيڪ تعليم جاري نه رکي سگهيو. نظام الدين پوليس ۾ ڀرتي ٿيو پر ڪجهه ئي عرصي ۾ پوليس جي نوڪري ڇڏي سن 1966ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ گودائون ڪيپر ٿيو. نيشنل بئنڪ جو ان وقت مينيجر گل محمد چنا هو. جيڪو علم ادب ۽ ادبي محفلن جو شوقين هوندو هو. ان زماني ۾ شهدادڪوٽ شهر ۾ ادبي محفل ٿيندي هئي جنهن ۾ تر جا مختلف شاعر گڏ ٿيندا هئا. نظام الدين کي لکڻ پڙهڻ جو اڳ ۾ ئي شوق هيو. علم ادب وارن جي محفلن ۾ ويهي ماڻهن سان خوش اخلاقي سبب جلد گل محمد چنا ۽ ٻين جي صحبت ۾ سندن ويجهو ٿيڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ شاهه عبداللطيف سوسائٽي قائم ڪئي وئي هئي. جنهن جو صدر خانبهادر پير بخش خان کهاوڙ کي ڪيو ويو. گل محمد چنا ۽ ٻين سائين جي ڪوشش سان شهدادڪوٽ ۾ ڪاليج قائم ٿيو. جنهن جو بنياد غلام مصطفيٰ شاهه کان رکرايو ويو.



نظام الدين سومري کي سماجي ڪمن ڪرڻ جي اهڙي نه جوت چڙهي جو گل محمد چنا کان به قدم اڳتي وڌي ويو. هن علائقي ۽ شهر ۾ ڪيئي سماجي ڪم ڪيا. ڏينهن رات غريب ماڻهن جي مدد ڪيائين. علمي ادبي ۽ ثقافتي ميڙاڪا ڪوٺرايائين.

شبينا تعليم بالغان سينٽر قائم ڪيائون جيڪو اڳتي هلي نظاميه نائيٽ اسڪول بڻيو.

شاهي بازار شهدادڪوٽ ۾ دڪانن مٿان جڙيل تعليم بالغان مرڪز نظاميه نائيٽ اسڪول پنهنجي مدد پاڻ تحت هلندو هو. شام جو ڪيترائي اڻ پڙهيل ماڻهو اچي لکڻ ۽ پڙهڻ سکي روزي روٽي لائق بڻيا ۽ چڱي زندگي گذارڻ لڳا. ڪيترن ئي خاندان جي زندگي بهتر ٿئي. محمد اسلم شيخ موجب نظاميه نائيٽ اسڪول کي ويتنامي اسڪول به چوندا هئا. ڇاڪاڻ جو ڪچي ڇت ڪڙڪا ڪندي هئي پر پوءِ به اتي پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم ۽ ڪيترائي علمي ادبي پروگرام ٿيندا هئا.(ڪتاب يادن جي خوشبو، محمد اسلم شيخ ، صفحو نمبر 51)

شروعات ۾ نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ مسٽر الهه ورايو قريشي، مسٽر سجاول خان وڌو، سائين سيتل داس لاڙڪاڻي وارو، علي عباس لانگاهه، محمد حسن پناڻ ۽ شوڪت علي سومرو شام جو سج لٿي کان رات جو دير تائين غريب، پورهيت ۽ مزدورن کي پڙهائيندا هئا. ان دوران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (SGA) شاخ شهدادڪوٽ جي آفيس به نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ قائم ڪئي وئي چو ته محمد حسن پناڻ 1979ع کان 1992ع تائين اڪثر طور تي سگا شاخ شهدادڪوٽ جو جنرل سيڪريٽري ۽ شوڪت علي سومرو به اڪثر طور تي شاخ جو عهديدار رهندو آيو هو. سگا شهدادڪوٽ شاخ جون تنظيمي گڏجاڻيون ۽ پروگرام به اڪثر نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ ٿيندا هئا. تنهن ڪري نظام

الدين، محمد حسن پناڻ، محمد اسلم شيخ، الھورايو قريشي، شوڪت علي سومرو ۽ اشرف ڪهاوڙ اهڙن ساٿين جو جٿو هو جيڪي شهدادڪوٽ ۾ علمي ادبي ۽ سماجي ترقي لاءِ عملي ڪم ڪندڙ هئا.

05 آگسٽ 1978ع تي سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ شهدادڪوٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنر محترم خواجه حاجي محمد جعفري خصوصي شرڪت ڪئي. سگا جي ساٿين گڏجي مهمان خاص جي آڏو سپاس نامو پيش ڪيو ۽ شهر جي سماجي ڪمن ۾ ڀهري وٺڻ لاءِ خدمتون پيش ڪيون. 3 جولاءِ 1980ع تي نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ سنڌ جي هاڪاري عالم مرزا قليچ بيگ جي ورسي ملهائي وئي. 18 آگسٽ 1980ع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڏهاڙو ملهايو ويو. اهڙي طرح سگا شهدادڪوٽ جون سرگرميون سائين نظام الدين سومري جي قائم ڪيل نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ سائين نظام الدين ۽ ساٿين جي دلچسپي جي ڪري ڪيترائي سال روان دوان رهيون. سگا جو ٽيون ڪنوينشن 24 نومبر 1978ع ۾ دادو ۾ ٿيو جنهن ۾ نظام الدين سومري سان گڏ شاخ جي صدر سائين الھورايي قريشي ۽ محترم محمد اسلم شيخ (وقتي جنرل سيڪريٽري) ۽ ٻين ساٿين شرڪت ڪئي. نظام الدين سومري جي سگا جي سرگرمين ۾ سنجيدگي سان حصو وٺڻ ۽ هر ننڍي وڏي پروگرام ۾ شامل ٿيڻ سبب سگا مرڪز ۾ 5 جولاءِ 1980ع جي اجلاس ۾ نائب صدر(مرڪز) مقرر ڪيو ويو. جيڪو سگا شهدادڪوٽ شاخ لاءِ وڏو اعزاز هو (ڪتاب سگا سهائي صفحو نمبر 19)

سگا شهدادڪوٽ طرفان ساٿين جي گڏيل ڪوشش سان صحت جي ميدان ۾ به ڪافي سرگرميون ٿينديون هيون. اهو ئي سبب آهي جو سگا جي 8 سالگره ۽ ادبي ايوارڊ جي تقريب 1980ع جي صدارتي



خطاب ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب مهمان خاص عزت ماب جسٽس غوث علي شاهه صاحب سان مخاطب ٿيندي ٻڌايو ته صحت جي ميدان ۾ سگا پاران مفت طبي مشوري جا مرڪز گڏريل ٻن سالن کان حيدرآباد، موري، لاڙڪاڻي، شهدادڪوٽ، شڪارپور، گهوٽڪي راڌيپور، پٽ شاهه، شهدادپور ۽ بدين ۾ ڪم ڪري رهيا آهن (حوالو: ڪتاب سگا سڪ سمونڊ" صفحو نمبر 32) ۽ سگا شهداد ڪوٽ طرفان انهن ڏينهن ۾ ڊرگ بئنڪ (Drug Bank) قائم ڪئي وئي هئي، جتي غريب مسڪين ماڻهن کي نه صرف چڪاسيو ويندو هو پر دوا به مفت فراهم ڪئي ويندي هئي. (سگا سڪ سمونڊ صفحو نمبر 33)

ڪتاب سگا سهائي جي صفحي نمبر 22 تي لکيل آهي ته 26 مارچ 1981ع تي راڌيپور ۾ سگا جي پنجين ساليانى ڪنوينشن جي موقعي تي مرڪز جون ترميم ٿيل آئين تحت چونڊون ٿيون جن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ چيئرمين
محمد نظر ميمڻ وائيس چيئرمين
نظام الدين سومرو وائيس چيئرمين
ولي محمد روشن سيڪريٽري جنرل

اهڙي طرح ٻيا به عهديدار چونڊيا ويا ۽ ساٿين ۾ ائسوسيئيشن جا ڪم ورهايا ويا. جناب نظام الدين سومري کي شهدادڪوٽ، نئين ديري، لاڙڪاڻي، موري، قمبر، ڪنڌڪوٽ ۽ نصيرآباد جي ساٿين سان رابطي جي ذميواري رکي وئي. سگا جي ٻين ساٿين تي به اهڙي طرح ذميواريون رکيون ويون. سيڪريٽري جنرل سگا محترم ولي محمد روشن ڇهين ساليانى ڪارڪردگي 16 اپريل 1982ع تي سکر ۾ ٻڌائيندي چيو ته 16 عهديدارن کي انتظامي ڪم ورهائي ڏنو ويو هو. انهن سونپيل ڪمن

مان جن عهديدارن پنهنجي ڪم ڪي نڀايو. انهن ۾ صرف نظام الدين سومرو، فضل الله قريشي ۽ خليل ميمڻ قابل ذڪر آهن. (ڪتاب سگا سهائي صفحو نمبر 22)

سگا جو ستون ساليانو ڪنوينشن 15 اپريل 1983ع مهراڻ هاسٽل موري ۾ ٿيو، جتي سيڪريٽري جنرل محترم ولي محمد روشن صاحب سگا جي سال 1982ع جي ڪارڪردگي بيان ڪندي ايوان کي ٻڌايو ته ڪراچي ۾ سي ايس ايس ڪلاس ۽ شهدادڪوٽ ۾ بالغن جي تعليم جو سينٽر (نظاميه نائيٽ اسڪول) نمايان حيثيت رکن ٿا. (ڪتاب، سگا سهائي صفحو نمبر 25)

نظام الدين سومري صاحب ۽ ساٿين جي محنتن جي ڪري سڄي اجلاس ۾ ڪم جي واکاڻ ڪئي وئي. نظام الدين سومرو عوامي جدوجهد وارو ماڻهو هو ۽ شهر جي سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ نهايت مصروف رهندو هو. ويتر وري سگا مرڪز طرفان سڄي سنڌ جا سور سيني ۾ سانديو وتندو هو. پنهنجي ناچاڪي ۽ بيماري جو روڳ ڪنهن تي به عيان ٿيڻ نه ڏيندو هو. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار جي ڪري سردي ۽ گرمي هن تي اثر نه ڪندي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن 1983ع جولاءِ ۾ جنرل ضياءَ الحق سگا جهڙي مقصد ۽ رضاڪار اداري تي اها پابندي هنئي ته ڪوبه حڪومت ۾ نوڪري وارو ماڻهو سگا جو ميمبر نه ٿو ٿي سگهي. سگا جي وڌندڙ مقبوليت ۽ ان طرفان عام ڀلائي جي ڪمن جي تيز رفتاريءَ کان ڊڄي سنڌ سان ازلي بغض رکندڙ مخصوص ٽولي جي ڪجهه اڳواڻن هن تنظيم تي تعصب، صوبي پرست ۽ ملڪ دشمني جا بي بنياد الزام مڙهڻ شروع ڪيا.( ڪتاب، جنهن دل پيتا عشق دا جام، پروفيسر مظهر الدين ميمڻ، صفعو نمبر 24)

پر سگا جا باشعور ساٿي ڪٿي ٿا مُڙن! ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سماجي ڪم پيا ڪندا رهندا هئا. سائين نظام الدين سومرو صاحب



انهن سختي وارن ڏينهن ۾ به سگا جو ڪم ڪار سڄي سنڌ ۾ ڪندو هو ۽ مرڪزي اڳواڻن سان رابطي ۾ رهندو هو. هن کي سگا سان جذباتي لڳاءُ هيو. هو ڳوٺ سڌار سنگت ۾ به سرگرم رهيو. ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن کي انهن جي مسئلن ۽ حل بابت ٻڌائيندو هو. سائين خان محمد پنهور سان به ڏاڍي لڳندي هيس جيڪو ڳوٺ سڌار سنگت جو روح روان هو. نظام الدين سومرو پاڻ سان لڳل ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري جي پرواهه نه ڪندي معاشري کي لڳل ڪينسر سان بهادريءَ سان وڙهندي وڙهندي گلن واري مٽي ۾ خوشبوءَ وانگر سمائجي ويو. هو 19 آگسٽ 1978 ۾ هي فاني جهان ڇڏي ويو.

سگا جا اڳواڻ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ ٻيا تر جا سڀ ساٿي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيا. 15 آگسٽ 1987ع تي شهدادڪوٽ شاخ جي ساٿين گڏجاڻي ڪري 21 آگسٽ 1987ع تي تعزيتي ميڙاڪو سڏايو، جنهن ۾ سائين نظام الدين سومري جي زندگي، ڪم ۽ ڪردار بابت ڪيس زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو. ان ويهڪ ۾ سائين خان محمد پنهور خصوصي طور تي شرڪت ڪئي.

سگا جي مرڪزي اڳواڻ محترم غلام حسين بلوچ چواڻي ته نظام الدين سومري سان اڪثر گڏجاڻين ۾ ملاقات ٿيندي هئي. هن جي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، مظهرالدين ميمڻ ۽ خان محمد پنهور سان گهڻي ويجهڙائپ هوندي هئي. انهن ٻڌايو ته ڳوٺان اچڻ ڪانپوءِ، سوير پهچڻ ڪري هو اڪثر ڪري اچي رمپا پلازه جي مسجد يا آفيس ٻاهران سمهي پوندو هو. هڪ دفعي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب هن کان پڇيو ته هو گهڻو چپ چپ ڇو هو. هن ڪنهن کي به نه ٻڌايو ته شهدادڪوٽ کان ڪراچي سگا آفيس ايندي هن جو کيسو ڪٽجي ويو هو ۽ هن وٽ ڳوٺ واپس وڃڻ لاءِ پئسا ڪونه هئا پر ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب هن

جي ويجهو هو، تنهن کي سندس زور ڪرڻ تي حقيقت جي خبر پئي. اهڙي طرح نظام الدين کي واپسي جا پئسا ڏنا ويا. هو خوددار ۽ سچو سماج سڌارڪ هو ۽ سگا جو ڪم عين عبادت سمجهي ڪندو هو، آخري دم تائين سگا تي پابندي ۽ سنڌين سان سُورن وارو سُور سيني ۾ ڪنيو ويو. نظام الدين پنهنجي حياتي ظلم ۽ جهالت واري نظام کي بدلائڻ لاءِ هڪ مثالي نظام الدين ٻڌجي سوين مشعلون ٻاري پنهنجو وارو وڄائي ويو. نظام الدين سومرو، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ سگا جي ساٿين سان پرامن ترقي يافته سنڌ جو اميد پريي پوکيل ٻوٽي جي آخري دم تائين آبياري ڪندو رهيو.

**مددي ڪتاب**


1 . يادن جي خوشبوءِ، محمد اسلم شيخ شهدادڪوٽي
2 . سگا سهائي، سهيرينڊڙ اشارت حسين ميمڻ
3 . سگا سڪ سمونڊ ، سهيڙيندڙ ماسٽر حيدر بخش
4. جنهن دل پيتا عشق دا جام، مرتب علي محمد ميمڻ
5. شاداب شهدادڪوٽ، محمد اسلم شيخ


**



### حقيقي سماج سڌارڪ

## استاد محمد حسن پناڻ

شهدادڪوٽ شهر جي بنيادي رهاڪو ماڻهن مان ڪنهن نه بزرگ کان اوهان پڇندا ته اوهان کي مست گو شو اگهاڙو فقير، علو ڪدڙو، چيتوءَ جا سموسا، سانوڻ جا پڪوڙا، ديوان گلاب جا پڳڙا، ڪاڪي موج جا دال جا پن، رسُولي ۽ نانگي جي مِٺائي، تِتُون جي ڏهي، ڏيڏر فقير جا چرچا وغيره جا ذڪر تعريف سان ڪندا. اهڙي ئي نموني ڪيترائي هنرمند ماڻهو به هن تر جا مشهور هئا، جن لاءِ ماڻهو پري پري کان اچي انهن کان شيون وٺندا يا ٺهرائيندا هئا. انهن محنتي جفاڪش هڏڏوڪي هنرمند ماڻهن منجهان شهدادڪوٽ شهر جي پراڻي اناج منڊي تي لوهارڪا دوڪان محمد پناه، علي حسن، گل حسن پناڻ ۽ محمد حسن پناڻ جن جا مشهور هوندا هئا. جن جا ڏاتا ۽ ڪهاڙيون تمام گهڻيون مشهور هيون. جڏهن به لاباري جي موسم ايندي هئي ته پري پري کان ماڻهو استاد محمد حسن پناڻ جي دڪان تان ڏاتا ۽ ڪهاڙيون وٺڻ ايندا هئا .

استاد محمد حسن پناڻ جي پيدائش شجاڻپ ڪارڊ موجب 01 مارچ 1941ع ۾ ٿي. استاد محمد حسن پناڻ کي ٽي ڀائر هئا. محمد پناه، علي حسن ۽ گل حسن جيڪي لوهارڪو ڪم ڪندا هئا. استاد محمد حسن پناڻ جا هٿ ننڍا هئڻ ڪري معذوري سبب ڀائر هن کان لوهارڪو ڪم نه ڪرائيندا هئا پوءِ اڳتي هلي وقت ۽ حالات جي مناسبت سان هن کي به لوهارڪو ڪم ڪرڻو پيو. استاد محمد حسن کي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ نالي حاجي عبدالقادر پناڻ آهي جيڪي اڄڪلهه حيدرآباد ۾ رهن ٿا. استاد محمد حسن پناڻ ڪجهه وقت ناڪي منشي ٻڌيو پوءِ ميونسپالٽي چيئرمين جي ڦڏن ڪري نوڪري ڇڏي ڏنائين. لوهارڪي

دڪان مان ئي گهر جو سفر بسر ڪرڻ لڳو. هن پرائيويٽ طور تي B.A ڪئي ۽ LLB ۾ شوڪت سومري ۽ اياز حسين سومري (MPA) سان گڏ داخلا ورتائين. استاد محمد حسن پوءِ LLB وچ ۾ ڇڏي ڏني.

سائين نظام الدين سومرو ۽ استاد محمد حسن پنهوڻ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا ۽ گهاٽا دوست هئا. ڪم ڪار ۽ گهمڻ ڦرڻ به گڏ هوندو هئن. پنهنجن ماڻهن لاءِ ڀلائي ۽ خير وارا ڪم پيا ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪراچي ڪنهن ڪم سانگي ويا اُتي ڏٺائون ته هڪ جڳهه تي نائيٽ اسڪول جو بورڊ لڳل هو. پوءِ اچي شهدادڪوٽ ۾ لال شهباز قلندر نائيٽ اسڪول کوليائون جيڪو اڳتي هلي مرحوم استاد محمد يوسف سومري جي چوڻ تي 1975 ع ۾ نظاميه نائيٽ اسڪول تي رجسٽرڊ ٿيو.

سائين نظام الدين پنهنجي دوستن جي ڪوشش سان شاهي بازار جي دڪانن مٿان مزدورن ۽ غريبن، هوٽلن تي ڪم ڪندڙن، ٻيڙي ڪاريگرن لاءِ تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ان جو نالو نظاميه نائيٽ اسڪول رکيو ويو. جيڪو وڏي عمر جي نوجوانن کي بنيادي تعليم ڏئي لکڻ پڙهڻ سيڪاري پرائيوٽ امتحان ڏياري روزي روٽي جي قابل ڪرڻ لائق بڻائيندو هو. محمد حسن پنهوڻ ۽ شوڪت حسين سومرو 1975 ع کان وٺي 1995 ع تائين مسلسل نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ پڙهائيندا رهيا. اهي پاڻ مختلف غريبن مزدورن وٽ وڃي انهن کي رات جو ڪم کان فارغ ٿي پڙهڻ لاءِ چوندا هئا. انهن کي پڙهي اڳتي ترقي ڪرڻ لاءِ اتساهه پريندا هئا. سوين شاگرد اڄ به نظاميه نائيٽ اسڪول کي ياد ڪندا آهن، جتي انهن جي زندگيءَ ۾ انقلابي تبديلي آئي. نظاميه نائيٽ اسڪول کي ويٽنامي اسڪول به چوندا هئا ڇاڪاڻ ته ڪچي ڇت ڪڙڪا ڪندي هئي پر پوءِ به ڪيترائي ميڙاڪا ۽ مقابلا لڳا پيا هوندا هئا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شهدادڪوٽ سان تعلق رکندڙ استاد محمد حسن پنهوڻ بابت اڪثر ماڻهو بيخبر هوندا ته استاد محمد



حسن پنهوڻ سگا شهدادڪوٽ جو سڀ کان وڏيڪ رهندڙ جنرل سيڪريٽري هو. 1979 کان وٺي 1995 ع تائين سگا شهدادڪوٽ شاخ طرفان هر سرگرمي جو روح روان هو. سگا مرڪز طرفان هدايتن تي ڪاميابي سان عمل ڪرائي ساٿين سميت پروگرامن ۽ ڪنوينشن ۾ ڀرپور شرڪت ڪندو هو. ساٿين سان ڏک سک، شادي غمي ۾ گڏ رهيو. سگا مرڪز جي پروگرامن ۽ حڪمن کي ڪاميابي سان عملي جامو پهرائڻ ۾ وسان ڪونه گهٽائيندو هو.

24 نومبر 1978 ع ۾ دادوءَ ۾ سگا جو ٽيون ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ ساٿين محمد اسلم شيخ، الهورايو قريشي، نظام الدين سومرو، محترم سردار علي چانڊيو، پروفيسر ڪنعيه لعل سان گڏ شامل ٿيو. اهڙي طرح هر ڪنوينشن ۽ پروگرام ۾ استاد محمد حسن پنهوڻ مختلف ساٿين سميت شامل ٿيندو رهيو. 05 آگسٽ 1978 ع تي سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ شهدادڪوٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنر محترم خواجه حاجي محمد جعفري خصوصي شرڪت ڪئي. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين مهمانن جي خدمت ۾ سپاسنامه پيش ڪيو ۽ شهر جي سماجي ڪمن ۾ ڀرپور گڏجاڻي ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي ۽ صحافي برادري شرڪت ڪئي. 14 سيپٽمبر 1979 ع تي مهراڻ اسڪول ۾ مفت طبي ڪئمپ لڳرائي وئي، جنهن ۾ 335 مريضن کي مفت طبي مشورا ۽ علاج ڪيو ويو. سگا شهدادڪوٽ ادبي سنگت جي ٻي ڪچهري يادگار رهي، جنهن جي صدارت بهترين شاعر جناب گل حسن ٻرڙي پرنسيپال گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ ڪئي. ان پروگرام ۾ آس پاس جي ڪيترن ئي شاعرن شرڪت ڪئي. سگا شهدادڪوٽ 03 جولاءِ 1980 ع سٽي نظاميه نائيٽ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ مرزا قليچ بيگ جي ورسي ملهائي. جنهن ۾ مرزا قليچ

بيگ جي خدمتن کي ساراهيو ويو ۽ کيس خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. سگا شهدادڪوٽ طرفان 18 آگسٽ 1980ع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي باري ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي. شهر جي پڙهيل لکيل ۽ باشعور ماڻهن نظاميه نائيٽ اسڪول ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. ۽ شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي گفتگو ڪئي وئي.

1980ع کي سگا مرڪز طرفان صحت جو سال ڪري ملهايو ويو. سگا شهدادڪوٽ طرفان ڪيترين ئي صحت جون ڪيمپون لڳايون ويون ۽ ڊرگ بئنڪ قائم ڪئي وئي. ڪيترن ئي ضرورت مندن ۽ بيمارن کي مفت مشورا ۽ دوائون ڏنيون ويون. 24 جنوري 1980ع تي سٽيزن ڪلب ۾ مفت اکين ۾ ڪئمپ لڳرائي وئي، جنهن ۾ اکين جي ماهر ڊاڪٽر صاحبن 417 مريضن کي مفت طبي مشورا ڏنا ۽ دوائون به ڏنيون. 03 آگسٽ 1981ع ڳوٺ چاڪياڻي بمقام استاد غلام مصطفيٰ وڏو جي جاءِ تي مفت طبي ڪئمپ قائم ڪري 150 مريضن کي مفت طبي مشورا ڏنا ۽ علاج ڏنو ويو. 02 جون 1981ع تي ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيو ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪري 213 غريب مريضن ۾ مفت دوائون ڏنيون ويون.

سگا شهدادڪوٽ ادبي سنگت ڪيترين ئي محفلون ۽ ميڙاڪا ڪرايا. ڪامريڊ الاهي بخش قريشي سان شام ملهائي وئي. جناب مهرالله خان شيخ بزرگ سماجي ورڪر سان شام ملهائي وئي. سينيٽر نواب زاده مير يوسف علي خان سان شام ملهائي وئي. ڊاڪٽر محمد صالح شيخ جي حج واپسي تي گڏجاڻي رکي وئي. محترم خان محمد پنهور سان شام ملهائي وئي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هر سال ميڙاڪو ڪيو ويو. علامه دائود پوٽي جي ورسي ڪئي وئي. تقريري مقابلا، غير طرحي مشاعرا ڪرايا ويا ۽ مرحوم نظام الدين جي ياد ۾ تعزيتي اجلاس سڏايو ويو.



28 آگسٽ 1987ع تي مهراڻ اسڪول ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ چيئرمين ميونسپل شهدادڪوٽ جناب عبدالجبار شيخ خصوصي شرڪت ڪئي. جڏهن ته ٻين معززن محترم مهراج گوپي ڪرشن (هندو پنچائت شهدادڪوٽ) محترم غلام حيدرخان جروار (چيئرمين تعلقه ڪائونسل) محترم حاجي واحد بخش شيخ (صدر آل مرچنٽ ايسوسيئيشن) ۽ ٻين سياسي، سماجي، ۽ صحافي برادري شرڪت ڪئي. 03 جنوري 1989 تي ڪاروباري ۽ مالياتي ڪاميٽين جون ڪارروايون منعقد ڪرايون ويون، جنهن ۾ سگا شهدادڪوٽ پاران هن سال کي سچل سرمست قرار ڏيڻ تي مرڪز سان تعاون ڪرڻ جو اظهار ڪيو ويو ۽ سچل جي ڪلام کي عام ڪرڻ لاءِ مختلف پروگرامن تي عمل ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪيا ويا. جنهن مطابق چٽاپيٽي جي ترتيب ڏنل پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ويندي ۽ سچل ڪانفرنس گهرائڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو.

13 فيبروري 1989ع سگا شهدادڪوٽ آفيس ۾ سنڌ جي نامور هوميو ڊاڪٽر جناب ايس واشا صاحب سان شام ملهائي وئي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر ڪئپٽن محمد صالح شيخ ڪئي ۽ مهمان خاص ايس واشا صاحب هئا. مقررين ۾ جناب محمد اسلم شيخ وڪيل، مسٽر ولي محمد مگڻهار وڪيل، احمد علي صابر، رشيد خانواهي چانڊيو، شوڪت علي ۽ جناب محمد حسن پناڻ. ڊاڪٽر واشا صاحب کي سندس مفت علاج ۽ لاعلاج مريضن جي خدمت ڪرڻ تي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو. جناب واشا صاحب سگا شهدادڪوٽ برانچ جي عرض تي پنهنجو ٽائيم طبي ڪئمپ ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. بلديا شهدادڪوٽ جي ڪائونسلر حاجي حضور بخش طبي ڪئمپ ۾ مفت دوائن ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

سگا شهدادڪوٽ سان شروع کان وٺي سلهاڙيل محترم محمد اسلم شيخ چواڻي تہ استاد محمد حسن پناڻ حقيقت ۾ سگا ۽ نظاميہ نائيٽ اسڪول کي وڏو سهارو ڏنو. مڪمل وقت ڏيندو هو ۽ لوهارڪو ڪم بہ ڪندو هو. شام جو نظاميہ اسڪول ۾ سڀ کان اڳ ۾ اچي ويهندو هو. ٻارن کي سليٽ وغيره تي ڪم ڏئي ڇڏيندو هو. جيستائين نظام الدين سومرو، مسٽر الهورايو قريشي، شوڪت سومرو ۽ مان (محمد اسلم شيخ) اچون. جيئن تہ هي پاڻ مزدور هو، ان ڪري مزدورن جو وڏو احساس هوندو هو، ماڻهن کي وٺي اچي گڏ ڪري انهن کي سيکاريندو هو. ايترو همت وارو هوندو هو جو سگا جي ميٽنگ رکندا هئاسين ۽ جيڪڏهن ماڻهو ڪونہ ايندا هئا تہ وڃي انهن مان چئن پنجن کي پڪڙي پاڻ وٺي ايندو هو.

محمد حسن پناڻ بيزرر ۽ عوامي ماڻهو هو. ڪٿي بہ چوندا هئس تہ پنڌ، سائيڪل يا عام بس ۾ هليو ويندو هو. مطلب تہ هڪ مجاهد ماڻهو هو. ٻئي ڪنهن بہ ماڻهو جو ايترو حصو ناهي جيترو سگا شهدادڪوٽ جي سرگرمين ۾ استاد محمد حسن پناڻ جو آهي. سگا شهدادڪوٽ جو اهم ٿنڀو هو جنهن جي ڪري ڪيترا سال سگا شهدادڪوٽ سرگرم پئي رهي.

سگا طرفان 1989 ۾ بين الاقوامي سچل ڪانگريس جي موهن جي دڙي جي آمد تي سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين محترم محمد اسلم شيخ ۽ استاد محمد حسن پناڻ پاڻ سان گڏ دهلن ۽ ڇيڙين تي جهمر وارا مهمانن جي آذر ڀاءُ لاءِ آندا هئا جيڪي تمام گهڻو يادگار هئا. جنهن جو ذڪر محترمہ وينا شرنگي پنهنجي ڪتاب ڪچان تہ ڪافر ۾ بہ ڪيو آهي.

1995ع کان پوءِ استاد محمد حسن پناڻ جي طبيعت خراب ٿي پئي. ڊاڪٽرن هن کي ڏاڪڻ تي متي چڙهڻ کان روڪيو ۽ نظاميہ نائيٽ اسڪول دوڪانن جي ڇت تي هوندو هو. جنهن ڪري استاد محمد حسن



پناڻ پنهنجي بدران اسڪول جو ئي شاگرد علي حسن ڪوڪر ۽ ٻيا استاد ڪري رکيا جيڪي ساڳي محنت سان پڙهائيندا رهيا .

استاد محمد حسن پناڻ کي شاهہ عبداللطيف جا ڪيترائي شعر ياد هوندا هئا ۽ هن جي ٻڌائڻ جو انداز بہ نرالو هوندو هو .سگا مرڪزي پروگرامن ۾ اڪثر ڪري ساٿي استاد محمد حسن پناڻ کان فرمائش ڪري شاهہ جا بيت ٻڌندا هئا. استاد محمد حسن پناڻ شاهہ جا بيت صوفياڻي انداز ۾ ٻڌائيندو هو. هو زندهہ دل ماڻهو هوندو هو. سينئي ميمبرن کي گڏ ڪٽي هلڻ، سينئي کي وٺي اچڻ، در در وڃي ميمبرن کان فيس وٺڻ، ميٽنگ جو نوٽيس پهچائڻ ۾ نهايت ذميوار ۽ عوامي هو. سگا ڪئمپن ۾ بہ هڪ پير تي ڪم ڪندو هو. ٻين کي بہ ڪم لاءِ قائل ڪندو هو. استاد محمد حسن جو آواز ڪڙڪيدار ۽ وڏو هوندو هو ۽ پروگرامن ۾ پيو گونجندو هو.

سگا جي مرڪزي اڳواڻ محترم غلام حسين بلوچ ٻڌايو تہ استاد محمد حسن نهايت ئي پيارو ماڻهو هوندو هو. هڪ دفعي محمد حسن هن کي هڪ خوبصورت ڪهاڙي ڏني. استاد محمد حسن پناڻ وٽ استقامت، محنت، سگا جي اعليٰ قيادت جي لاءِ اطاعت هوندي هئي. سگا جي اصولن جي پابندي ڪندو هو. مرڪزي پروگرامن ۾ پابندي سان شامل ٿيڻ ۽ ذميواري سان وقت اندر لکپڙهہ ڪرڻ ۾ پڙ هوندو هو.

دنيا جو دستور آهي. جيڪو انسان ڄايو آهي تہ اهو مرندو بہ. پر ڪي انسان اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي موت کي مات ڏئي پنهنجن سٺن عملن ذريعي هميشہ ياد رهندا آهن. اهڙي طرح استاد محمد حسن پناڻ جسماني طور تي هي فاني جهان 6 ڊسيمبر 2004ع تي ڇڏي ويو پر ان جي محنت ۽ سچائي ڪري ساڳيو جذبو سگا جي ساٿين ۾ اڄ بہ روان دوان آهي ۽ هلندو رهندو. جيڪو بہ خير جو ڪم ٿئي پيو ان ۾ استاد محمد حسن پناڻ ۽ ٻين بزرگ ساٿين جو حصو آهي. دعا آهي تہ رب پاڪ اهڙين هستين کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين

## هڪ عظيم استاد

# سائين الهورايو قريشي صاحب

خيال ۾ يادون به جهرڪيءَ وانگي ٽپ ڏئي ڪڏهن ڪنهن ٽاريءَ تي ٽا ويهن ته ڪڏهن آزاد اُڏار ۾ دنيا جا لڪاءُ پسن. اوچتو ماضي بعيد جو هڪ منظر مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب تي نظر پوڻ سان ذهن تي تري آيو، جيڪو مون کي شاگردي واري دور ۾ محترم سائين الهورايي قريشيءَ پنهنجي صحيح سان شاهه عبداللطيف جا شعر پڙهڻ ڪانپوءِ بطور انعام ڏنو هو. جڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي. زندگيءَ جا پل ۾ پهر، ڏينهن ۾ هفتا، مهينا ۾ سال ائين گذري ويا خبر ئي ڪا نه پئي. خير ايتري پراڻي ڳالهه به ڪونهي جڏهن سنڌ ۾ ماڻهو واچون ۾ گهڙيال نه هئڻ ڪري سج جا پاچا ڏسي وقت جو اندازو لڳائيندا هئا، پر يقينن شهدادڪوٽ ٽيڪسٽائيل مل ۾ ٽرين کي روزانو هلندي ڏٺو هو. اسان پنهنجو هاءِ اسڪول جي شاگردي وارو دور ياد ڪندي پنهنجن عظيم استادن کي اڄ به خراج تحسين پيش ڪيون ٿا.

انهن عظيم استادن منجهان سائين الهواريو قريشي به هڪ آهي. هو 21 اپريل 1937ع ۾ شهدادڪوٽ شهر جي جڙيل شاهه محلي ۾ پيدا ٿيو ۽ بنيادي تعليم شهدادڪوٽ مان حاصل ڪيائين. 1962ع ۾ ايم اي اڪانامڪس ۾ پاس ڪري، پوءِ وري ايم اي سنڌي به ڪيائين. گورنمينٽ پرونشلائيزڊ هاءِ اسڪول ۾ استاد طور ڪيئي سال پڙهايائين. ڪيترائي شاگرد اڄ به مختلف اعليٰ عهدن تي ملڪ ۽ قوم جو خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. سائين الهواريو قريشي سنڌي ٻولي ۽ رياضي ۾ مهارت رکندو هو. هو ڪرڪيٽ ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ اُن بابت تمام گهڻي ڄاڻ هوندي هيس. سائين الهورايو قريشي انهن استادن مان هڪ



هو، جن جو نه صرف لکڻ پڙهڻ سان شوق هوندو هو پر اهي ٻين کي مختلف ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندا به هئا.

سائين الهورايو قريشي شايد دنيا جي ڏاهي ماڻهو البرٽ آئن اسٽائن جي فلسفي کي سمجهي ورتو هو تنهنڪري هن جي عملي زندگي ۾ ٻين ڪاڻ جيئڻ جو جذبو نمايان نظر اچي ٿو. البرٽ آئن اسٽائن پنهنجي جڳ مشهور مضمون ”دنيا منهنجي نظر ۾“ لکي ٿو ته اسان پلي ڪيترا به ڪتاب پڙهون، ڪيترو به اونهو مطالعو ڪيون پر پوءِ به ان نتيجي تي پهچنداسون ته اسان جي زندگي جو مقصد صرف ۽ صرف ٻين ڪاڻ جيئڻ آهي.

سائين الهورايو قريشي پنهنجي طبيعت ۾ عوامي ۽ ملنسار ماڻهو هوندو هو. ماڻهن جي ڳالهه غور سان ٻڌندو هو. شاگردن جي والدين سان محبت سان پيش ايندو هو. پلي ڪٽي سائين الهورائي قريشي صاحب فلسفي جا اونها ڪتاب نه به پڙهيا هجن، پوءِ به جڻ زندگي کي صحيح سمجهي ورتو هئائين. اهو ئي سبب هو ته هن جي زندگي نهايت سادي هوندي هئي. هو شهر جي رهاڪن مان ڪيترن ئي نسلن کي پڙهائيندڙ باڪردار ۽ مثالي استاد هو. هن ڪڏهن به استاد هجڻ واري اعزاز ۽ رطبي جي برعڪس ڪم ڪيو هجي. سائين الهورايو قريشي جو آنڌي هجي يا مانجهي، سردي هجي يا گرمي، پيرين پنڌ گهر کان هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ وقت کان اڳ پهچڻ ۽ دير تائين ويهڻ زندگيءَ جو معمول هوندو هو. سائين الهورايو قريشي بخيل طبيعت جو بلڪل نه هو ۽ اڪثر طور تي دوست ۽ والدين سان ڪچهري ڪندي، چانهه پيئندي، اخبار پڙهندي زندگي جو مزو وٺندو هو. اسان کي ياد آهي انهن ڏينهن ۾ اسڪول ۾ راندين جو هفتو ڀرپور طريقي سان ملهايو ويندو هو. ملهه کان وٺي هر راند جا ڪيترائي مقابلا ٿيندا هئا ۽ آخر ۾ هڪ اسٽيج ڊرامو ڀرپور طريقي سان ٿيندو هو.

سائين الهورايو قريشي سگا شهدادڪوٽ شاخ جي باني ميمبرن مان هو. جڏهن محترم سائين اشرف ڪهاوڙ صاحب سگا شهدادڪوٽ شاخ ڪي ڪولڻ لاءِ 1978ع ۾ ڪنوينر بڻجي آيو تہ سائين الهورايو قريشي، سائين نظام الدين سومرو، استاد محمد حسن پناڻ، سائين محمد اسلم شيخ ۽ ٻين ساٿين گڏجي ڪري سگا برانچ قائم ڪئي. سائين الهورايو قريشي 1978ع يعني شروع ڪان وٺي سگا شهدادڪوٽ شاخ جو صدر رهيو. هو 1978ع ڪان 1986ع تائين مسلسل صدر رهيو ۽ پنهنجي صدارت واري دور ۾ ڪيترائي سماجي ڪم سرانجام ڏنائين. هن ڪيترين ئي صحت جو ڪئمپون ۽ علمي ادبي پروگرام ڪرايا. سگا مرڪز جي ڪنويشن ۽ سالگرهہ جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو رهندو هو. هن شهدادڪوٽ شهر لاءِ ٻوائز ۽ گرلس ڪاليج جي قيام ۾ بهترين ڪردار ادا ڪيو. رات جو شاهي بازار ۾ نظاميہ نائيٽ اسڪول پنهنجي سگا ساٿين سان گڏجي ڪيترائي سال هلايائين. جتان ڪيترائي شاگرد بنيادي تعليم حاصل ڪري ڪامياب زندگيءَ گذارڻ لڳا.

سگا شهدادڪوٽ شاخ سان شروع ڪان سلهاڙيل محترم محمد اسلم شيخ پنهنجي ڪتاب يادن جي خوشبو ۾ سائين الهورايي بابت لکي ٿو تہ: هو شهدادڪوٽ جي قابل احترام استادن مان هڪ هيو. ڪيس ادب، تاريخ، فلسفي، سياست ۽ ڪرڪيٽ تي عبور حاصل هيو. تاريخي مثال ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيندو هيو. مسٽر الهورايو مطالعي جو شوقين هيو. بحث مباحثن ڪري ڳالهين کي مچائيندو هيو.

10مئي 1985ع تي سگا جو نائون ساليانو ڪنوينشن هاليڊي ان ڪراچي ۾ ٿيو جنهن ۾ سائين الهورايي قريشي کي بهترين ڪارڪردگي عيوض سگا جو نشان ۽ سند ڏني وئي. ياد رهي تہ هي اهو زمانو هو جڏهن ضياالحق سگا تي سرڪاري نوڪري واري ماڻهو جي



ميمبر ٿيڻ تي پابندي مڙهي هئي پر سائين الهورايو قريشي مسلسل سگا شاخ جو صدر رهيو ۽ سماجي ڪم ڪندو رهيو. اهو هن جو نہ صرف قوم سان محبت ۽ سچائيءَ جو اعليٰ مثال آهي پر هڪ وڏي بهادري پڻ آهي چو تہ سگا مرڪز ڪان وٺي مختلف شاخن جا ڪافي نالي وارا ۽ سرگرم ساٿي سگا ڪان ضياءَ الحق جي بين ڪانپوءِ پاسيرا ٿي ويا هئا پر هي مرد مجاهد پنهنجي ترجي ماڻهن لاءِ سماجي ۽ علمي ڪم ڪندو رهيو.

سائين الهواريو قريشي هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ جو بهترين هيڊ ماسٽر رهيو. ان جي دور ۾ ڪيترائي پروگرام ٿيا ۽ تعليم جو معيار بهتر ٿيو. هو هاءِ اسڪول اعتبار خان چانڊيو ۽ پوءِ هاءِ اسڪول چاڪياٽي ۾ پڻ هيڊ ماستر تي رهيو. هن جي خدمت علائقي ۾ اڄ بہ ياد ڪئي وڃي ٿي.

سائين الهواريو قريشي 13 جون 1998ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن کي چار پٽ ۽ چار نياڻين جي اولاد آهي، وڏو پٽ غلام نبي (قمر)، عبدالرحمنٰ (بدر)، پروفيسر محمد ظفر ۽ صدر الدين قريشي بحيثيت استاد جي علم جي روشني ڦهلائي رهيا آهن.

مددي ڪتاب ۽ ماڻهو

1. سگا سهائي...سهيڙيندڙ اشارت حسين ميمڻ
2. يادن جي خوشبو. محمد اسلم شيخ شهدادڪوٽي
3. صدرالدين قريشي صاحب

بهترين تعليمدان

# استاد غلام مصطفيٰ وڏو

سوچيان ٿو تہ ٻين شهرن جيان شهدادڪوٽ ۾ بہ هزارين لکين ماڻهو پيدا ٿيا هوندا ۽ فوت ٿيا هوندا، پر انهن مان ڪي ٿورائي هوندا جن کي ياد ڪري ان جا ڳڻ ڳائي سگهجن ٿا. حقيقت ۾ ڪنهن بہ ماڻهو جي باري ۾ سوچڻ ان ماڻهو جو جياپو آهي. يوناني مفڪر پارمي نائيديس الياطي چيو آهي تہ جنهن تي فڪر نہ ٿو ڪري سگهجي، سمجهو اهو موجود ناهي. ايوب کوسو جي ڪتاب ”مري جي ڏٺو سين“ ۾ لکيل آهي تہ: آئون آهيان ۽ نہ آهيان جي وچ ۾ آهيان. هڪڙا ماڻهو دنيا ۾ آهن، پر انهن جو هجڻ بہ ائين آهي جڻ اهي آهن ئي ڪونہ. اهي پيٽ پالڻ لاءِ ڪمائين ٿا، کائين ٿا ۽ مري وڃن ٿا. بس انهن جي ايتري ئي ڪهاڻي آهي. ٻيا اُهي انسان آهن جيڪي ٻين لاءِ، قومن لاءِ، عظيم نظرين لاءِ جيئن ٿا. ايجادون ڪن ٿا. شعور ڏين ٿا. پنهنجي ذات لاءِ ذرو بہ متو نہ ٿا ڪپائين. اهي ماڻهو ڪڏهن بہ مرڻا ناهن. انهن جو ڪردار زنده رهندڙ حقيقت آهي. سنڌ سونهاري ۾ اهڙا ڪردار اسان جي مجموئي سونهن ۽ حقيقي اتهاس آهن.“

شهدادڪوٽ جي مٽي اهڙن ڪيترن ئي ڪردارن سان زرخيز آهي جتي انسانن جي ڪردار جا ايترا گهاٽا ۽ ڦلدار وڻ پوکيل آهن جو اسان جو نئون نسل انهن جي عملن ۽ ڪردارن مان اتساه وٺي پنهنجي شاندار مستقبل جي ساڀيان ڪري سگهي ٿو. اهڙن ئي ڪردارن مان مرحوم استاد غلام مصطفيٰ بہ هڪ هو. استاد غلام مصطفيٰ وڏو ولد حاجي استاد محمد دائود وڏو 18 جنوري 1939 تي چاڪياڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ان دور ۾ گهٽيون سهولتون ڪونہ هونديون هيون. نہ بجلي، نہ گئس، نہ وري



ٽرانسپورٽ اڄ جيان هوندي هئي. پوءِ بہ ماڻهو ڏکن بکن تي پڙهندا هئا. سائين غلام مصطفيٰ پرائمري تعليم چاڪياڻي ڳوٺ مان ۽ سيڪنڊري تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. چاڪياڻي شهر شهدادڪوٽ کان لڳ ڀڳ 8 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي رتوديرو روڊ تي واقع هڪ نمايان ڳوٺ آهي، جتان جا اڪثر ماڻهو پڙهيا لکيا، ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد، وڪيل نوڪرين وارا آهن. سائين غلام مصطفيٰ 07 فيبروري 1957ع تي پرائمري استاد طور مين پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ پڙهائڻ جي شروعات ڪيائين. 1971ع ۾ مڊل اسڪول چاڪياڻي ۾ مقرر ٿيو. مڊل اسڪول چاڪياڻي جي جڏهن شروعات ڪئي جنهن جي ڇت بہ نہ پئي هئي تہ اسڪول جي شروعات ڪيائين جنهن ۾ ڪلاس ڇهين ۾ 20 شاگرد ڪلاس ستين ۾ 3 شاگرد ڪلاس اٺين ۾ 6 شاگرد ڳوٺ جا اهي ڇوڪرا داخل ڪيائين جيڪي رڍون ٻڪريون ۽ مال جا ڌنار هيا جيڪي اڳتي هلي وڏا آفيسر بڻيا ان دور ۾ ڳوٺ چاڪياڻي ۾ تعليم بالغان رات جو شروعات ڪرايائين. سائين جي شاگردن ۾ ڊاڪٽر عبدالوهاب وڏو صاحب جيڪو ايم ايس لمس رهيو آهي انجنيئر شفقت وڏو جيڪو هن وقت چيف انجيئر ايريگيشن آهي ۽ الطاف حسين وڏو جيڪو هن وقت ڊايئريڪٽر نيوڪليئر ايٽامڪ انرجي ڪراچي ۾ آهي.

جيئن تہ هو پاڻ بہ ڏکن ۾ ۽ محنت ڪري پڙهيو هو ان ڪري هو معياري تعليم جي حصول لاءِ هميشہ ڪوشان رهيو ۽ سڄي عمر غريب ۽ مسڪين شاگردن جي مالي مدد ڪندو رهيو ۽ شام جي وقت ڳوٺ ۾ شاگردن کي مفت تعليم ڏيندو هيو ۽ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ ٻارن کي اتساهيندو رهندو هيو. 1974ع ۾ مڊل اسڪول چاڪياڻي مان بدلي ٿي ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيي جي مڊل اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ اتي بہ سائين غلام مصطفيٰ وڏي تمام گهڻي محنت ڪئي ۽ شام جي وقت

شاگردن کي مفت تعليم ڏيندو رهيو ۽ سندس لائق شاگردن ۾ ڊاڪٽر غلام حسين وڏو، ڊاڪٽر عبدالستار وڏو، پروفيسر الطاف حسين قادري ۽ پروفيسر رشيد خانواهي قابل ذڪر آهن.

هن جي خاص خوبي بطور استاد اها هوندي هئي ته جيڪو شاگرد نه ايندو هو ته هو ان جي گهر پهچي ويندو هو. شاگرد تي يا انهن جي والدين تي پڙهڻ جي معاملي ۾ سختي ڪندو هو. شاگردن تي خاص نظر رکندو هو. ايتري تائين جو ڪوبه شاگرد فضول گهٽي ۾ نه گهمندو هو. هو شاگردن کي پڙهائي وڌيڪ تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ونندو هو. هو تعليم جي حصول جي معاملي ۾ ڪنهن به وڏيري جي نه ٻڌندو هو. جيڪڏهن وڏيري جي پٽ به ڪا غلطي ڪئي ته هو ان کي سخت سزا ڏيندو هو ۽ هن ائين ڪيو.

هن جو نه صرف تعليمي پر سماجي ڪمن سان به عشق هوندو هو. ڪنهن غريب گهر جي فوتي وٽ پاڻ وڃي ڪفن پهچائيندو هو ۽ مالي معاونت ڪندو هو. بيمار ماڻهو يا غريب ماڻهو جي مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو هو ۽ جيستائين مسئلو حل طرف نه وڃي تيستائين سڪون سان نه ويهندو هو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پنهنجن ميمبرن کي ڳوٺ سڌار جو خيال 1979ع ڌنو ۽ سنڌ جا اڪثر پڙهيا لکيا ماڻهو ان ڪم سان لڳي ويا تن سمجهيو ڳوٺ سڌريو ته سنڌ سنوارجي ويندي. سگا جا مرڪزي اڳواڻ خاص طور تي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، محترم ولي محمد روشن ۽ محترم خان محمد پنهور صاحب جن ماڻهن کي ٻڌايو ته پنهنجن ماڻهن کي پنهنجن حقن وٽڻ جي جاڳرتا ڏيو ته جيئن اهي ٻڌي ڪري، محنت ڪري پنهنجي حالت کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن. اهڙي طرح ڳوٺ سڌار سنگتون ناهيون ويون. انهن سنگتن جي تنظيم



دوران ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ۽ ڪين پنهنجا مسئلا پروڙڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جو ڏانءُ ايندو. پاڻ ۾ گڏ ويهڻ جو شعور پيدا ٿيندو ۽ قومي ٻڌي جو تصور اڀرندو.

ڳوٺ سڌار سنگت جا ساٿي پنهنجي ڳوٺ جي مسئلن جو جائزو وٺي، انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچين. ڪجهه مسئلا اهڙا آهن جيڪي گڏجي حل ڪري سگهجن ٿا. جيئن ڳوٺ ۾ صحت ۽ صفائيءَ جو انتظام ڪرڻ، اسڪولن ۽ اسپتالن جي مالڪي ۽ سارسنڀال لهڻ، نياڻين جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ، تعليم بالغان شروع ڪرڻ وغيره شامل هئا. ان کان علاوه حڪومت جي نمائندن ۽ وس وارن کان روڊ رستا، اسڪول اسپتالون ٺهرائڻ لاءِ ڪوششون وٺيون هيون. سگا جا ساٿي سائين محمد اسلم شيخ، سائين محمد حسن پناڻ، سائين الهورايو قريشي ۽ ٻين ساٿين سائين غلام مصطفي سان گڏجي چاڪياڻي سميت آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ خيرجا ڪم ڪيا. صحت جو ڪئمپون ۽ علمي ادبي پروگرام ڪرائيندا رهيا ۽ ساڳيو سلسلو اڄ به قائم دائم آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شهدادڪوٽ سان شروع کان لاڳاپيل محترم سائين محمد اسلم شيخ صاحب چواڻي ته سائين غلام مصطفي وڏو صاحب مٿ ۽ جيوگرافي جو ماهر استاد هيو. هڪ سٺي استاد ۾ جيڪي به خوبيون هئڻ گهرجن سي سڀ وڏي صاحب ۾ اڳ ۾ ئي موجود هيون. گوسڙو ۽ سست شاگردن جي تعمير ڪندڙ هيو. ان ڪري سندس شاگرد ٻين کان منفرد ۽ ذهين هئا. رٽائرمينٽ کان بعد رفاعي ۽ سماجي ڪمن ۾ بهرو ورتائون ڪين استاد جي ناتي مخير حضرات سندس ئي چوڻ مطابق چندا ۽ عطيا اعتماد ڪري ڏيندا هئا جنهن ڪري سگا شهدادڪوٽ ڪيترا ئي خير جا ڪم ڪيا. اهڙي ريت هن پنهنجي پوُن کي پليرو بڻائڻ ۾ لاتعداد ڪوششون ڪيون. 1982ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان

پوءِ هن پنهنجي ڳوٺ چاڪياڻي ۾ ڳوٺ سڌار تنظيم جو بنياد رکيو. غلام مصطفيٰ وڏو هن جو مسلسل 10 سالن تائين صدر رهيو. 1998 ع ۾ ڳوٺ جي لاءِ ان وقت جي ايم پي اي محترم خدا ڏني خان چانڊيي کان واٽر سپلا اسڪيم، هاءِ اسڪول، روڊ ۽ اسپتال منظور ڪرائي.

هن رٽائرمينٽ جي پئسن ۽ ڪجھ قرض وٺي دائود وڏو سنڌي ميڊيم اسڪول ۽ قضبانو وڏو پرائيويٽ هاءِ اسڪول 1998ع ۾ کوليائين جيڪو سائين جو خواب هو هن وقت تائين اهو اسڪول ان جا وارث سنڀاليندا اچن ، جتان هر سال سوين شاگرد تعليم پرائي اعليٰ تعليم لاءِ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو رُخ ڪن ٿا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ان وقت جي مرڪزي سيڪريٽري صحت محترم غلام حسين بلوچ ٻڌايو ته هڪ دفعي شهدادڪوٽ ۾ اکين جي مفت لاءِ اچڻو پيو. هو منهنجو حسراڻي پيٽرول پمپ تي انتظار ڪندو رهيو پوءِ گڏجي تي ويا سين. ان وقت سگا شهدادڪوٽ جي سڄي سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏي ڪئمپ هئي. پورا اٺ ڏينهن ڪئمپ هلي. ماڻهن جي رهڻ ۽ کائڻ جو الڳ بندو بست ٿيل هو. سنڌ ۽ بلوچستان جا پري پري کان ماڻهو آيل هئا. هو هر سال اکين جي ڪئمپ ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. ٻين ساٿين کي همٿائيندو هو. ڪجھ پاڻ ته وري ڪجھ ماڻهن کان مالي مدد وٺي خير جو ڪم جاري رکندو هو. هن کي سگا ۾ عهدي وغيره جي ڪڏهن به لالچ نہ رهي. بنا نالي ڳڻائڻ ۽ فوٽو ڪڍرائڻ جي هن ڪيترائي عظيم ڪم ڪيا، جن جي هڪ هن کي، ٻيو الله کي خبر هوندي. سگا شهدادڪوٽ جا ساٿي هن جي سماجي ڪمن ۽ محنتن کي اڄ به ياد ڪري اتساهہ حاصل ڪندا آهن. هر سال سگا شهدادڪوٽ جا ساٿي هن جي نالي سان يادگار اکين جي مفت ڪئمپ



جو سلسلو اڄ به جاري رکندا پيا اچن . چوويهہ مفت اکين جو ڪئمپون لڳائي چڪا آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

سائين غلام مصطفيٰ وڏو صاحب 01_08_2003 ع تي هن فاني جهان کي الوداع چئي، وڃي حقيقي مالڪ سان مليو، هن جو جسم خاڪي ڳوٺ صوبدار مستوئي جي وڏا قبرستان ۾ مدفون آهي، سندس ڪيل خدمتون هيمشہ لاءِ ياد رکيون ويندون. شال خدا پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ جاءِ عطا فرمائي. آمين

مرحوم سائين غلام مصطفيٰ وڏي کي ڇهہ نياڻيون ۽ ٻہ پٽ محمد ايوب اسٽاڪ اسسٽنٽ وٽنري اسپتال شهدادڪوٽ، خليل احمد وڏو مڪينيڪل انجيئر سعودي عرب آهن.

هم فقيرون سي دوستي ڪرلو

## محمد اعظم جروار

شيون هڪ جهڙيون ٿئي سگهن ٿيون يا انهن جو نعم البدل ٿي سگهي ٿو. پر انسان جهڙو هوبهو ٻيو انسان نه ٿو ٿئي سگهي. شڪل، صورت يا سيرت ۾ هڪ انسان ٻئي انسان کان مختلف هوندو آهي، چاڪاڻ ته هڪ انسان جي شخصيت جا ڪيترائي رخ ۽ پاسا ٿين ٿا. هڪڙا ظاهري پاسا ته ٻيا لڪيل جيڪي مشڪل سان ڪنهن کي خبر هجي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن ماڻهو جي باري ۾ لکڻ ڪي حتمي يا مڪمل چئي نه ٿو سگهجي. هڪڙن ماڻهن جي شخصيت ايتري ته سحرانگيز يا وشال ۽ وصعت واري هوندي آهي جو صرف ان ماڻهو جي هڪ رخ تي به حقيقت ۾ انصاف سان لکي نه سگهبو آهي. هر ماڻهو پنهنجي ذات ۾ گلشن آهي . شهدادڪوٽ ۾ محمد اعظم جروار انهن ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن منجهان هڪ آهي جيڪي ماضي جي يادن ۾ پراڻن ناياب ڪتابن تي دز جيان اسان کي صاف ڪرڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن ته جيئن ايندڙ نسل انهن مان ڪو لاڀ حاصل ڪري سگهي. اسان جي تر جي هن موڪي تي وڏيڪ ان دور جا متارا ئي روشني وجهي سگهن ٿا. يا وري اهي ماڻهو جن تي ڪنهن حڪمران، مير ، پير ۽ وڏيري جو حڪم نه هلندو هو پر فقير محمد اعظم جروار جي پرشوق دلاسن تي پري پري کان اچي هن وٽ حاضر ٿيندا هئا. هن سان گڏ سياسي سفر ڪندڙ دوست تي ٻڌائي سگهندا ته هن جو سنڌ يا سيد سان ڪيترو عشق هو ۽ هن جي زندگي جو رومانوي داستان ته هن جا هم راز ئي ٻڌائي سگهندا ته هن ڳاڙهي ڳل تي باڪ ڦٽڻ ۽ ڪاري چڳ تي رات ڪٽڻ وارو پنڌ ڪيو يا نه.هن جا يار ئي ٻڌائي سگهن ٿا ته ياري نڀائڻ ۾ اعظم جروار ڪيئن هو. هاسو سوڏي



جيئن هو جيڪو پنهنجي شادي جا ڦيرا وچ ۾ ڇڏي پنهنجي يار دودي سان گڏجي علاوءالدين خِلجي سان مقابلي لاءِ شامل ٿيو. هن مضمون ۾ اعظم جروار صاحب جي زندگي جو مختصر خاڪو ۽ سماجي طور تي ڪجھ ڪارگذاريون بيان ڪجن ٿيون .

فقير محمد اعظم جروار 25_08_1945 تي ڳوٺ گل محمد جروار ۾ پيدا ٿيو. هن جو والد محمد اسماعيل جروار قائداعظم محمد علي جناح جون تقريرون ريڊيو تي ٻڌڻ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. جن کان متاثر ٿي پنهنجي هڪ پٽ جو نالو محمد اعظم ۽ ٻئي جو محمد علي رکيائين.

محمد اسماعيل يا هن جا وڏا معاشي طور تي پنهنجي زمينن ۽ دال روٽي وارا خوشحال هئا. ڳوٺ گل محمد جروار شهدادڪوٽ کان 14 ڪلو ميٽراتر طرف ڳڙهي خيرو روڊ تي واقع آهي. هن ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو پڙهيا لکيا آهن. ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ۽ سياستدان آهن. ناليوارو وڪيل غلام حيدر جروار ، هاري ڪاميٽي جو مرڪزي رڪن مولوي عزيزالله جروار ، جماعت اسلامي جو وڏو نالو ۽ هتان صوبائي اليڪشن وڙهندڙ ڊاڪٽر صوبدار جروار، وڏو شاعر ، حڪيم ۽ ميزان ڪتاب جو ليکڪ نذير احمد جروار ، ڊاڪٽر محمد اسلم جروار، سرجن معيزالدين جروار، ڊاڪٽر رضيه جروار، اڳوڻو جوائنٽ سيڪريٽري واپڊا يونين شهدادڪوٽ محمد ايوب جراور، ايڊووڪيٽ دريا خان جروار وغيره هتان جون ڪجھ شخصيتون آهن .

محمد اعظم پنهنجي ابتدائي تعليم چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي ديني مدرسي ۾ حاصل ڪيائين ۽ ميٽرڪ جو امتحان هاڻوڪي اردو اسڪول ۾ شام جو هاءِ اسڪول هلندو هو اتان حاصل ڪيائين.اهڙي طرح اڳتي وقت حالات جي ضرورت مطابق وڌيڪ ڪورسز ڪيائين.

01_07_1966ع تي محمد اعظم جروار کي واپڊا حيسڪو ۾ بطور اسسٽنٽ لائين مين نوڪري ملي. ان وقت واپڊا ۾ نوڪري جي وڏي

حيثيت هوندي هئي. محمد اعظم جروار پنهنجي خوش اخلاقي ڪري تر جي هر ماڻهو غريب امير، وڏيري ۽ آفيسر وٽ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. هو دل جو ڪليل هو ۽ ماڻهو جي نفسيات جو ماهر هو. ٿوري ئي عرصي ۾ هن ماڻهن سان پنهنجا واسطا مضبوط ڪيا . هن جي شهرت جو هڪ سبب اهو به هو ته محمد اعظم جروار نه صرف واپڊا پر هو پرائمري ٽيچرس ائسوسيئيشن شهدادڪوٽ جي اليڪشن ۾ هر دفعي پنهنجا دوست ڪٽائيندو هو. بلدياتي اليڪشن ۾ پنهنجي حمايتي اميدوار حاجي سردار علي جروار کي بنا مقابلي شهدادڪوٽ جو ناظم چونڊرايائين.

هن جو جانور پالڻ جو شوق هوندو هو. واپڊا هائوس شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي ڪوارٽر جي پنيان هن هڪ واڙو ٺهرايو جتي هرڻ، مور، ڦاڙها، ڳڌ رکيل هوندا هئا جن سان دل وندرائيندو هو. هو اڪثر ڪري صبح جو اٽي شاه جو رسالو پڙهندو هو، جيڪي هن جي سيراندي کان پيو هوندو هو. هو ماڻهن سان ڪچهري ڪرڻ ۽ احوال وٺڻ جو شوقين هوندو هو ۽ چاهيندو هو ته ماڻهن ۾ رهان. هن کي اڪيلو ويهڻ پسند نه هوندو هو . سنگت يارن سان پيو وقت گذاريندو هو. مهمانوازي جو به شوقين هوندو هو. هن وٽ هر قسم جا ماڻهو ايندا هئا، ان ڪري علمي، سماجي ۽ سياسي بحث پيا هلندا هئا، جن ۾ هو پاڻ به دل کولي حصو وٺندو هو. هن جي محفل ۾ پٺائي جي بيتن کان وٺي مزاحمتي تحريڪن تائين سڀ موضوع هلندا هئا. کل مزاق ۽ چرچا به پيا هلندا هئا. مطلب ته واپڊا هائوس تي ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندا هئا.

جڏهن شام جو پاڇو ورندو هيو ته واپڊا شهدادڪوٽ جي ميدان اندر چؤطرف ڪچهري لاءِ ڪرسيون لڳي وينديون هيون ۽ هرڻن جي چالن، مورن جي جهمر ۽ ڳڌن ۽ ڦاڙهن جي سلامين سان ڪچهري شروع ٿيندي هئي. مهمان نوازي ۾ هو ڪابه ڪسر نه ڇڏيندو هيو. ڪافي دير تائين



ڪچهري هلندي هئي. واپڊا جي يونين جي صدر ٿيڻ کان زونل چيئرمين تائين پهتو ۽ عبداللطيف نظاماڻي ليبر هال ٺهرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيائين ۽ هر عام واپڊا جي ملازمن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو.

سماجي ڪمن جي حوالي سان محمد اعظم جروار جون سگا شهدادڪوٽ طرفان اکين جي ڪئمپ ۾ تمام گهڻي مدد هوندي هئي.. 1994،95،96 ۽ 1997 واريون ڇهه ڏينهن لڳندڙ ڪئمپ ۾ ڊاڪٽرن ۽ مريضن جي رهائش ۽ ماني وغيره جو گهڻو خرچ ٿيندو هو ۽ سگا شهدادڪوٽ جي رڪارڊ موجب ڪو به ماڻهو فقير محمد اعظم جروار جيتري مدد ڪو نه ڪندو هو. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين جي پروگرامن ۾ به مدد ڪندو هو. روشن تارا اسڪول گهوٽڪي جي منتظمين سان ڪچهري مان معلوم ٿيو ته اسڪول جي مد ۾ اعظم جروار صاحب گهوٽڪي جي ساٿين جي تمام سني مدد ڪئي هئي. هو شهدادڪوٽ شاخ جي اليڪشن جو چيئرمين به رهيو. سڀ ساٿي محمد اعظم جي دل سان عزت ڪندا هئا.

هن 15 سالن جي ڄمار ۾ پهرين شادي ڪئي ، جنهن مان هڪ ڌيءَ نالي فاطمه ۽ هڪ پٽ نالي محمد ايوب ڄائو. ڪجهه سالن کان بعد ٻئي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. بعد ۾ سندن ڪابه اولاد ڪانه ٿي. هن کي اولاد نه ٿيڻ جي ڪابه مايوسي ڪانه هئي. هو پنهنجي پائٽن ۽ پاڙيجن کي پنهنجي اولاد وانگر پائيندو هو ۽ انهن جي پرورش اولاد وانگر ڪندو هو.

محمد اعظم جروار کي سنڌ جي تاريخ سان تمام گهڻي دلچسپي هوندي هئي. هن پنهنجي پائٽن جا نالا دريا خان، سوڍو خان ۽ سوڻ جي پٽ جو نالو هوش محمد رکيو جيڪي سڀ سنڌ جي تاريخ ۾ هيرو آهن.

محمد اعظم جروار سائين جي ايم سيد کي نظرياتي ليڊر طور تسليم ڪندو هيو. شايد تنهن جي ڪري هن کي سنڌي ماروئڙن سان ڏاڍو

پيار هوندو هو. هڪ ڀيري ڪنهن ماڻهو سائين جي ايم سيد جي شان ۾ ڪجهه طنزيا جملا ڳالهايا جنهن تي محمد اعظم جروار چيو ته پهريان وضو ڪري اچ بعد ۾ ان شخصيت جي باري ۾ ڳالهاءِ.

فقير محمد اعظم جروار ڪينسر جهڙي موذي مرض سان ٻه سال جنگ وڙهندي نيٺ 2010_04_09 تي دم ڏٺي حوالي ڪيو. سندس جنازي نماز ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل ماڻهن شرڪت ڪئي. سندس آخري آرام گاهه ڏاڏوئي قبرستان آهي.



### هڪ جفاڪشي انسان

## ڪيپٽن ڊاڪٽر محمد صالح شيخ

جڏهن مشرقي ۽ مغربي پاڪستان هوندو هو، تنهن دور ۾ شهدادڪوٽ اڄوڪي دور جي بلڪل برعڪس هوندو هو. اهو بلڪل ننڍڙو ۽ مختصر هوندو هو. صحت يا تعليم جون خاص سهولتون ڪونه هونديون هيون، پر جيڪڏهن شهدادڪوٽ شهر جي اوائلي ۽ شروعاتي ڊاڪٽرن جا نالا ڪڍبا ته انهن جي لسٽ ۾ ڊاڪٽر محمد صالح شيخ جو نالو ضرور ايندو. چوندا آهن ته ڊاڪٽر ۽ طبيب دوا درمل ڏيندو آهي باقي ڦڪيون تڏهن فرق ڪن جڏهن امر ٿئي الله جو. ڊاڪٽر محمد صالح شيخ جي هٿ ۾ **الله** تعالي اهڙي شفا رکي هئي جو هو سڄي تر لاءِ هڪڙي وڏي غنيمت بڻجي ويو. سڄو ڏينهن هن جي اسپتال مريضن سان ڀري پئي هوندي هئي. غريب، مسڪين ڪيترن سالن کان بيمارين ۾ ورتل مرد ۽ عورتون ڊاڪٽر محمد صالح جي احوالن چرچن تي ۽ هلڪي ڦلڪي دوا تي خوش ٿئي ويندا هئا. رب پاڪ هن کي غير معمولي حافظو ڏنو هو ۽ هو بنيادي طور هتي جي شروعاتي رهاڪو هجڻ ڪري تر ۽ آس پاس جي هر ماڻهو، انهن جي وڏن ۽ ننڍن کي چڱي طرح نه صرف سڃاڻيندو هو، پر انهن جا پاڻ ۾ ڪهڙا مسئلا آهن ، ڪير ڪنهن سان ساڙ ڪري ٿو يا نه ٿو ٿهي وغيره جي به خبر هوندي هئي چو ته مريض هن کي دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ پنهنجن عزيزن ۽ مائٽن جا سور به سليندا هئا. هوگهرن ۾ سس نهن ، ساهيڙي يا مائٽياڻين جا جهيڙا مريض عورتن جي سائيڊ وٺي انهن جي دل جي ڳالهه ڪري ائين خوش ڪري ڇڏيندو هو جو مريض جي رت ئي وڌي ويندي هئي. هو نفسيات جو وڏو ڄاڻو هو. ماڻهن جا معاشي ۽ معاشرتي مسئلن تي ڳالهائي انهن کي ڪلاڪن پنهنجي وات جي مٺاس

سان پريشان ماڻهن کي خوش ڪري موڪليندو هو. هن جي زبان مان نڪتل لفظ گهڻن لاءِ دوا ۽ علاج جو ڪم ڪندا هئا. ڪيترن ماڻهن لاءِ وڏي وٿ ۽ سهارو هو. مريض فري گري موٽي هن وٽ اچي خوش ٿئي ويندا هئا. هن وٽ جادو هو الائي ڇا هو، پر مريض کي پوري پڪ هوندي هئي ته جي هو ٺيڪ ٿيندو ته ڊاڪٽر صالح وٽ ٿيندو ۽ ڊاڪٽر محمد صالح به معمولي فيز وٺي علاج ڪري الله تعالي جي حڪم سان ٺيڪ ڪري ڇڏيندو هو. هو اڄ جي ڊاڪٽرن کان مختلف هو جيڪي ٽيسٽون رپورٽون ڪرائي مريض جي خرچن سان ڇيلهه ئي ڇڪي ڪري ڇڏين ٿا پر هو مريض جي نبض ڏسي حوال پڇي دوا لکي ڏيندو هو.وڏيڪ شفا الله تعالي ڏيندو هو.

اڄ به جيڪڏهن اوهان ڪنهن جهوني حجم وٽ ويندا ۽ ٿورو احوال پڇندا ته هو اوهان کي وارن ناهڻ دوران نه صرف سڄي شهر جو بلڪ ملڪ جو احوال منٽن ۾ ٻڌائيندا ۽ وار به ٺهي ويندا. اهڙي طرح سڄي شهر جي ڊاڪٽرن تي اهڙو ته ڪمال جو تبصرو ڪندا جو چڻ ته انهن وٽ وڏا تجربا هجن. هر هڪ ڊاڪٽر تي واري واري سان تبصرو ڪندا. هر ڪنهن جي ڪانه ڪا خوبي يا اوڻائي بيان ڪندا. ڊاڪٽر محمد صالح لاءِ چوندا ته هن کي وڏو حافظو آهي. يادگيري جو پڪو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کان پنهنجن ابن ڏاڏن جا نالا وسري وڃن ته اچي ڊاڪٽر صالح کان پڇن. هو انهن کي چار پنج پيڙهين تائين جا نالا سولائي سان ٻڌائي سگهندو. واقعي به رب پاڪ هن کي تمام گهڻو حافظو ڏنو آهي.جيڪو به شخص هڪ دفعو هن سان مليو پوءِ سڄي زندگي هن کان نه وسرندو آهي. ڊاڪٽر محمد صالح چئي ٿو ته اهو هن تي رب پاڪ جو خاص ڪرم ۽ امڙ جون دعائون آهن. هن جا والدين بنيادي سنڌي تعليم پڙهيل هئا ۽ هن جو والد غلام رسول شيخ شهر ۾ درزڪو ڪم ڪندو هو ۽ گهر جو خرچ پڪو



ڪيندو هو. 02مارچ 1940ع تي غلام رسول شيخ کي پهريتو پٽ ڄائو جنهن جو نالو محمد صالح رکيو ويو. رب جي حڪم سان ۽ والدين جي دعائن سان هو واقعي به وڏو صالح نڪتو. غلام رسول شيخ کي ٻيا به پنج پٽ ۽ چار نياڻيون رب پاڪ عطا ڪيون پر محمد صالح پنهنجي مٽ پاڻ آهي.

محمد صالح شيخ پرائمري کان ميٽرڪ جي تعليم شهدادڪوٽ ۾ ئي حاصل ڪيائون ۽ 1959ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان سنڌ يونيورسٽي بورڊ مان ميٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائون ۽ جڏهن کان وٺي هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ قائم ٿيو آهي ته هو پهريون شاگرد هو جيڪو ميٽرڪ جي امتحان ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ آيو هو. ان کان پوءِ هن حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي جتي پهرين ڏينهن تي ئي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ هالا وارو (باني سگا) مسعود نوراني نوابشاهه وارو (اسٽوڊنٽ ليڊر، سنڌ جو لا ايڊوائزر هيو ۽ هاڻي ڪراچي جو مشهور ليبر ڪورٽ جو وڪيل) ۽ فضل صديق شيخ مٽياري وارو (سابق سيڪريٽري ليول جو ماڻهو ۽ سنڌ منرل ڊپارٽمينٽ جو آفيسر) جن سان ملاقات ۽ دوستي ٿي . اهي گورنمينٽ ڪاليج جو سڄو وقت هاسٽل ۾ روم ميٽ پڻ رهيا ۽ اڄ تائين سندن چواڻي اها دوستي قائم ۽ دائم آهي .

محمد صالح شيخ جي مسلسل محنت ۽ شوق ڪري خوشقسمتي سان MBBS لاءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ داخلا ٿئي وئي. هن جو ۽ هن جي والدين جو خواب ساپيان ٿيو. هن ڊاڪٽري پڙهڻ دوران به محنت ڪري ڪيترائي انعام ۽ ميڊل پڻ حاصل ڪيا. ان کان پوءِ Medicine۽ Children وارن واردن ۾ هائوس جاب ڪيائون. بعد۾ R.B.U.T ۾ اسپتال شڪارپور ۽ سول اسپتال دادو ۾ ميڊيڪل آفيسر طور مقرر ٿيا.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر محمد صالح ۽ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ استاد بخاري (سنڌ جو مشهور شاعر ۽ ان وقت جو دادو ڪاليج جو ليڪچرر) ويٺي ويٺي دادو ۾ "سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن" جو پايو رکيو ۽ ان جي ميمبرشپ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ڊاڪٽر محمد سليمان ان ڏس ۾ پنهنجي تن، من ۽ ڌن سان محنت ڪرڻ لڳي ويو .سگا اڄ سنڌ جي تعليم ۽ سماجي ڪيتر ۾ تمام بهترين ۽ وڏي تنظيم آهي جنهن مان ڪافي فردن فائدو حاصل ڪيو آهي.

1971 ع ۾ پاڪ هند جي جنگ جي ڪري فوج جا ڊاڪٽر، آفيسر هندستان ۾ قاتل هئا انهن جي خال کي پرڻ لاءِ ڊاڪٽر محمد صالح شيخ صاحب جن پاڻ کي والنٽئير طور پيش ڪيو ۽ سندن کي ڪيپٽن جي Rank۾ لاهور چانوڻي ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ جلد ئي اڳين مورچن ۾ 09 بلوچ رجمينٽ جو R.M.O ڪري روانو ڪيو ويو جتي پڻ 09 بلوچ رجمينٽ جي قصور سيڪٽر جي بارڊر تي ڊاڪٽر جي حيثيت سان هن حصو ورتو جنهن جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر محمد صالح شيخ جن کي پاڪ آرمي جي طرفان تمغہ جنگ ڏنو ويو. ان کان پوءِ جڏهن فوج جا پنهنجا قاتل ڊاڪٽر موٽي آيا تہ سول ڊاڪٽرس کي رليز ڪري واپس موڪليو ويو.

1974 ع شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي ڪلينڪ کولي پرائيويٽ ڊاڪٽري شروع ڪيائون. ان دوران پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي شاخ پڻ کولرائڻ ۾ مدد ڪئي جنهن ۾ پاڻ صدر جي حيثيت سان رهيا. اڳتي هلي سگا جي شاخ شهدادڪوٽ ۾ پڻ قائم ڪرڻ لاءِ مدد ڪيائون جنهن سان اڄ تائين سلهاڙيل ۽ معاون طور شامل آهن ۽ ڊاڪٽر محمد صالح شيخ سگا شهدادڪوٽ جا بنيادي ميمبر آهن ۽ 1978 کان وٺي اڄ ڏينهن تائين شامل حال رهندا پيا اچن. سگا شهدادڪوٽ جي اکين جي



ڪئمپ کان وٺي هر ننڍي وڏي پروگرام ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان شامل رهيا آهن.

ڊاڪٽر محمد صالح شيخ اهڙي طرح 1974 کان 2017ع تائين پنهنجي زندگي جا 43 سال شهدادڪوٽ ۾ مناسب فيز، مختصر علاج ۽ ڪل پوڳ جي چاشني سان شهر ۽ پسگردائي جي ماڻهن جي خدمت ڪندا رهيا.هن وقت پنهنجن پٽن ، پوٽن ۽ گهر وارن سان اڪثر ڪراچي ۾ رهن ٿا ۽ اڪثر وقت عبادت ۾ گذارين ٿا. رب پاڪ هن کي شاد ۽ آباد ڪري ! صحت ۽ سلامتي عطا ڪري! ۽ هو پنهنجي اهل عيال سان خوش هجي! آمين

سگا شهدادڪوٽ جو سرواڻ

# محمد اسلم شيخ

سگا شهدادڪوٽ جي سات ۾ شروع کان سات نياڻيندڙ ۽ رضاڪارن ڪي همٿ ڏيندڙ محسن ۽ اڳواڻ سائين محمد اسلم شيخ صاحب خاص حيثيت رکي ٿو. هن جي شخصيت جا ڪيترائي رخ آهن پر هو هر لحاظ کان بهترين شخصيت آهي. ﷲ سائين هن کي علم ۽ فهم سان نوازيو آهي. هو پنهنجي ادبي ۽ فقيراڻي طبيعت جي ڪري هر دل عزيز ۽ نهايت قدآور شخصيت آهي.

ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بو بهار جي نما شخص محمد اسلم ولد حاجي رضا محمد شيخ شهدادڪوٽ ۾ تاريخ 1951_05_01 پيدا ٿيو. هن جي تعليمي قابليت ايم اي (لٽريچر)، بي ايس سي، ايل ايل بي آهي. هن جي سگا سان وابستگي سال 1978ع کان اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي. هو سگا ۾ بحيثيت لائيف ميمبر، نائب صدر، جنرل سيڪريٽري ۽ صدر (سال 88 کان 1993ع) رهيا.

هن ادبي پروگرام، ميڊيڪل ڪئمپس، مذاڪرا، مختلف سماجي ۽ رفاعي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن ۽ ڏيندو ٿو رهي. هن کي سگا شهدادڪوٽ برانچ پاران شهدادڪوٽ ۽ ان جي پرپاسي ٻهراڙين ۾ مفت طبي ڪئمپن جو بنياد وڌو، جنهن سبب شهدادڪوٽ ۾ سگا جي پذيرائي ٿي.

هن شهدادڪوٽ جي ماحول ۽ مزاج ۾ ادب، مشاعرن، نوجوانن ۾ تقرير ۽ تحرير ڪرڻ جو جذبو پئدا ڪيو. محمد اسلم شيخ صاحب مرحوم نظام الدين سومرو جي قائم ڪيل نظاميه تعليم بالغان سينٽر ۾ اڻ



پڙهيل، مزدورن، هارين، ڪاريگرن، هوٽل جي ٻيڙن وغيره کي ترغيب ڏئي ساڻن تعليمي ذوق پيدا ڪرايو. هو 1971ع کان 1973ع تائين بحيثيت ميونسپل هاءِ اسڪول/ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ سائنس ٽيچر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن 1974ع کان 1995ع تائين بحيثيت وڪيل طور خدمتون انجام ڏنيون. ان بعد محمد اسلم شيخ 1995ع کان 2011ع تائين بحيثيت جج جي خدمتون انجام ڏنيون. هن 2011ع کان 2018ع تائين لا ڊپارٽمينٽ جي بحيثيت ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري قانون ۽ هيومن رائيٽس ڊپارٽمينٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جي 2018ع کان اڄ تائين بحيثيت ميمبر سنڌ جوڊيشل هيومن رائيٽس ڪميشن گورنمينٽ آف سنڌ جي مقرري ٿي. پاڪستان ليول تي سماجي ورڪرس ۽ سندن خدمات جي سلسلي ۾ ضلعي لاڙڪاڻي مان محمد اسلم شيخ کي پاڪستان سوشل ايسوسيشن PSA پاران اسلام آباد ۾ وفاقي وزير سوشل ويلفر پاران گولڊ ميڊيل "ستاره سماج "جو سوشل ايوارڊ ڏنو ويو. ان کان علاوه هن اسلامي شريعه ڪورس، IAPR قانون جي49 گروپ جي قاهره، مصر ۾ پاڪستان جي وفد جي نمائندگي ڪئي .هن ڪيترن ئي هيومن رائيٽس ۽ لا، جسٽس تي ملڪي ۽ بين القوامي سيمينارن ۽ مذاڪرن ۾ حصو ورتو آهي. هن کي قانون جي ڊرافٽنگ ۽ ان جي فني مهارت حاصل آهي.

سگا پاران بين الاقوامي ّسچل ڪانگريس 1989ع ۾ ٿي جنهن جي قافلي کي سنڌ گهمڻ دوران هن موهن جي دڙي تي سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين سان گڏجي ميزباني ڪئي. هن سگا جي 2018ع جي اليڪشن ۾ اعزازي چيف اليڪشن ڪمشنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون.

محمد اسلم شيخ جو نه صرف سماجي ڪمن طرف لاڙو نظر اچي ٿو پر هو علمي ادبي لحاظ کان به سرگرم رهيو آهي. سائين محمد اسلم

شيخ جا ڇپيل ڪتاب شاداب شهدادڪوٽ (سنڌي) روح روان (سنڌي ۽ اردو) دل جو دفتر (شاعري)، (سنڌي، اردو ۽ انگريزي) يادن جي خوشبو (سنڌي) Visionانگريزي ۽ مختلف ريسرچ پيپر، مضمون ۽ مقالا وغيره شامل آهن. محمد اسلم شيخ جوهيومن رائيٽس تي هڪ مستند ڪتاب انگريزي زبان ۾ Inalienable Human Rightsسنڌ يڪا اڪيڊمي ڪراچي مان شايع ٿي چڪو آهي جنهنجي مهورت جلد ٿي رهي آهي. اسلم صاحب ادب ۽ شوشلۦ هيومن رائيٽس جي وسيع ڪيترم پنهنجي پهچان پنهنجي جنم يومي شهدادڪوٽ ّسان ارپي ڇڏي آهي. هوASIF ايسوسءشن آف سوشل ۽ انٽل ايڪچوٴل فورم جا باني چيئرمن به آهن.

سگا شهدادڪوٽ شاخ جا ساٿي هميشہ محمد اسلم کي پنهنجي سينئر ساٿي ۽ اڳواڻ سمجهندا آهن. هو جتي به هجي پر هن جي پنهنجن ساٿين سان گڏجي پوڪيل ٻوٽو وڏي وڻ ٿيو آهي ۽ آس پاس جي علائقن جي ماڻهن کي ميوو ۽ ڇانورو ڏئي رهيو آهي. سگا جا ساٿي اهو تسلسل قائم رکندا پيا اچن. رب پاڪ کان دعا آهي تہ سائين اسلم صاحب جتي به هجي پنهنجي اهل عيال سميت صحت ۽ سلامتي سان زندگيءَ گذاري. آمين



اصول پرست ۽ سنجيده انسان

## ايڊووڪيٽ سردار خان چانڊيو

وقت بهترين استاد آهي. اهو گهڻو ڪجهہ سيکاري ٿو. دنيا جا وڏا سچ وقت گذرڻ سان ڪوڙ ثابت ٿيا آهن ۽ وري ڪيترائي ڪوڙ سچ ثابت ٿيا آهن. ڪي ماڻهو وقت ڏسي پاڻ پليو وجن تہ ڪي وري وقت ڏسي اپرندڙ سج جي سلامي ڪن. حقيقت ۾ ڪنهن بہ شخصيت جو ماپو ڪرڻ ڏکيو آهي، پر وقت اهو ماپو آهي جنهن سان خبر پئجي سگهي ٿي. سوچيان وينو تہ اسان جي شهر شهدادڪوٽ ۾ تمام ٿوري وقت ۾ ڪيترا ئي ماڻهو ڏسندي ڏسندي متجي ويا آهن. ڪيترائي نوان سردار، پوتار ۽ ليڊر ٿيا آهن. ڪيترن ئي وقت سان سياسي لڳ لاڳاپا پئي متايا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ وقت سان تبديلي اٽر آهي ۽ جيڪڏهن اها تبديلي هاڪاري آهي تہ ان سان سماج ۾ مثبت تبديلي ايندي آهي. جرمني جي مشهور تعليمدان جان پيستلزئي مطابق روين جي مثبت تبديلي کي ئي اصل ۾ تعليم چئبو آهي. ايڊووڪيٽ سردار خان چانڊيو انهن تمام ٿورن ماڻهن مان آهي جن کي اسان شروع کان وٺي مجموعي طور تي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪوششون ڪندي ڏٺو آهي. هر ڪنهن ننڍي وڏي سان پيار ۽ احترام سان لفظن کي توري تکي ڳالهائيندي ٻڌو ويو آهي. سردار خان چانڊيو سگا شهدادڪوٽ جو بنيادي ميمبرن مان هڪ آهي. هن ڪڏهن بہ زندگي ۾ غلط يا سوديبازي ڪري زوري جاءِ ناهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. سردار خان چانڊيو پنهنجي من جو سردار آهي ۽ روايتي سردار جي برعڪس هن پاڻ پڙهائي ۽ محنت تي زور ڏئي وڪالت ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. هن جي نظر ۾ محنت ۽ تعليم ئي روشن مستقبل لاءِ ضروري آهي.تنهنڪري هو هر ڪنهن کي محنت ۽ تعليم جو درس

ڏيندو رهندو آهي. هن پنهنجن پٽن کي اعلي تعليم ڏياري هن معاشري جو ڪامياب ۽ ڪارگر فرد بڻايو آهي ۽ پنهنجن نياڻين کي وڪالت ۽ ڊاڪٽري پڙهائي هڪ بهترين مثال قائم ڪيو آهي.

سردار خان چانڊيي 18 اپريل 1953ع تي رئيس غوث ڏني چانڊيي جي گهر ڳوٺ اعتبار خان چانڊيو ۾ جنم ورتو. ڳوٺ اعتبار خان چانڊيو شهدادڪوٽ شهر جي اوڀر طرف پنجن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، جيڪو اُن وقت جي ضلعي لاڙڪاڻي ۽ هاڻوڪي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ اچي ٿو. هن بنيادي تعليم ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ورتي. جڏهن ته 1964_65ع ڌاري ڳوٺ اعتبار خان چانڊيو ۾ مڊل اسڪول جو بنياد پيو، جنهن جو پهريون استاد موجوده نالي وارو ليکڪ ۽ محقق سائين در محمد پناڻ مقرر ٿي آيو. جنهن وٽ ڇهين ڪلاس پڙهي، ستين ڪلاس لاءِ هن شهدادڪوٽ جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي.

سردار خان چانڊيي 1969ع ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان مئٽرڪ ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ داخلا ورتي. جتان 1971ع ۾ انٽر ۽ 1973ع ۾ گريجوئيشن ڪيائين. اُن وقت بورڊ جا امتحان حيدرآباد ۽ گريجوئيشن جا امتحان سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو طرفان ورتا ويندا هئا. هن گريجوئيشن ڪرڻ بعد 1975ع ۾ مئنيجر دفتر طور سرڪاري ملازمت شروع ڪئي، ۽ اهڙي ريت حيدرآباد سکر جي دفتر روزگار ۾ نوڪري ڪيائين.

1978ع ۾ هو والد جي طبيعت ناساز ٿيڻ سبب سرڪاري ملازمت تان استعيفيٰ ڏئي موٽي شهدادڪوٽ آيو. ساڳئي سال ۾ محترم محمد اشرف ڪهاوڙ سان گڏجي سگا شهدادڪوٽ شاخ جو بنياد



وڌائون. جنهن بعد ميمبر سازي ڪري ڪم شروع ڪيو ويو. 1978 کان وٺي سگا شهدادڪوٽ سان لاڳاپيل آهن. سگا شهدادڪوٽ شاخ جا ٻه دفعا جوائنٽ سيڪريٽري رهيا آهن ۽ شروعاتي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ ساٿين سان شامل هوندا هئا. هن جي دور ۾ ڪيترائي ادبي ۽ علمي پروگرام ٿيا ۽ صحت جون ڪئمپون لڳيون .

سردار خان چانڊيي ان دور ۾ ايل ايل بي لاءِ لا ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي، جتي اُن وقت قاضي اختر صاحب هيو. ايل ايل جي ڊگري وٺڻ بعد 1982ع ۾ سنڌ بار ڪائونسل ۾ رجسٽر ٿيو. جنهن بعد وڪالت سان گڏو گڏ سگا جي پليٽ فارم تان مختلف سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندو رهيو.

قمبر شهدادڪوٽ ضلعو ٿيڻ سبب 2006ع ۾ بار ڪائونسل قمبر شهدادڪوٽ ۾ رجسٽر ٿيو. ۽ 2007 ۽ 2008ع لاءِ ضلعي صدر مقرر ٿيو. جنهن بعد هو نومبر 2008ع ۾ جج انٽي ٽيررازم طور مقرر ٿيو. جيڪا ڪورٽ جيڪب آباد، شڪارپور، ۽ ڪشمور ڪنڌڪوٽ تي مشتمل هئي. ۽ ڪورٽ جيڪب آباد ۾ هئي. 2011ع ۾ جج جي عهدي جو مدو پورو ٿيو.

سردار خان چانڊيو عهدي جو ٽائيم پورو ڪري واپس شهدادڪوٽ آيو ۽ پوءِ وڪالت سان گڏو گڏ سماجي ڪم شروع ڪيائين ۽ هن وقت پنهنجي حال ۽ مزاج آهر سماجي ۽ خير جا ڪم ڪندو ٿو رهي. رب پاڪ کان دعا آهي ته هو پنهنجي اهل عيال سميت خوش ۽ سلامت هجي. آمين

# ڊاڪٽر عبدالستار وڏو

ڪي ماڻهو شهرن جي ڪري سڃاتا وڃن ٿا ته وري ڪي شهر ماڻهن جي ڪري سڃاتا وڃن ٿا. سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ پاٽ شريف جو نالو اڄڻ سان علامه آءِ آءِ قاضي ياد اچيو وڃي ٿو. يا ٿلتي جهڙو ننڍڙو ڳوٺ شمس العلماءَ دائود پوٽي جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو. ”سن“ شهر سائين جي ايم سيد ۽ هالا مخدوم نوح هالائي ۽ مخدوم طالب الموليٰ جي ڪري سڃاتا وڃن ٿا. بلڪل ساڳي طرح شهدادڪوٽ جي سڃاڻپ ميان غلام صديق يا حاڪم شاهه پٽ وارو تي سگهي ٿي پر سڄي سنڌ ۾ اکين جي ڪئمپن جا دورا ڪندي خبر پئي ته انسانيت جي بي لوث خدمت ڪندڙ مسيحائي شخصيت، ڊاڪٽر عبدالستار وڏو شهدادڪوٽ جي سڃاڻپ تي چڪو آهي. سيوهڻ، جهانگارا باجارا، گهوٽڪي، ٿل، جيڪب آباد، پير جو ڳوٺ، ڪشمور، لاڙڪاڻو، ميرو خان، باڊهه، نئون ديرو، نصيرآباد، وارهه، پنجاب جي شهر مظفرڳڙهه، ۽ بلوچستان جي شهرن اوستامحمد، جهل مگسي ۽ گندا واهه سميت ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ هر سال اکين جو ماهر ڊاڪٽر عبدالستار وڏو گاڏي ڪاهي اچي ڪئمپون قائم ڪري ٿو، پر مختلف ملڪن ۾ به پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالستار عرف گدا حسين وڏي جو جنم 30 نومبر 1961ع مشهور ڳوٺ چاڪياڻي ۾ ٿيو. سندس والد صاحب جو نالو احمد خان وڏو آهي، جيڪو ايس. ڊي. او (ايريگيشن) هوندو هو. هن جو ڳوٺ چاڪياڻي شهدادڪوٽ شهر کان ست ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي موجود آهي. چاڪياڻي شهدادڪوٽ جو پاٽ شريف آهي، چاڪاڻ ته هتي علمي ادبي پڙهيل لکيل ڪيترين ئي شخصيتون پيدا ٿيون آهن، جن سڄي سنڌ ۾ نالو روشن ڪيو. ڊاڪٽر عبدالستار وڏو صاحب انهن بي باڪ شخصيتن منجهان هڪ آهي.



ڊاڪٽر عبدالستار وڏي بنيادي تعليم مين پرائمري اسڪول (هاٽوڪي خدا بخش مين پرائمري اسڪول) شهدادڪوٽ مان ورتي. ميٽرڪ 1976ع ۾ گورنمينٽ پرونشلائيزڊ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۽ انٽر 1979ع گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. سندس ذهني لاڙو شروع کان ئي مزاج مسيحائي هيو، اهو ئي سبب هو جو هن1987ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڊاڪٽريءَ پڙهي MBBS جي ڊگري ۾ حاصل ڪئي. جنهن بعد 1988ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي اکين جي شعبي ۾ هائوس جاب ڪيائين. 1989 ع ۾ ڊائو يونيورسٽي ڪراچي ۾ پروفيسر منظور صاحب وٽ پوسٽ گريجوئيٽ جو شاگرد رهيو بعد ۾ Specialization in Ophthalmology in MCPS from College of Physician and Surgeon Karachi ۾ حاصل ڪيائين. ۽ پوءِ سپ ڪان پهريان 10 مارچ 1990ع تي عاقل لاڙڪاڻي ۾ ميڊيڪل آفيسر جي حيثيت سان گورنمينٽ ملازم طور شامل ٿيو. ڊاڪٽر صاحب ميڊيڪل آفيسر کان علاوه هڪ ٽريني رجسٽرار طور 1990 ع کان 1994ع تائين رهيو. 1994ع کان 1996ع تائين ڪراچي جي اسپتال ۾ رهي ميڊيڪل جي ٽرڊ ۽ فورٿ ييئر جي شاگردن کي پڙهائيندو هو.

ڊاڪٽر عبدالستار صاحب پنهنجي محنت سان سڄي سنڌ مان واحد شاگرد هو جنهن MCPS جو امتحان سيپٽمبر 1996ع ۾ پاس ڪيو. پروفيسر منظور مرزا جي نظرثاني ۾ MCPS ڪرڻ يقينن هڪ اعزاز هو. پنهنجي استاد جي حڪم ۽ خواهش تي اڳتي پڙهائي ڇڏي ۽ وڌيڪ ڊگريون حاصل ڪرڻ بدران اچي سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي شهر شهدادڪوٽ پهتو. (جيڪو شهر سندس جنم پومي پڻ آهي.) جتي 17 ڊسمبر 1996ع تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ اکين

جي ماهر ڊاڪٽر طور شامل ٿيو. مئي 1998ع تي اکين جي ماهر ڊاڪٽرن جي ڪميشن تي. 22 ڊاڪٽرن جي ميرٽ ۾ هو ٻيو نمبر آيو.

جڏهن ڊاڪٽر عبدالستار وڏو تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ آيو ته اُتي اکين جو الڳ وارڊ يا سامان وغيره ڪونه هو. هن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم شروع ڪيو ۽ سگا شهدادڪوٽ شاخ جا ساٿي پڻ سندس مدد گار رهيا. اهو اڄ تائين اسپتال جي رڪارڊ ۾ آهي ته اکين جي وارڊ کي رنگ ڪرائڻ، بنيادي سامان وٺي ڏيڻ ۾ شروعات سگا شهدادڪوٽ ڪئي. ڊاڪٽر عبدالستار صاحب تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ پاڻ مرادو انقلابي قدم کڻي او پي ڊي، اکين جو وارڊ ۽ بلاڪ قائم ڪيو. جنهن ۾ هن اکين جي مريضن لاءِ خاص طور آپريشن ٿريٽر به قائم ڪيو آهي. 2003 ع ۾ پريوينشن اينڊ بلائينڊنيس سيل ڪراچي جي تعاون سان ڪافي سامان مليو. جنهن سان هن اکين جو يونٽ ٺاهيو ۽ اڄ تائين بهترين خدمتون ڏئي رهيو آهي. هن پنهنجي ماهراڻي تجربي جي بنياد تي هڪ مهيني جي چاول ٻار جو ڪامياب آپريشن ڪري مثال قائم ڪيو. ڪيس اکين جي ليزر ۽ ٻين گهڻين اهم قسمن جي سرجرين جي قابليت حاصل آهي. هن پنهنجون ذاتي ڪوششون وٺي شهدادڪوٽ جي اسپتال جي اکين جي وارڊ کي نهايت ڪارگر بڻايو. هر سال اسپتال مان لڳ ڀڳ 3000 جي آپريشن لينس عام ماڻهن جي بنا پئسي جي ٿيو وڃن .

ڊاڪٽر عبدالستار وڏو شهدادڪوٽ ۽ آسپاس ۾ ٽراڪوما جي بيماري بابت 1997ع کان واسطيدار ادارن ڏانهن لکندو رهيو. 2010ع تي نيشنل ليول سطح تي سروي ڪرائي وئي، جنهن ۾ ضلعو قمبر شهدادڪوٽ پوري پاڪستان ۾ چترال کان پوءِ ٽراڪوما جي بيماريءَ لاءِ ٻين نمبر تي آيو. ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پي سي بي ۽ عالمي ٽراڪوما تنظيم طرفان ٽراڪوما بيماريءَ لاءِ آيل دوائن جي ورهاست ڊاڪٽر عبدالستار وڏي جي اڳواڻيءَ ۾ ٿي .



2018 ع ۾ انٽرنيشنل ٽراڪوما ايجنسيءَ طرفان جرمنيءَ کان پروفيسر مارٽن آيو. سنڌ اسپتال وزيوئل سائينسز حيدرآباد ۾ جنهن ۾ سڄي پاڪستان مان 11 ڊاڪٽر هئا. جن کي مارٽن خاص سکيا ڏني. مريض جا وار پمبڙين اندر سڙي ويندا آهن. انهن جي بچاءَ لاءِ اسپيشل آپريشن سيکاري، جيڪا انٽرنيشنل آرگنائيزيشن کان مڃيل آهي. 15 ڏينهن جي ٽريننگ کان پوءِ انهن ڊاڪٽرن کي انٽرنيشنل طور تي ٽراڪوما جو ماسٽر ٽرينر طور تي سَنَدَ ڏني وئي. هن ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڪيٽرن ئي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل آفيسرن جي ٽريننگ ڪرائي آهي ۽ ٽراڪوما جي نئين آپريشن ڪرڻ سيکاري آهي .

ڊاڪٽر صاحب جي ڪردار جو وڏو پاسو انساني ڀلائي خاطر هر وقت تيار رهڻ ۽ بنا لالچ ۽ لوڀ جي وقت تي ڪم اچڻ ۽ عملي طور انهي کي ثابت ڪرڻ آهي. انهيءَ جو مثال اسان جي سگا جو پليٽفارم آهي. جڏهن 1987ع ۾ سيوهڻ شاخ اکين جي ڪئمپ organize ڪئي ته انهي ۾ سر فهرست رهيا. اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ مفت اکين جي ڪئمپ ۾ عبادت سمجهي اڄ ڏينهن تائين خدمتون ڏيندا رهن ٿا. ڊاڪٽر عبدالستار وڏي ميڊيڪل شعبي ۾ مختلف سماجي ڪمن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن 1997ع ۾ سگا طرفان لڳايل پهرين اکين جي ڪئمپ ۾ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي خدمتون سرانجام ڏنيون. ان کان پوءِ هو سگا شهدادڪوٽ شاخ جي ٻين سڀني سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺندو رهيو آهي. هو سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪيٽرين ئي اکين جي ڪئمپن جو حصو رهيو آهي. هن پاڪستاني ٽيم سان اکين جي عالمي ڪئمپن، جهڙوڪ: عراق جي شهرن، ڪربلا موليٰ، نجف اشرف، ڪوٽ ۽ ديوانه صوبي ۾ حصو وٺي عالمي مهارت ۽ شهرت حاصل ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب 1997ع کان سگا شاخ شهدادڪوٽ ۾ ميمبر جي حيثيت سان شامل ٿيو. هو سگا شهدادڪوٽ شاخ کي سماجي ڪمن ۾ جاني توڙي مالي سهڪار به

ڪندو رهي ٿو. هر سال سگا شهدادڪوٽ طرفان اکين جي ڪئمپ جي سرواڻي جڻ سندس ذمو هجي. سندس دلچسپي سبب ٻيا ٻہ اکين جا ڊاڪٽر اچي ڪئمپ ۾ پنهنجون خدمتون ڏيندا رهن ٿا. سگا شهدادڪوٽ هن وقت تائين 25 اکين جون ڪئمپون لڳائي چڪي آهي، جنهن جو گهڻو ڪريڊٽ ڊاڪٽر عبدالستار وڏي صاحب ڏانهن وڃي ٿو. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين وٽ ڊاڪٽر عبدالستار صاحب جي تمام وڏي عزت ۽ احترام آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو ڪيترا ڀيرا اليڪشن ڪاميٽي سگا شهدادڪوٽ جو چيئرمين ۽ ميمبر پڻ رهي چڪو آهي.

هو 1998ع ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن لاڙڪاڻي جو نائب صدر مقرر ٿيو. پي ايم اي تعلقي شهدادڪوٽ جي چار دفعا صدر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس. هن وقت ٻيو دفعو لڳاتار ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو صدر آهي . ڊاڪٽر صاحب ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڊاڪٽرن جي حقن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندو رهي ٿو. ۽ 2007ع کان 2017ع تائين پاڪستان ڊاڪٽرس فورم جي صدر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنائين.

ڊاڪٽر عبدالستار پي ايم اي ۽ پي ڊي ايف جو صدر هوندي 2007ع ۽ 2010ع جي ٻوڏ دوران سڄي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي اندر ڪيترئون ئي ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪيون ۽ 10 محرم الحرام ۽ چهلم تي شهدادڪوٽ جي ڪوٽو موٽو چوڪ تي ميڊيڪل ڪئمپون پڻ لڳائيندو رهي ٿو. هن وقت بہ پيپلز پارٽيءَ طرفان پي.ڊي. ايف جو ٻيون دفعو ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو صدر آهي. سندس چوڻ آهي تہ 2006ع ۾ ڊاڪٽر ضياءُ الدين صاحب ذاتي دلچسپي سان پي سي بي سيل جي طرفان ييگ ليزر مشين ڏني، جيڪا مسلسل 10 سال هلي. لک پڙهہ ڪئي سي پر ڪم نہ ٿيو. ييگ ليزر سمجهو تہ سيڪنڊ لائين سرجري هوندي آهي. ييگ ليزر مشين ذريعي رڪارڊ موجب



30350مريضن جو آپريشن ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن في مريض کان ييگ ليزر آپريشن جا 5000 بہ وٺجن تہ هڪ ڪروڙ سٺهٺ لک عوام جا بچيا آهن. تازو ئي ڊِي.سي قمبر شهدادڪوٽ جاگيراڻي صاحب ذاتي دلچسپي وٺي 9 لک 8 هزار روپيا ڪنهن مخير ماڻهو کان ڪمپني کي ڏياريا ڪافي عرصي کان خراب ييگ ليزر مشين ٺهرائي، ۽ هاڻي اها ييگ ليزر مشين هلي ٿي ۽ ڊاڪٽر صاحب وري آپريشنون ڪري پيو.

هن ڪي تعلقي اسپتال شهدادڪوٽ ۾ 24هون سال هلي ٿو. اسپتال جي رڪارڊ موجب هو گذريل سال تائين 2 لک 22 هزار او پي ڊي ڪري چڪو آهي، جنهن ۾ پرائيويٽ يا ڪئمپ جي او پي ڊي الڳ آهي. نہ صرف اهو پر هن 3500 ليزر آپريشن ڪيا آهن، 9000 (نو هزار) ميجر آپريشن ڪيا آهن، 8500 مائينر آپريشن ڪيا آهن. سگا شهدادڪوٽ جي گذريل 25 ڪئمپن جي رڪارڊ موجب هن 9000 جي لڳ ڀڳ آپريشن ڪيا آهن، جيڪو حقيقت ۾ وڏو رڪارنامو آهي .هو هڪ مسلسل جدوجهد ڪندڙ بي لوث خدمتگار آهي. رب پاڪ هن کان خير جا ڪم ڪرائيندو رهي ٿو. جيڪي عين عبادت ۽ صراط مستقيم جي رستي پار ڪرائڻ وارا آهن.

ڊاڪٽر عبدالستار وڏي کي قومي بين الاقوامي تنظيمن طرفان بي لوث خدمتن جي مڃتا عيوض مختلف انعام ۽ ڪيترا ئي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن.

1. انسان همدرد سنگت شهدادڪوٽ طرفان سٽيزن ايوارڊ سان نوازيو ويو.
2. سٽي گورنمينٽ طرفان 2006 ۾ تعلقي شهدادڪوٽ جو بيسٽ ڊاڪٽر ايوارڊ مليو.
3. شهدادڪوٽ فورم طرفان بهترين شهري جي انعام سان نوازيو ويو.
4. سگا برانچ شهدادڪوٽ جي طرفان بهترين ڪارڪردگي جو انعام پڻ ڏنو ويو.
5. سگا مرڪز طرفان بهترين خدمتن تي گولڊ ميڊل ڏنو ويو.

ڪاھوڙي سگائي

# هادي بخش منگي

1989ع جي نومبر مهيني جا آخري ڏينهن هجن. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين صدر محمد اسلم شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري استاد محمد حسن پنهڻ جي اڳواڻي ۾ ڪيترائي ساٿي صبح جو سوير تيار ٿئي اچي سنڌ جي هزارين سال پراڻي تاريخ جي حقيقي ثبوت ۽ دنيا ۾ رهندڙ ڪيترن ئي ماڻهن جي دلين ۾ آباد ويران شهر موهن جي دڙي تي پهتا ڇاڪاڻ جو سگا طرفان لڳايل بين الاقوامي سچل ڪانگريس جي وفد کي ڀليڪار ڪرڻو هو.هي وفد ڪانفرنس جون ڪيتريون ئي نشستون پوريون ڪري سنڌ جي دوري تي نڪتل هو. ڪيترن ڏينهن کان سنڌ جا شهر، تاريخي ماڳ ۽ مشهور هنڌ گهمندو اچي موهن جي دڙي تي پهچڻو هو. وفد ۾ سگا جا سرواڻ محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، سگا چيئرمين برڪت علي چوهاڻ، سيڪريٽري جنرل ممتاز ڪلهوڙو، شمشير الحيدري، ولي محمد روشن ، وينا شرنگي ۽ ٻيا ڪيترائي هنڌ سنڌ جا پيارا ماڻهو شامل هئا. هر ڪنهن کي وڏو جوش هو، وڏي خوشي هئي. سگا تي ضيا طرفان لڳايل بين تازو محترمہ بينظيرڀٽو ختم ڪيو هو. سگا هڪ دفعو ٻيهر نئين ولولي سان سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌي ماڻهن جي نمائندي ڪري رهي هئي.قافلي کي موهن جي دڙي تي پهچڻ تي گلن جي ورکا ڪئي وئي ۽ شهدادڪوٽ جي ساٿين ڏونڪن سان ڇيڄ هٽي ،دهلن شرنائين سان روايتي انداز ۾ ڀليڪار ڪئي وئي. تمام وڏو جوش ۽ ولولو هو جيڪو ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ اتساهه جو سبب بڻيو. شهدادڪوٽ مان جيڪي ساٿي ڀليڪار لاءِ شامل ٿيا هئا انهن مان هادي بخش منگي به



هو. سنهڙو سيپڪڙو غريب طبقي سان واسطو رکندڙ هن شخص کي موهن جي دڙي جي ان وقت نومبر جي سرد هوا آنڌ مانڌ پيدا ڪري ذهن تي گرمي پيدا ڪئي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ، پنهنجي ڳوٺائن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي جستجو ۽ اتساهه پيدا ٿيو. هن پنهنجي محسنن سان گڏجي سماجي ڀلائي جا ڪم شروع ڪيا ۽ ايترو سرگرم ٿئي ويو جو نيٺ هڪ ڏينهن هادي بخش منگي شهدادڪوٽ شاخ جو 1994ع ۾ صدر ٿئي ويو. سگا شهدادڪوٽ شاخ ۾ 1978 کان پوءِ پهريون دفعو 1994 ۾ وڏي تبديلي آئي . ڇوجو شروع کان عهديدار ساڳيا رهيا هئا .

هادي بخش منگي شهدادڪوٽ شهر جو عام پورهيت هو. هن جي پيدائش 13 آگسٽ 1965ع تي شهدادڪوٽ ۾ ٿي. هن جي والد جو نالو سرائي خدا بخش منگي هو. پرائمري تعليم گورمينٽ پرائمري اسڪول قمبراڻي شهدادڪوٽ مان حاصل ڪيائين.ميٽرڪ 1982ع ۾ گورنمينٽ پرووينشلائيزڊ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۽ انٽر 1984ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ حاصل ڪيائين. گريجوئيشن 1987ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي قمبر سينٽر مان ڪئي ۽ ايل ايل بي لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين.

هادي بخش منگي سگا شهدادڪوٽ ۾ ڪافي تحرڪ پيدا ڪيو. هن ڪيترائي ميڙاڪا ۽ گڏجاڻيون ڪرايون. شهر جي مسئلن تي واسطيدار ادارن ۽ اخبارن ڏانهن لکپڙه ڪئي. ايف پي بند ٽٽڻ تي شهر مان پڪل ڪاڌو تيار ڪري بند تي غريب ماڻهن کي ڏيئي ايندا هئا. سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين طرفان ڏينهن رات هڪ ڪري ٻوڏ ۽ برسات جي سٽيل مسڪين ماروئڙن ۾ ان وقت جا 80 اسي هزار روپين جو امدادي سامان پهچايو جنهن ۾تيار ٿيل ڪاڌي پيتي جي شين کان علاوه ٻيو ڪافي دفاعي سامان فراهم ڪيا ويا. شهدادڪوٽ ۾ 8 اٺ روزه مفت

اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اکين کان معذور 436 مريضن ماڻهن جي اکين جي مڪمل آپريشن ڪرڻ بعد کين فارغ ڪيو ويو ۽ اکين جي چيڪ اپ ۽ آپريشن لاءِ ٻاهرين شهرن کان اکين جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو ۽ ان کان علاوه ٻاهر کان آيل ايترن ماڻهن لاءِ رهائش جو به باقائده بندوبست ٿيل هو. جنهن سان ڪنهن به مريض کي تڪليف سان منهن ڏيڻو نه پيو. هادي بخش ۽ سگا ساٿين شهري مسئلن جي حل لاءِ ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن ۾ مهمان خاص سنڌ جي وزيراعليٰ سيد عبدالله شاهه جو خاص صلاحڪار عبدالعزيز ٻرڙو جن هئا. جنهن نهايت اطمينان سان شهرين جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي فوري حل لاءِ يقين ڏياريو. ان کان علاوه هادي بخش منگي ساٿين سان گڏجي ميونسپل لائبريري ۾ سگا مرڪز طرفان هدايتن تي هنر سکو، روزگار حاصل ڪيو سيمينار ڪوٺايو. جنهن ۾ ڪيترن ئي مسئلن تي ماڻهن ڳالهايو. روزگار حاصل ڪرڻ ۽ هنر سکڻ تي زور ڀريو ويو.

شهدادڪوٽ ۾ پهريون دفعو سگا جي تعاون سان شفقت حسين وڏو جي خوبصورت ۽ وڻندڙ پينٽ ڪيل تصويرن جي نمائش ڪرائي وئي ۽ ان تصويري نمائش واري تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو محترم شمس جعفراڻي مهمان خصوصي طور22 آڪٽوبر 1995ع تي شرڪت ڪئي ۽ جنهن پنهنجي خطاب دوران ان نمائش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اگر اها نمائش ڪنهن وڏي شهر ۾ منعقد ٿئي ها ته ان جو ڪو وڏو قدر ڪيو وڃي ها، هن چيو ته اها اسان جي خوش نصيبي آهي جو سگا جي تعاون سان اهي دلچسپ ۽ اهم نمائش ننڍي شهر ۾ ڪرائي وئي . سگا شهدادڪوٽ طرفان 14 آگسٽ پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن تي نوجوان شاگردن ۾ ذهني چٽاپيٽي جو مقابلو ڪرايو ويو ۽ تنهن کان ڪجهه ئي ڏينهن گذرڻ بعد تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ۽ پاڪستان جي پوليو مهم ۾ پڻ



حصو ورتو ويو ۽ سگا ٻاران هزارين ٻارن کي پوليو جي بيماري کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاريا ويا. شهر ۾ مختلف راندين جون ٽورناميٽس ڪرايون ويون ۽ انعام به سگا پنهنجي طرفان تقسيم ڪرايا . ان کان علاوه سگا شهدادڪوٽ جي ساليانه تنظيمي ڪارڪردگي کي مد نظر رکندي پوري سنڌ ۾ سگا شهدادڪوٽ جي بهترين ڪارڪردگيءَ ۽ رڪارڊ ڪارنامن تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن طرفان 1995ع تي شهدادڪوٽ شاخ جي صدر هادي بخش منگي کي وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه هٿان سلور ميڊل انعام ڏنو ويو .

هادي بخش منگي ۽ ساٿين تمام وڏي جدوجهد ڪئي. انهن لک پڙهه ڪئي ته جيئن ٻين شهرن جيان شهدادڪوٽ ۾ معياري تعليم جي حصول لاءِ روشن تارا اسڪول کولجي. هڪ يادگار گڏجاڻي سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن شهدادڪوٽ جي ميمبرن جي 1996 سٽيزن ڪلب ۾ ٿي، جنهن ۾ مرڪزي عهديدارن سميت سگا شاخ جي ٻين عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي، صدارت مرڪزي وائيس چيئرمين علي گوهر پناڻ ڪئي، جڏهن ته ڪارروائي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مظهرالدين ميمڻ هلائي. اجلاس ۾ سگا جو صدر هادي بخش، غلام مصطفيٰ وڏو، واجد سيال، ڪامريڊ ولي محمد مگٺهار، سائين لال، امداد چانڊيو، محمد بخش ڪهاوڙ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر محمد اجمل ڪمبوهه، وهاب پندرائي، سرور سيلرو ۽ ٻين ڪيترن ئي شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سگا طرفان شهدادڪوٽ ۾ روشن تارا اسڪول کوليو پيو وڃي جنهن جي موٽ شهرين پڻ ڏني، مرڪزي عهديدارن ان سلسلي ۾ بهترين ڪم ڪرڻ جو يقين ڏياريو. وقت جي اعلي آفيسرن ڏانهن گورنمينٽ جو پلاٽ ڏيڻ لاءِ ڪيئي سال لک پڙهه ڪئي وئي. پلاٽ جي نشاندهي ۽ نقشو به جمع ڪرايو ويو پر هر آفيسر پنهنجون پنهنجون مجبوريون ٻڌايون تان جو اڄ

ڏينهن تائين روشن تارا اسڪول شهدادڪوٽ ۾ نہ ڪلي سگهيو آهي پر ويچاري خواهش اڃان سگا شهدادڪوٽ جي ساٿين جي سيني ۾ ساڀيان لاءِ سڏڪا ڀري رهي آهي .

هادي بخش منگي جا جذبا اڄ بہ جوان آهن . هو مسلسل ساٿين سان پنهنجي حال آهر ڪوشش ڪندو ۽ سات نڀائيندو اچي ۽ هر ننڍي وڏي پروگرام ۾ شامل ٿئي ساٿين سان سات ڏيندو اچي. رب پاڪ پنهنجي محبوب جي صدقي اهڙن پيارن ماڻهن کي پنهنجي اهل عيال سميت خوش رکي. آمين



مصروف زندگي گذاريندڙ

## ڊاڪٽرشاهنوازشيخ

هر ماڻهو جي خواهش هوندي آهي تہ هو ڀرپور خوشين واري زندگي گذاري پر ائين حقيقت ۾ ٿورا ماڻهو ڪري سگهندا آهن.اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ اهي غلط وقت يا غلط جڳهہ تي پيدا ڪيا ويا آهن. ماڻهو اڪثر ماحول ۽ گهربل شيون نہ هجڻ ڪري محرومين جون شڪايتون ڪندا آهن ۽ پنهنجو قيمتي وقت وڃائيندا آهن پر ڊاڪٽر شاهنواز شيخ جي زندگي جي هر دور ۾ هر رخ ڀرپور تحرڪ وارو رهيو آهي. هو هميشہ دوستن، يارن ، ننڍن ، وڏن ماڻهن، استادن شاگردن ۽ هر طبقي جي ماڻهن جي وچ ۾ متحرڪ ۽ ڀرپور وقت گذاريو آهي.

ڊاڪٽر شاهنواز شيخ جو جنم جي تاريخ 1965/04/06 جنم ڏينهن شهدادڪوٽ شهر ۾ ٿيو پر هن جو اصلي ڳوٺ چوهڙپور ديهہ آگاٽي تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو جتان هن جو والد حاجي هدايت الله خان شاديءَ کان پوءِ چوهڙپور مان شهدادڪوٽ شهر شفٽ ٿيو. هن پنهنجي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري مهراڻ اسڪول مان حاصل ڪئي. جتي هو ننڍي لاءِ کان وٺي تمام گهڻو متحرڪ ، پر اعتماد ۽ ملڻو جلڻو شاگرد هوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هو ٻاراڻي وهي ۾ گلن جهڙا ٻارڙا شهدادڪوٽ جو صدر ٿيو. پهريائين چٽنگ سنگت شهدادڪوٽ جو صدر ۽ بعد ۾ چٽنگ سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيو. ڊاڪٽر شاهنواز شيخ جون چٽنگ سنگت، گلن جهڙا ٻارڙا ، گل ڦل ، روزاني نجات ، آفتاب ، سنڌ ٽائيمس ، سنڌ نيوز، جاڳو، برسات، عبرت، عبرت مئگزين، عوامي آواز، هلال پاڪستان، هلال ميگزين، لطيف ڊائجسٽ، هفتيوار اخبار جهان، ٽي ماهي مهراڻ، مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون، ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون شايع ٿيون.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس پاس ڪرڻ کان پوءِ سگا شھدادڪوٽ برانچ سان وابستگي رھي ۽ بعد ۾ باقاعده ميمبر ان وقت جي سگا جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مظھر ميمڻ صاحب جي ھٿان ٿيو. ھن سگا شھدادڪوٽ جي صدر ٿيڻ بعد ڪيترن نون ساٿين کي ميمبر ڪيو جن ۾ آئون ( خالد حسين چنا) بہ شامل آھيان. ڊاڪٽر شھنواز شيخ سگا شھدادڪوٽ برانچ جو 2 ڀيرا صدر رھيو. ان دوران ھن سگا شھدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري محترم ممتاز وڏو ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي رمضان شريف ۾ ٽن ڏينھن واري سگا عيد بچت بازار موجوده سائين خدابخش سومرو مين پرائمري اسڪول شھدادڪوٽ ۾ لڳائي ، جتي ھول سيل ريٽ تي ضرورت جون شيون ماڻھن کي فراھم ڪيون ويون ، ان کان سواءِ ٻارڙن توڙي عورتن جي تفريح لاءِ پڻ انتظام ھيو. جنھن ۾ ڏينھن جو عورتون ۽ شام جو مرد خريداري ڪندا ھئا جيڪو وڏين تڪليفن، رڪاوٽن، شيطان صفت ماڻھن جي ڪريل حرڪتن باوجود، الله پاڪ جي ٻاجھہ، سگا جي سمورن دوستن جي محنت، سچائي ۽ شھر جي سيني سياسي، سماجي، مذھبي، ادبي، پڙھيل لکيل، سلجھيل دوستن ۽ صحافين جي ساٿ سان شھدادڪوٽ شھر جو ھڪ منفرد، منظم، بھترين نہ وسرندڙ ۽ يادگار پروگرام ثابت ٿيو.

ان کان سواءِ ڊاڪٽر شھنواز شيخ جي وقت ۾ ٻوڏ جي ستايلن لاءِ مختلف ڳوٺن ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپس جن ۾ جنرل، ڪن نڪ ڳلي، ڇاتيءَ، چمڙي ۽ ٻين مختلف بيمارين جي علاج جون ڪئمپون لڳايون ويون. پوليو خلاف مھم ۾ پڻ حصو ورتو ويو. ھيپيٽائيٽس جي آگاھي لاءِ ماڻھن ۾ جاڳرتا جي لاءِ ريلي ڪڍي وئي. ۽ ڪيترن ئي غريب ماڻھن جي مفت چڪاس ڪئي وئي.



پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ضلعي لاڙڪاڻي جو نائب صدر رھيو ۽ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي جي چانڊڪا مئگزين جو چيف ايڊيٽر، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن شھدادڪوٽ جو 2 ڀيرا صدر ۽ 1 ڀيرو جنرل سيڪريٽري پڻ رھيو چڪو آھي.

شھدادڪوٽ سماج سڌار سنگت جي جنرل سيڪريٽري ھجڻ دوران، جنھن جو صدر مرحوم غلام نبي سومرو ھيو، ھن شھدادڪوٽ شھر ۾ سماجي ڪمن ۾ اھم ڪم ان وقت ڪيو جڏھن سڄي سنڌ ۾ ھيروئن جي وبا پنھنجي اوج تي ھئي ۽ اسان جي شھر شھدادڪوٽ جا نوجوان پڻ ان ۾ جھجھي تعداد ۾ مبتلا ھيا. ھيروئن ۾ مبتلا نوجوانن کي ان عادت مان جند ڇڏائڻ لاءِ مختلف دوستن ۽ تنظيمن ساڻ گڏجي مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي جيڪا موجوده گرلس پرائمري اسڪول ۾ وئيڪيشن دوران 30 ڏينھن کان بہ وڌيڪ ھلي جنھن ۾ ڪافي نوجوان ھيروئن جھڙي گندي عادت ڇڏي ويا ۽ صاف سٿري زندگي گذارڻ لڳا. ان کان علاوه مختلف مفت طبي ڪيمپون ، مختلف وقتن تي پڻ لڳايون ويون .

انگريزي اخبار روزاني ڊان، سنڌ ايڪسپريس ۽ سنڌي اخبار عوامي آواز ۾ جرنلسٽ رھيو. ڪاليج مئگزين شھدادڪوٽ جو چيف ايڊيٽر ھو. لطيف ادبي سنگت شھدادڪوٽ ڪاليج جي صدر ھئڻ دوران ڊاڪٽر شاھنواز شيخ 1981 ۾ شھدادڪوٽ ڪاليج جي ميدان تي دوستن سان گڏجي ھڪ يادگار جشن لطيف ملھايو ، جنھن جي صدارت استاد بخاري ڪئي ھئي، جنھن ۾ ان دؤر جي سنڌ جي ناميارن اديبن، شاھ لطيف جي پارکن، شاعرن، قلمڪارن، فنڪارن علڻ فقير، جيجي زرينا بلوچ، منظور سخيراڻي، قمر سومرو ۽ ٻين فنڪارن لطيف سرڪار کي ڳايو ھيو ۽ شھدادڪوٽ شھر ۽ انجي پسگردائيءَ جي ماڻھن تمام گھڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ھئي.

شاگرديءَ واري زماني ۾ جنرل ضياءَ جي دور ۾ گرفتار ٿيو جنهن ۾ سي آئي سينٽر لاڙڪاڻو ۽ آرمي ڪيمپ ريلوي اسٽيشن قمبر سميت مختلف هنڌن تي رکيو ويو. سي آئي سينٽر لاڙڪاڻو ۾ هن سان گڏ ساڳي هٿڪڙي ۾ مرحوم سائين حسين شاهه سجاول وارو به هيو ۽ اهي تقريبن سورهن ڪلاڪ اڀا بيٺل هيو. ڪيس سمري ملٽري ڪورٽ ۾ هلايو ويو. بينظير ڀٽو صاحبہ پنهنجي پهرئين وزارت اعظمي 1 جي دور ۾، اهي ڪيس واپس ورتي، عدالتي حڪم وسيلي ختم ڪيا.

1988 ۾ جڏهن 01 آڪٽوبر تي فاشسٽ لساني گروهه ايم ڪيو ايم جي رهزنن ۽ قاتلن طرفان بيگناهه سنڌي ماڻهن جو ڪراچي ۾ قتل عام ڪيو ويو ان وقت سگا مرڪز پاران پهرئين ايمبولنس سروس جي شروعات لاءِ چندي جي اپيل ڪئي وئي ته سگا مرڪز کي شهدادڪوٽ جي شاگردن پاران 5000 هزار donation جمع ڪرايا ويا.

ڊاڪٽر شاهنواز شيخ صاحب مختلف وقتن تي ڪيترين ئي ذميوارين نڀائيندو ٿو اچي. 2011 ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (اي ڊي ايچ او)ضلعو قمبر/شهدادڪوٽ ٿيو. 2012 ۾ ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (اي ڊي او هيلٿ)ضلعو قمبر/شهدادڪوٽ هو. 2016 ، 2017, 2018 ۾ مختلف وقتن تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (ڊي ايچ او) ضلعو قمبر/شهدادڪوٽ رهيا. مارچ 2019 کان هن وقت تائين پرنسپال پاڪستان پيراميڊيڪل انسٽيٽيوٽ (پي ايم اءِ) لاڙڪاڻو آهي ۽ هر هنڌ هن ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ته هو پنهنجو موئثر ڪردار ادا ڪري قوم جي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪري. رب پاڪ کان دعا آهي ته هو جتي به هجي پنهنجي اهل عيال سان خوش هجي.



انمول انسان

## پروفيسر ”عاطف“ عبدالجبار جوڻيجو

سنڌ سونهاري سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي آهي، جنهن سدائين انمول انسانن کي جنم ڏنو آهي. انهن انمول انسانن منجهان پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو به هڪ آهي. رب پاڪ هن کي خدا داد صلاحيتن ۽ بهترين خصلتن سان نوازيو آهي. جڏهن کان منهنجي هن سان دعا سلام ٿئي آهي تڏهن کان مون هن کي ڪنهن نه ڪنهن خير جي ڪم ۾ مصروف ڏٺو آهي. ڪڏهن ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهو کي دوا درمل وٺي ڏيڻ ته ڪڏهن ڪنهن سنگت جي ڪم مصروف هوندي ڏٺو آهي. مون تي هن جا ڪيترا ئي ٿورا آهن. رب پاڪ اڪثر ڪري هن جي هٿان خير جا ڪم ڪرائيندو ٿو رهي.هو ٻين جي ڪم کي رضا خوشي سان پنهنجو ڪم سمجهي ڪندو آهي. عبدالجبار ۾ ڪمال جي سهپ ۽ رواداري آهي. هن ۾ پنهنجي عمر کان وڏي جڳ جا بهترين صالح قدر ۽ خصلتون موجود آهن جيڪي هن کي انمول بڻائڻ ٿيون.

عبدالجبار جوڻيجو شهدادڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجي ۾ 06 جنوري 1971ع تي هڪ غريب خاندان ۾ اک کولي. سندس تعليم ايم اي سنڌي ادب ۽ ”ايم ايڊ“ آهي. پيشي جي لحاظ کان 25 مئي 1989ع کان 31 جولاءِ 2002ع تائين مختلف هاءِ اسڪولن ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر (JST) طور فرض سرانجام ڏنائين. ان کان پوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري پهرين آگسٽ 2002ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 18 ڊسمبر 2018ع تي ترقي ماڻي اسسٽنٽ پروفيسر طور گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ادبي دنيا ۾ ”عاطف“ عبدالجبار جوڻيجي جي نالي سان 1988ع کان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ لطيف رحہ جي شاعري جو اثر قبول ڪندي لطيف سائين جي مختلف سُرن جي فن ۽ فڪر تي تحقيقي مقالا لکڻ شروع ڪيائين ۽ ڀٽ شاهہ ۾ ساليانہ لطيف ڪانفرنس ۾ مقالا پيش ڪري چُڪو آهي، جن مان ڪافي مقالا ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ طرفان شايع ڪرايل ڪتابن ۾ شايع ٿي چُڪا آهن. سندس مختلف مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿيا آهن. ان ڪان علاوه وٽس ٽي ڪتاب ”لطيفي سُر“، ”لطيفيات“ (سوال جواب) ۽ ”سنڌي ادبيات“ (سوال جواب) جي قلمي صورت ۾ موجود آهن، جيڪي ڇپائي لاءِ پڻ منتظر آهن.

جيئن تہ عبدالجبار جوڻيجو گهڻ رخي شخصيت آهي، علمي ادبي خدمتن کان سواءِ سياسي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو، پاڻ پنهنجي شاگردي واري دور ۾ ئي ڳوٺاڻي ماڻهن جي سماجي ڀلائي ۽ تعليمي شعور اُجاڳر ڪرڻ لاءِ پنهنجي همڪلاسي دوستن سان گڏجي سچل سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جو ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجو ۾ بنياد وڌو، جنهن جو 1987ع کان 2010ع تائين پاڻ جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهيو، ان سماجي خدمتن جي سلسلي کي قائم رکندي 2002ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جو ميمبر بڻيو. سندس خدمتن کي نظر ۾ رکندي سِگا شهدادڪوٽ جي ساٿين کيس 2006ع ۾ شاخ جي نائب صدر جي عهدي تي مقرر ڪيو، ان بعد 2009ع کان 2018ع تائين کيس بنامقابلي 3 ڀيرا صدر سگا شاخ شهدادڪوٽ چونڊيو ويو. پاڻ جڏهن سِگا شاخ شهدادڪوٽ جا صدر بڻيا تہ انتهائي متحرڪ انداز سان سگا شاخ شهدادڪوٽ کي منظم ڪرڻ جي



ڪوشش ڪيائين ، شاخ جي ميمبرن جو تعداد 26 مان وڌائي 82 تائين پهچايو، جنهن مان تمام وڏي اڪثريت بي باڪ ميمبرن جي آهي. سندس دور ۾ 2010ع جي مها ٻوڏ هجي يا عام رواجي زندگيءَ ۾ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض نهايت سهڻي انداز سان سرانجام ڏنو ۽ اڄ بہ بحيثيت ميمبر سگا شاخ شهدادڪوٽ کي سرگرم رکڻ سندس اولين ترجيح آهي، سندس صدارت واري دور ۾ جيڪي اهم پروگرام ٿيا، جنهن جي شاهدي سگا جو رڪارڊ ڏئي سگهي ٿو، ان کي ڏسي ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو تہ سندس دور سگا شهدادڪوٽ کي نئين سري عروج تي پهچائڻ جو دور آهي. پاڻ نہ صرف سگا جي پليٽ فارم تان عام، بي پهچ ۽ غريب ماڻهن جي خدمت ڪئي، پر بحيثيت اُستاد ٽي ڪري استادن جي ڀلائي لاءِ گورنمينٽ سيڪنڊري اسڪول ٽيچرس ايسوسيئشن (گسٽا) تعلقہ شهدادڪوٽ جي جوائنٽ سيڪريٽري جي حيثيت سان پاڻ پتوڙيو، ان کان علاوه سنڌ پروفيسرس، ليڪچررس ايسوسيئشن (سِپلا) ضلعي لاڙڪاڻي جو نائب صدر، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو ٽي ڀيرا صدر، سپلا سکر ريجن جو خزانچي ۽ ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان هڪ جاکوڙي اڳواڻ طور تنظيم ۽ ان جي ڪارڪنن لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. ان کان علاوه پاڻ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو ٽن سالن لاءِ چونڊيل سينيٽ ميمبر طور فرائض سرانجام ڏنا آهن. مٿي بيان ڪيل علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض مختلف ادارن طرفان کيس اعزازن سان پڻ نوازيو آهي، جنهن جو ڪجهہ تفصيل هن ريت آهي. شهدادڪوٽ جي ايس ڊي ايم جاويد صبغت الله مهر طرفان ”شهدادڪوٽ سبزن ايوارڊ“ ، 05 آڪٽوبر 2004ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي ناظم خورشيد احمد جوڻيجي طرفان ”بهترين استاد ايوارڊ“ ۽ سگا مرڪز طرفان سال 2016 ع ۾

"گريجوئيٽ شيلڊ". مطلب ته عبدالجبار جوٽيجو هڪ بهترين استاد, سٺو سماجي ڪارڪن ۽ بهترين اڳواڻ پڻ آهي. هن کي هميشه خوف خدا رهي ٿو ۽ هو الله پاڪ کي حاضر ناظر سمجهي توڪل ڪري ڪم ڪري ٿو.

مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾
ايا ائين چوڻ متان پانڌ پسائين.

رب پاڪ جو هن تي خاص ڪرم آهي جو پنهنجي درگذر ۽ برداشت واري طبيعت هجڻ ڪري سڄي سنگت ۾ هميشه نمايان ۽ سيني کي ويجهو هوندو آهي. عبدالجبار جي هٿان ڪيترن ئي طرفن کان خير جا ڪم روان دوان هوندا آهن. رب پاڪ هن کي ڪيترن مسڪين بي پهچ ماڻهن لاءِ وڏو سهارو ۽ وٺ ڪري موڪليو آهي جيڪو هو بهترين طريقي سان نڀائيندو پيو اچي. هو منهنجي بهترين دوستن منجهان هڪ آهي جيڪو منهنجي هر ڏکي سکي ۾ مون سان نڀائيندو ٿو اچي. رب پاڪ کان دعا آهي ته هو هميشه پنهنجي اهل ۽ عيال سميت صحت ۽ سلامتي سان وقت گذاري. مون اميد آهي ته عبدالجبار جوٽيجو جي مسلسل محنت ۽ سچائي هن کي هڪ ڏينهن ڪاميابين جي منزل تي ضرور پهچائيندي. آمين.



### استادن جو خدمتگار ۽ سماجي ورڪر

# ممتاز علي پٺي

ممتاز علي پٺي شهدادڪوٽ ويجهو پنهنجي اباڻي ڳوٺ حسڻ (حسن) پٺي ۾ 01 جنوري 1959ع تي جنم ورتو. پرائمري تعليم صديقي مدرسه اسڪول شهداد ڪوٽ مان 1969ع ۾ پاس ڪيائين. سندس بنيادي استاد محترم سائين مانجهي خان پٺي هو. سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان 1974ع ۾ مڪمل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ لاڙڪاڻي روانو ٿيو. جتان 1977ع ۾ انٽر ڪيائين, جنهن بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان بي اي ۽ ايم اي ڪيائين. جڏهن ته بي ايڊ ۽ ايم ايڊ علامه اقبال اوپن ويونيورسٽي اسلام آباد مان پاس ڪيائين.

ممتاز علي پٺيءَ کي ننڍپڻ کان سياست ۽ سماجي خدمت جو شوق هو. جنهن تحت 1979ع ۾ سردار مرحوم عبدالغني پٺي کي بلدياتي اليڪشن ۾ مدد ڪيائين. 1980ع ۾ شهداد ڪوٽ ٽيڪسٽائيل مل ۾ نوڪري ورتي مزدور يونين جي پليٽ فارم تان پورهيتن لاءِ خدمتون سرانجام ڏنائين.

ممتاز علي پٺي 1988ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور مقرر ٿيو. ڪيس 1983ع ۾ سئي گيس ۾ نوڪري جو آرڊر به مليو, پر عملي سياست ڪرڻ سبب ۽ پ ٽ الف جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ سبب انڪار ڪيائين. 1995ع ۾ نوجوان پٺي برادريءَ جو بنياد وجهي صدر بڻجي ويو. جتان پڻ سماجي ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين.

ممتاز علي پٺي 1996ع ۾ پ ٽ الف جي اليڪشن ۾ جنرل سيڪريٽري طور حصو ورتو ۽ سينيئر استادن جي ٺهيل پينل کي

شڪست ڏئي ڪامياب ٿي ويو. جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي استادن جي خدمتن عيوض کيس 1999ع ۾ ٻيهر بنا مقابلي جنرل سيڪريٽري منتخب ڪيو ويو.

ممتاز علي پٽي 1996ع ۾ ئي شهدادڪوٽ سگا ۾ محترم محمد اعظم جروار جي چوڻ تي ميمبر ٿيو. کيس سگا جي پليٽ فارم تي رضاڪاراڻي طور تي بي پهچ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو ڀرپور جذبو هو. سندس چواڻي ته بي سهارا ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ کيس دلي سُڪون ملندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين سگا ۾ BMC جي ميمبر طور ڪم ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.

ممتاز علي پٽي شهر جي ٻين به ڪيترن ئي اهم مسئلن تي آواز اٿاريندو ۽ غريب ماڻهن جي مدد ڪندو رهيو آهي. اميد آهي ته زندگي جا ٻيا باقي لمحا به سِگا جي پليٽ فارم تان ماڻهن جي مدد ڪندو رهندو.



پيارو ساٿي

## انور علي سيال

هر ماڻهو جي شخصيت جا ڪيترا ئي رخ ٿين ٿا. هڪ شخص پنهنجي گهر وارن لاءِ مختلف، دوستن ۾ مختلف، نوڪري ڪرڻ وارن ساٿين سان مختلف انداز سان زندگي گذاري ٿو پر اسان جو پيارو ساٿي سگا شهدادڪوٽ جو صدر محترم انور علي سيال سڀني رخن ۾ ڪردارن سان خوب نڀائيندو پيو اچي. سڀ ڪان وڌيڪ ته هو ڪوشش ڪري پاڻ کي تڪليف ڏئي به سنگت کي اڳتي ڪندو آهي. انور سيال صاحب هڪ عوامي سماجي ۽ تعليم سان لاڳاپيل ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پيو اچي.

انور علي سيال شهدادڪوٽ تعلقي 9- 3 - 1970ع تي ڄائو، سندس تعليم ايم اي سنڌي بي ايڊ" آهي. پيشي جي لحاظ کان نومبر3 11 1990ع کان 2020ع تائين مختلف اسڪول ۾ فرض سرانجام ڏنائين، ۽ شهدادڪوٽ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

انور علي سيال 1998ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ جو ميمبر بڻيو، سندس خدمتن کي نظر ۾ رکندي سِگا شهدادڪوٽ جي ساٿين کيس2009ع ۾ شاخ جي نائب صدر جي عهدي تي مقرر ڪيو، ان کان 2018ع تائين کيس بنامقابلي 1 ڀيرا صدر سگا شاخ شهدادڪوٽ چونڊيو ويو. پاڻ جڏهن سِگا شاخ شهدادڪوٽ جا صدر بڻيا ته انتهائي متحرڪ انداز سان سگا شاخ شهدادڪوٽ کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس دور ۾ 2020ع جي ڪورونا وبا هجي يا عام رواجي زندگيءَ ۾ غريب ۽ بي

پهچ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض نهايت سهڻي انداز سان سرانجام ڏنو ۽ اڄ بہ بحيثيت ميمبر سگا شاخ شهدادڪوٽ ڪي سرگرم رکڻ سندس اولين ترجيح آهي، سندس صدارت واري دور ۾ جيڪي اهم پروگرام ٿيا.

رب پاڪ کان دعا آهي تہ هو هميشہ پنهنجي اهل عيال سميت صحت ۽ سلامتي سان وقت گذاري. مون کي اميد آهي تہ انور علي سيال جي مسلسل محنت ۽ سچائي هن کي هڪ ڏينهن ڪاميابين جي منزل تي ضرور پهچائيندي. آمين.



سپاجهڙو سماجي ڪارڪن

## محمد صديق ابڙو

محمد صديق ابڙو ولد حافظ محمد پناه ابڙو جنم 01.04.1973 تي شهدادڪوٽ ويجهو بگورو ڏ تي ڳوٺ ابڙا ۾ پيدا ٿيو.

پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ابڙا مان حاصل ڪئي جڏهن تہ جهين درجي کان ڏهين درجي تائين 1991ع گورنيمنٽ هاء اسڪول ۽ انٽر 1993ع ڊگري ڪاليج مان حاصل ڪئي وڌيڪ تعليم بي ايس سي ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي 1996ع مان حاصل ڪئي جڏهن تہ صحافت ۾ ماسٽر ڊگري شاه عبداللطيف يونيورسٽي خير پور مان حاصل ڪئي. 2001ع ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جو ميمبر ٿيو، ان وقت سگا شهدادڪوٽ جي شاخ تمام گهڻي سرگرم شاخ ليکي ويندي هئي جنهن ۾ سائين غلام مصطفي وڌو. محمد اعظم جروار. گل حسن ڪوکر ۽ ڊاڪٽر شهنواز جهڙا پاڻ ارپيندڙ اڳواڻ شامل هئا هي اهو دور هيو جڏهن سگا جو عروج هيو هر مهيني ڪانہ ڪا سرگرمي ٿيندي هئي ۽ اتي هن جو ڪردار سرگرمي وارو هوندو هيو جنهن ۾ اکين جون ڪيمپون. چمڙي جي بيمارين جون ڪيمپون. بيمارن ۽ لاچار ماڻهن جي مالي ساهتا ۽ ليڪچر ۽ ثقافتي پروگرام ٿيندا هئا ان ڪانپوءِ 2002ع جوائنٽ سيڪريٽري رهيو، ان بعد خدا آباد سگا مرڪزي اليڪشن ۾ مرڪزي ايگزيڪٽو ڪاميٽي جو ميمبر جڏهن تہ مورو سگا جي مرڪزي اليڪشن ۾ وڏي اڪثريت سان هڪ ڀيرو ٻيهر سي اي سي جو ميمبر ٿيو ۽ 2009ع ۾ سگا مرڪز جو سيڪريٽري انفرميشن چونڊيو ويو.

جڏهن تہ محمد صديق ابڙو جي زندگي جا گهڻا رخ آهن هو بهترين ليکڪ. اديب. ڪالم نويس. علم دوست سماج سيوڪ پڻ آهي هن تمام

گھڻو لکيو پڙھيو آهي هن جي لکيل ڪالمن جو انگ سون ۾ آهي هن جا پسند جا موضوع انساني حق ،سنڌ جا سياسي سماجي معاشي مسئلا پڻ آهن جن تي بغير ڪنهن رک رڪاءَ جي مسلسل لکندو رهيو آهي. پاڻ نظرياتي طور تي ڪابي ڌر ۽ قومپرست سياست کي پسند ڪندڙ آهي.

محمد صديق ابڙو گذريل 13سالن سان مختلف ادارن سان گڏجي سماجي ڪيتر ۾ تعليم ، غربت جي خاتمي ۽ انساني ترقي واري ادارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. پاڻ سنڌ جي اڪثر ضلعن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي ان ڪان علاوه پاڻ 1998ع ڪان پاڪستان ۾ انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ اداري ايچ آر سي پي جو ميمبر پڻ آهي جتان ڪيس ڪيترا پيرا امن ايوارڊ ملي چڪا آهن. هن کي ٽن ٻارن جو اولاد آهي جنهن ۾ ٻہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ آهي.



سگا شهدادڪوٽ جو خاموش خدمت گار

## نذير احمد سومرو

نذير احمد سومرو 1990ع جي ڏهاڪي ڪان سگا شهدادڪوٽ شاخ جي ساٿين سان ساٿ ۾ سلهاڙيل رهيو آهي. سگا شاخ شهدادڪوٽ جي هر ننڍي وڏي خير جي ڪم ۾ اڄ ڏينهن تائين پنهنجو حصو ٻڌيندو ٿو اچي.

نذير احمد سومرو صاحب 20 جولاءِ 1968ع ۾ شهدادڪوٽ ويجهو چاڪياڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هن بنيادي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي. پوءِ مئٽرڪ ۽ انٽر شهدادڪوٽ مان ڪري ايم اي ايڪنامڪس ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين. جنهن ڪان پوءِ هن سِوِل ٽئڪنالوجيءَ ۾ بي ٽيڪ جو امتحان پاس ڪيو. هن وقت شهدادڪوٽ ۾ سب انجنيئر ايريگيشن طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هو سگا شهدادڪوٽ شاخ جو 1996ع ڪان ٻہ دفعا جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ پنهنجي دور جي ساٿين سائين غلام مصطفيٰ وڏو، سائين اعظم جروار، سائين هادي بخش منگي ۽ ٻين سان گڏجي سگا جي پليٽ فارم تي ڪيترائي سماجي ڪم سرانجام ڏيندو رهيو.

نذير احمد سومرو ڪيترائي پيرا سگا شهدادڪوٽ شاخ ۾ ميمبر برانچ مئنيجمينٽ ڪميٽي پڻ رهندو پيو اچي. هر سال اڪين جي ڪئمپ هجي يا ڪو ٻہ خير جو سماجي ڪم. هو ان ۾ هر دفعي مالي مدد پڻ ڪندو رهي ٿو. هو نهايت ئي سنجيده ۽ ڪم سان ڪم رکڻ وارو شاخ جي بهترين رضاڪارن مان هڪ آهي. سندس ڪردار هميشہ ٻين ساٿين لاءِ اتساهہ جو سبب رهيو آهي.

رب پاڪ ڪان دعا آهي تہ هو پنهنجي اهل عيال سميت صحت ۽ سلامتي سان زندگي گذاري. (آمين)

ساھہ ۾ سانديڻ جھڙو پيارو

# پروفيسر احسان الله جمالي

احسان الله جمالي 5 مئي 1964ع ۾ تعلقي شهدادڪوٽ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ مير شاهو خان جمالي ۾ جمالي قبيلي جي ”تنگياڻي“ فيملي جي سردار گھراڻي ۾ اک کولي. ان وقت شهدادڪوٽ تعلقو لاڙڪاڻي ضلعي جو حصو هو. سندس والد شريف مرحوم مير صوبدار خان عرف مير گامڻ خان سنڌ بلوچستان جي هڪ مشهور و معروف مذهبي شخصيت هئي. سنڌ جي ٻن تعلقن شهدادڪوٽ ۽ قبو سعيد خان کان علاوه بلوچستان جي تعلقي گنداخه ۾ ”هديري“ تائين ڦهليل اڪثر جمالي ”تنگياڻي“ فيملي سان تعلق رکن ٿا. هنن جو چيف سردار احسان الله جمالي جو ماروٽ سردار مير غلام مرتضي خان جمالي آهن.

احسان صاحب پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حليميه شهدادڪوٽ مان حاصل ڪئي. پاڻ 1979ع ۾ گورنمينٽ پراونشلائيزڊ بوائز هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان مئٽرڪ پاس ڪيائون. ۽ انٽر گورنمينٽ انٽرميڊيٽ (بوائز) ڪاليج (هاڻوڪو ڊگري ڪاليج) شهدادڪوٽ مان 1981ع ۾ پري ميڊيڪل گروپ ۾ پاس ڪيائون.

انهن ڏينهن ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ ڪونه ڏيڻي پوندي هئي. انٽر جي مارڪن جي آڌار تي ميرٽ جو فيصلو ڪندا هئا. احسان الله به پنهن جن سٺن نمبرن جي آڌار تي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ سيليڪٽ ٿي ويو. انهيءَ سال ئي سندس والد پنهن جي مائٽن ۾ هن جي شادي ڪرائي ڇڏي.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻه ۾ داخلا ملڻ هڪ وڏي ڪاميابي هئي. پر هي ڪاميابي سندس نصيب ۾ ڪانه هئي. قدرت کي



اجان ڪجھ ٻيو منظور هو. سنه 1983 ۾ چانڊڪا ۾ هڪ معمولي ڳالهه تي جيئي سنڌ ۽ بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ احسان صاحب جي تعليم به ”نه راهه خدا، نه راهه رسول صه“ شاگرد سياست جي ور چڙهي وئي. مٿان وري سندس والد مرحوم فيملي مسئلن کان آزادي حاصل ڪرڻ خاطر پنهن جي اڌ جائيداد پٽن کي ڏيئي کين پاڻ کان ڌار ڪري ڇڏيو. ان وقت مٿن قرضن جو به وڏو بوجھ هو، سو به مڪمل طور تي پٽن مٿان ورهائي ڇڏيائين.

احسان الله ۽ عبد السميع ٻئي سڳا ڀائر هئا، سو کين جائيداد به گڏيل طور ڏنو ويو ته قرضن جو بوجھ به گڏيل طور ڏنو ويو. هڪ ڀاءُ، هڪ ڀيڻ، هڪ امڙ (سڳي)، گھرواري ۽ پٽ سندس زير ڪفالت آيا. هٿ بلڪل خالي هئا مٿان وري قرضن جو بوجھ پئجي ويو، سو هو شاگردن سان پنهن جي تعليم جو مسئلو حل نه ڪري سگھيو. آخر ڪار هن تعليم کي خير آباد چئي گھرو مسئلن تي توجهه ڏيڻ شروع ڪيو.

پر پوءِ به هو پرائيويٽ تعليم جاري رکيون آيو. سنه 1985ع ۾ هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو مان بي اي جو امتحان پاس ڪيو. سنه 1989ع جو امتحان جيڪو 1990ع ۾ مارچ مهيني ۾ ٿيو، هن اهو امتحان شاهه لطيف اورينٽل ڊگري ڪاليج قمبر مان پاس ڪيو. رزلٽ جي اچڻ سان سٽت ئي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد طرفان ڪميشن جو امتحان ٿيو. الله تبارڪ وتعالي جي مهربانيءَ سان هو اهو امتحان پاس ڪري ويو. سندس پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ انٽرميڊيٽ ڪاليج جوهي ۾ ٿي. جوهي جي جمالين ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون. خاص طور تي محترم ڊاڪٽر حمزه جمالي ۽ سندس والد مرحوم قادر بخش جمالي نه صرف خيال رکيو پر پنهنجي جاءِ جيڪا دڪانن مٿان ٺهيل هئي سا سندس حوالي ڪئي، جنهن ۾ ٽيليويزن ۽ ٽيليفون جي سهوليت به موجود هئي.

جوهي ۾ جمالين کان علاوه هن جو روح رهاڻ پروفيسر عزيز کنگراڻي، مرحوم پروفيسر سائين بخش رند، استاد نور احمد رند، مرحوم عطا محمد رند، نامور شاعر مرحوم احمد خان ”مدهوش“ ۽ ان جي پٽ خليل عارف سومرو سان هوندي هئي. هي سڀ وڏا شاعر، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ لکاري هئا. ۽ هنن جا دوست به اهڙا هوندا هئا. سو جمالي صاحب کي به تحريڪ ملي ته هو به ڪجھ لکن. سنڌيءَ ۾ لکيل سندس اڪثر تحريرون ان وقت جون يا ان وقت کان بعد جون آهن. ان کان اڳ اردو ۾ ڪجھ ڪهاڻيون لکي چڪا هئا، جيڪي ماهنامه ”شمع“ لاهور کان ڇپجي چڪا هئا. ”بزدلير“ ۽ ”ايسا ڀي هوتا هي“ انهن ڪهاڻين مان آهن. نومبر 1993ع ۾ هو بدلي ڪرائي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ پهتو. جوهيءَ ۾ قيام دوران هن ڪجھ ڪهاڻيون لکيون جيڪي سندس باڏھ جي دوست انجنيئر ذوالفقار علي ساريو ڪوشش ڪري هفتيوار ”عبرت“ ميگزين ۾ ڇپرايون. ”خرابي“، ”مون کي سنگسار ڪريو“ وغيره انهن ڪهاڻين مان آهن. شهدادڪوٽ اچڻ کان پوءِ ماحول متجڻ ڪري لکڻ کي ڪجھ وقت ملتوي ڪري ڇڏيائون. پر پوءِ مرتضيٰ لغاري جي تحريڪ تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائون. ”موت کان فرار“، ”قيامت اچي وئي“ انهن ڪهاڻين مان آهن، جيڪي مرتضيٰ لغاريءَ پنهنجي رسالي ”نئين آس“ ۾ ڇاپيون.

شهدادڪوٽ ۾ هو سڀ کان ويجهو ٻن پروفيسرن سان رهيو. هڪ محترم پرفيسر خالد حسين چنه صاحب ۽ ٻيو محترم پروفيسر عبد الجبار جوڻيجو صاحب. هنن ٻنهي به پنهن جي هر ايڪٽوٽي ۾ کيس شامل رکيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن هنن ٻنهي پروفيسرن سنڌ گرجوئيٽس ايسوسيئيشن جي شهدادڪوٽ برانچ ۾ ميمبرشپ حاصل ڪئي ته هنن احسان صاحب کي به ياد رکيو. اهڙيءَ طرح احسان صاحب جو سگا ۾ سفر جي شروعات ٿي.



هن وقت تائين سگا شاخ شهدادڪوٽ ۾ ٻه دفعا خزانچي ۽ ٻه دفعا جنرل سيڪريٽري جون ذميواريون نڀائي چڪو آهي. هن وقت سگا شاخ شهدادڪوٽ ۾ بي ايم سي جو عهديدار آهي. هو سگا شاخ شهدادڪوٽ جي هر پروگرام ۾ اڳ کان اڳرو هوندو آهي. تنهن ڪري، سگا مرڪز سندس خدمتن جي مڃتا طور تي شيلڊ پيش ڪئي.

سگا ۾ اچڻ کان پوءِ جڏهن محترم پروفيسر خالد حسين چنه صاحب سگا مرڪز ۾ تعليم جي سيڪريٽري جون ذميواريون ڪنيون ته هن جي تحريڪ تي احسان صاحب ٽه ماهي ”روشني“ ۾ لکڻ شروع ڪيو. ”ڀاڙي“، ”ون ايڪٽ پلي“ انهن ڪهاڻين مان آهن. ”ون ايڪٽ پلي“ ته ڄڻ سنڌ ۽ سنڌي زبان جو سنڌين آڏو ڪيس آهي. هي ڊرامو سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ بي واجبين کان واقفيت ڏيئي ٿو. هن پيغام کي هر سنڌيءَ تائين پهچائڻ ڪيي. هر روشن تارا پبلڪ اسڪولن ۾ هن ڊرامي کي پيش ڪيو وڃي، جيئن هي پيغام هر سنڌيءَ تائين پهچي وڃي.

هن وقت پاڻ مذهبي ڪتابن کي گهڻو وقت ڏيئي رهيا آهن. سندس خواهش هڪ مڪمل ”سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم“ لکڻ آهي. هن وقت انهيءَ ڪتاب جي پهرئين جلد جو پهريون حصو ”نبي ڪريم حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جون پراڻي عهد نامي ۾ پيشنگوئيون“ مڪمل ٿي ٽائيپنگ جي مرحلي مان گذري رهيو آهي.

احسان الله جمالي صاحب هن وقت ايسوسيئيٽ پروفيسر آف مسلم هسٽري جي حيثيت سان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ پنهن جون خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي. پاڻ ويهين گريڊ ۾ پهچڻ جا اميدوار آهن. الله سندن نيڪ خواهشون پوريون فرمائي. آمين

محبتي ماڇهو

# گل حسن کوکر

سگا هڪ رضاڪار تنظيم آهي، جنهن ۾ هر باشعور گريجوئيٽ پنهنجي قوم جي ماڻهن جي لاءِ پنهنجي هڙان وڙان هر قسم جي وقت ۽ صلاحيت ڏي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين سنڌ جي جهر جهنگ ۾ سگا جو آواز گونجي پيو ۽ سگا جا رضاڪار سرديءَ توڙي گرميءَ ۾ بي لوث خدمت جي جذبي سان مصروف عمل آهن.

گل حسن کوکر ڪئي سال اڳ سگا جي ساٿ ۾ شامل ٿيو. سگا جو مرڪزي ڪنوينشن دادو ۾ ٿيو هو، جتي گل حسن کوکر کي سگا جي رضاڪار جذبي متاثر ڪيو. هن سگا ۾ ميمبر ٿيڻ جي ان ڪري ڀ ڪوشش ڪئي تہ سگا هڪ اهڙو ادارو آهي، جيڪو سياسي ۽ مذهبي فرق کان سواءِ غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي واهر ڪري ٿو.

گل حسن کوکر سگا شهدادڪوٽ شاخ جو ميمبر ٿي شاخ جي هر عمل جو حصو بڻيو ۽ پنهنجو ڪردار سبب سيني ساٿين سان ايئن نڀايائين جو سال 99_1998ع ۽ 09_2006ع تائين شهدادڪوٽ شاخ جو صدر ۽ 04_2002ع تائين شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. هُن پنهنجي دور ۾ سگا جي ساليانی ڪئمپ بهترين نموني سان لڳائي. ان کان علاوه سگا مرڪز طرفان هر لِک پڙهہ جو وقت سِر جواب ڏنو.

گل حسن کوکر پنهنجي ساٿين سان گڏجي 2010ع جي ٻوڏ دوران شهدادڪوٽ شهر ۽ پرپاسي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ طبي امدادي ڪئمپون لڳرايون. هو سگا جي پليٽ فارم تان شهر جي هر سياسي سماجي عمل جو سگهارو آواز ٿي شموليت ڪندو هو.



گل حسن کوکر نيشنل سيونگ سينٽر پاڪستان ۾ نوڪري ڪرڻ سبب ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون. اهو ئي سبب آهي جو دادو ۽ لاڙڪاڻي کان وٺي سڄي تر ۾ ڪيترائي ماڻهو ڪيس چڱي نموني سڃاڻيندا هئا. جنهن ڪري گل حسن کوکر سماجي ڪمن ۾ مختلف سرندي وارن کان مدد وٺڻ ۾ ڪامياب ويندو هو.

گل حسن کوکر نيشنل سيونگ سينٽر کان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ اڄ ڪلهہ شهدادڪوٽ ۾ سماجي ڪمن ۾ مصروف زندگي گذاري رهيو آهي ۽ سگا سان پڻ سلهاڙيل آهي.

## مسلسل محنت ڪندڙ شخص

# ايشور لال ناگديو

شهدادڪوٽ شهر جي آس پاس جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي گذريل ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ مسلسل انگريزي پڙهائيندڙ نوجوان ايشور لال جي گهر وارن ۽ هم ڪلاسي دوستن کي اندازو ڪونه هوندو هو تہ هو اڳتي هلي ايترا سنا ۽ ڪامياب شاگرد پيدا ڪندو جيڪي ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل وغيره هر شعبي سان تعلق رکندڙ ڪارگر انسان ٿيندا. ڇو تہ شروعاتي دور ۾ ايشور لال عام شاگردن مان هڪ هو ۽ هن جي گهر وارا روز اٽڻ ۽ چاڙهڻ وارن گهراڻن مان هئا. هن جو والد شيلر تي منشي هوندو هو ۽ اهي مسواڙ جي جڳهہ ۾ رهندا هئا.

هڪڙا ماڻهو پيدا ئي اتي ٿيندا آهن جتي علم ۽ ادب جو آبشار اڳ ۾ ئي هلندڙ هوندو آهي يا ڌن دولت ۽ وڏي نالي ناموس سان اڳ ۾ ئي زندگي جو چرخو هلندڙ هوندو آهي. پر ايشور لال بلڪل زيرو کان شروع ڪيو. هن مسلسل سخت محنت ڪري ٻين کي ڪامياب ڪري پنهنجو نالو ڪمايو آهي.

ايشور لال ناگديو 05 اپريل 1977ع تي سرڳواسي روپ چند جي گهر هندو محلہ شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. منهنجي هن سان ملاقات Bright Future English Classes ۾ ٽيوشن پڙهڻ دوران ٿئي. جتي محترم استاد پروفيسر غلام علي ٻرڙو صاحب موجوده صديقي پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ پڙهائيندو هو. جيئونڊيڪ اسين ساڳئي سال 1992ع ۾ ميٽرڪ ڪئي ۽ ڪاليج بہ ساڳئي سال 1994ع ۾ پڙهياسيون.

ايشور لال سان ڪيترائي پروگرام گڏجي ڪيا سي. هڪ ٻئي جي ريس تي سخت محنت ڪئي سي. ڏينهن راتيون گڏ گذاريون سي. سردي



گرمي ۾ علمي ادبي محفلون گڏ رچايون سي. هو نهايت باڪردار ۽ سنجيده دوست رهيو آهي. گڏجي ٽيوشن پڙهڻ دوران مون ايشور لال کي هميشہ محنت ڪندڙ، هوشيار ۽ بهترين شاگرد ڏٺو. محترم سائين غلام علي ٻرڙو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي وڃڻ ڪانپوءِ ايشور لال 24 مارچ 1994ع ۾ پنهنجو ٽيوشن سينٽر نالي Moon light English Classes قائم ڪيو ۽ مون 28 نومبر 1994ع ۾ سچل سارو سچ درگاهہ نالي ادارو قائم ڪيو. جيڪي اڄ ڏينهن تائين هلندڙ آهن.

شهدادڪوٽ جي تعليمي ميدان ۾ ايشور لال هڪ مسلسل محنت ۽ جدوجهد جو نالو آهي هن پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ٻئي جاري رکيو. 2003ع ۾ ايم سنڌي ۽ 2005ع ۾ ايم اي انگلش ۽ ايم ائيڊ ڪئي. ايشور لال هڪ مسلسل محنت ۽ جدوجهد جو نالو آهي. هن 24 مارچ 2004ع ۾ مون لائٽ پبلڪ اسڪول قائم ڪيو، جيڪو معياري تعليم ڏئي رهيو آهي.

استاد جو سماج سان گهرو ڳانڍاپو رهندو آهي ان ڪري پڙهڻ پڙهائڻ کان علاوه سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي. ايشور لال بہ سگا جو هڪ متحرڪ ميمبرٽي رهيو. 2004ع کان 2006 تائين ۽ 2006 کان 2009 تائين سگا شهدادڪوٽ شاخ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. هن پنهنجي دور ۾ سگا جي ساٿين سان گڏجي ڪيترائي سماجي ڀلائي وارا ڪم ڪيا. اکين جون مفت ڪئمپون لڳرايون. ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪئي. دل ۾ سوراخ جي معصوم ٻارڙن جو انڊيا مان سگا جي پليٽ فارم تان مفت ڪامياب علاج ڪرائڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو.

هن وقت شهر جي ٻرندڙ مسئلن تي پنهنجو سگهارو آواز ايوانن ۽ وس وارن تائين پهچائيندو رهي ٿو. ان کان علاوه وڪالت ڪري ٿو.

اسڪول ۽ ٽيوشن سينٽر سنڀالي ٿو. رب پاڪ کان دعا آهي ته اهڙن ماڻهن جي زندگي هميشه خوشين سان مالا مال ڪري، جيڪي ٻين ڪارڻ جيئن ٿا. رب پاڪ محترم ايشور لال کي پنهنجي اهل عيال سميت خوشحال ڪري ۽ هر مصيبت کان محفوظ رکي. آمين.



### سگا شهداد ڪوٽ ۾ بي لوث خدمتون سرانجام ڏيندڙ

## محترم فدا حسين جوڻيجو

منهنجو پيارو دوست سگا شهدادڪوٽ جو موجوده جنرل سيڪريٽري محترم فدا حسين جوڻيجو پنهنجي شاگردي واري دور ۾ روز شهدادڪوٽ کان 15 ڪلوميٽر پري پنهنجي ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجو کان ريل جي رستي اسڪول ايندو هو. سردي هجي توڙي گرمي ، جهڙ هجي توڙي مينهن، لُڪَ لڳي توڙي پارو، هو ريل رستي روز ايندو ويندو هو. ان دور جا به عجيب منظر هوندا هئا. ڇڻ ته ڪلهه ڪلهوڪي ڳالهه آهي شهدادڪوٽ ۾ ريل جي اچڻ جي انتظار ۾ ڪي ماڻهو بينل ته ڪي وري وينل نظر ايندا هئا، ڪي وري ٽڪڙا ٽڪڙا اچي رهيا هئا. شهدادڪوٽ ريلوي اسٽيشن تي مال گاڏي کان علاوه روز ٽرين لاڙڪاڻو ۽ جيڪب آباد لاءِ ايندڙيون ويندڙيون هيون . ڪن کي جيڪب آباد وڃڻو هوندو هو ته ڪن کي وري لاڙڪاڻي وڃڻو هوندو هو ته ڪن جي منزل اجان اڳتي ڪوئيٽه تائين هوندي هئي .ڪيترائي نوجوان شهدادڪوٽ مان گهمڻ ۽ مزي وٺڻ بهاني ٽرين ۾ پرسان ڳوٺ اميد علي خان جوڻيجو ۾ لهي پوندا هئا. چانهه پڪوڙا کائي سنگت سان ڪچهرا ڪيون وري جيڪب آباد کان آيل ٽرين ۾ چڙهي واپس شهدادڪوٽ پهچندا هئا. پليٽ فارم تي پاڻي جي ٽڏي وڏي ٽانڪي تي ڪافي ماڻهو ٽڏي پاڻي پيئڻ جو مزو وٺندي نظر ايندا هئا. ٽڏي پاڻي واري ٽانڪي آس پاس جي سڄي علائقي لاءِ وڏي غنيمت هوندي هئي. تقي نالي همراهه پليٽ فارم تي تازا پڪوڙا ، دال ، ماني ۽ چانهه سستي ريٽ تي کپائيندو هو ۽ ٻيون به ڪيتريون شيون کائڻ لاءِ ملنديون هيون. ٻاهر ٽانگا مسافرن کي کڻڻ لاءِ لائين لڳايون بيٺا هوندا هئا. جمع ڏينهن تي موڪل هئڻ سبب ڪيترائي شهر جا ماڻهو سير تفريح

ڪرڻ ريلوي اسٽيشن تي ايندا هئا تہ ڪي وري پرسان مقام ڪان دعا گهري اچي ريلوي اسٽيشن تي ساهہ پٽيندا هئا. ريلوي اسٽيشن روڊ تي مسافرن جي اچ وڃ جي ڪري انهن جي خريداري سبب ڪيترائي دوڪان سندن جي سهولت جو موثر ذريعو هوندو هو . ٽرين جي ذريعي ڪيترو ئي سامان ايندو ۽ ويندو هو. ڪيترا آفيسر ريلوي اسٽيشن ڪي هلائڻ لاءِ اتي ترسندا هئا. ملازم ريلوي جي ڪواٽرن ۾ رهندا هئا. 1922ع ۾ ٺهيل انگريزن جي دور جو ريلوي پليٽ فارم شهر شهدادڪوٽ لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهہ هئي ڪيترن ئي غريب ماڻهن جو اڌ ڪلاڪ جي اندر سڄي ڏينهن لاءِ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ٿيندي نظر ايندو هو ۽ جڏهن بسن يا ٻئي عام ٽرٽ سواري جو نظام نہ هجڻ برابر هوندو هو . تڏهن ان وقت جي شاگردن لاءِ ريل جو سفر وڏي سهولت هئي ـ اوستا محمد ,ڳڙهي خيرو ,چوڪي جمالي بلوچستان جا شاگرد بہ ريل ذريعي سفر ڪري تعليم پرائڻ لاءِ شهدادڪوٽ ايندا هئا.

فدا حسين جوڻيجو ولد محمد جمن جوڻيجو پهرين جولاءِ 1973ع آچر ڏينهن اڄ ڪان 46سال اڳ هڪ غريب هاري جي گهر ۾ اڪيون ڪولي ڳوٺ نوان جوڻيجا تعلقو لکي غلام شاهہ ضلع شڪارپور ۾ جنم ورتو. هڪ سال گذرڻ بعد والدين شڪارپور واري ان ڳوٺڙي کي خيرآباد ڪري لڏي اچي شهدادڪوٽ پرسان قائم ڳوٺ اميد علي جوڻيجو ۾ 1974ع پنهنجي رهائش اختيار ڪيائون .

فدا حسين جي تعليم پرائڻ جو داستان ان وقت جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هر غريب ٻار جي سورن جو داستان آهي جيڪو اڄ جي دور جي بلڪل مختلف آهي. گهٽ سهولتون هجڻ باوجود ڏينهن رات محنت ڪري استادن جي خدمت ڪري پڙهڻو پوندو هو. فدا حسين پرائمري تعليم ليمون جوڻيجو هاڻوڪو اميد علي جوڻيجو حاصل ڪيائين. 1990 ع



ڏاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان ميٽرڪ ۽ 1992ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ مان انٽر ڪيائين. سال 1996ع ۾ ( ايم ـ اي اردو ادب) ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پوسٽ گريجوئيٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. هن جو مسلسل پڙهائي جاري رکڻ ۽ الله تي توڪل رکڻ واري جذبي ڪي ڏسي هن جي والدين جي دعائن جي ڪري ڪاميابيون ماڻيندو ويو.

12 ڊسمبر 2000ع ڪان30 مئي 2005ع تائين پرائمري اسڪول ٽيچر طور گورنمينٽ پرائمري اسڪول غلام حيدر جروار ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.پوءِ ڪميشن پاس ڪري ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ ليڪچرر ٿيو.

فدا حسين جوڻيجو دل جو صاف ۽ در گذر ڪرڻ وارو آهي. سفر دوران سڄي سنگت جو روح روان هوندو آهي. ماڻهن سان ملڻ جلڻ ۽ ڪچهري ۾ پنهنجائپ وارو انداز هن جي خاصيت آهي. ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ واري جذبي هن ڪي سگا جي ساٿ ۾ شامل ڪيو.

2005ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن شهدادڪوٽ برانچ جو ميمبر پڻ ٿيو ان دوران سگا برانچ شهدادڪوٽ جي ساٿين سان گڏجي سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتائين جيڪو اڄ تائين ان عمل سان سلهاڙيل آهي پاڻ 2010ع جي مها ٻوڏ دوران سگا برانچ شهدادڪوٽ طرفان ماڻهن جي لڏپلاڻ جي ڪري شهر ۾ تمام گهڻي افراتفري هئي ان دوران سگا جي ساٿين سان گڏجي ڪري ڪلاسڪ بيڪري چونڪ تي ڪيمپ لڳائي جنهن ۾ سوين ماڻهن لاءِ راشن گڏ ڪري ٻوڏ متاثرن جي ڪيمپن ۾ پهچايو ويو ۽ ڪيترن ئي خاندانن ڪي ڪراچي ۽ ٻين مختلف شهرن ڏانهن بسون ڪري روانو ڪيو ويو. 2015ع سگا برانچ

شهدادڪوٽ جو اليڪشن ميمبر رهيو. 2017ع ۾ سگا برانچ شهدادڪوٽ طرفان مجتا ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو. 2019 ع ۾ سگا برانچ شهدادڪوٽ جو جنرل سيڪريٽري منتخب ٿيڻ کان پوءِ سگا جي ساٿين سان گڏجي ڪري نهايت ئي ساراهه جوڳا ڪم سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

رب پاڪ کان دعا آهي ته فداحسين جوڻيجو سياسي، سماجي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليم ميدان ۾ پاڻ پتوڙيندي عوامي ڀلائي جا ڪم ڪندو رهي.



نندڙي ڳوٺ اميد علي جوڻيجو کان نڪري
سڄي سنڌ جي عورتن جي حقن لاءِ ڪوشان

## ادي صنم ناز جوڻيجو

اهو به عجيب وقت هو جو مون پنهنجن دوستن عبدالجبار جوڻيجو ۽ فدا حسين جوڻيجو کي چيو ته ادي صنم کي سگا جي مرڪزي اليڪشن ۾ فارم ڀرايون. انهن دليون ڀئي هنيون نيٺ چيائون ته اڇو ته بابي کان اجازت تا وٺون. انهن سان وينيي وڏن کان موڪل وٺڻ لاءِ ڀئي هڪ ٻئي کي نوٽيون هيون سي ته ڳالهه ڪيئن ڪيون پر الله جا ڪرم جو اجازت ملي وئي ته هوءَ اوهان سان گڏ ڀلي سماجي ڪم ڪري. يقينن اهو هڪ وڏو فيصلو هو. چو ته انهن کي ڳوٺ جي نياڻي راڄ ڀاڳ واري جي اعلي تعليم پرائڻ ۽ سماجي ڪم ڪرڻ ڪري مائٽن عزيزن، رسم رواج ۽ ٻيا انيڪ مسئلا پئي سجهيا. اهو سڀ ڪجهه انهن لاءِ بلڪل نئون هو. پر ادي صنم کي پنهنجي امڙ ۽ والد جو ساٿ هو ۽ وڏن جو اعتماد هو جو هوءَ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سماجي ڪم ڪرڻ ۽ ڪراچي اسلام آباد وغيره جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪري سگهي. ڪڏهن رات ته ڪڏهن ڏينهن، ڪڏهن سردي ته ڪڏهن گرمي پر سگا جي پروگرامن ۽ گڏجاڻين ۾ ڪوشش ڪري پهچي پئي. ادي صنم جوڻيجو پر اعتماد طريقي سان ۽ ڪاميابي سان تعليم ۽ سماجي ڪم گڏوگڏ برقرار رکندي پئي اچي. هن لاءِ اهو سڀ ڪجهه نئون ۽ چئيليجنگ آهي. جيئن جيئن ڏاهپ ۽ ڄاڻ وڌي پئي تيئن تيئن سور وڌڻ تا ۽ پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن سان اڪير وڌي ٿي ۽ انهن لاءِ شعوري طور ڪم ڪرڻ جي به سگهه وڌي ٿئي. هوءَ رب پاڪ کان هر دم دعا گهرندي اڳتي وڌندي رهي ٿي.

جانِبَ! تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعُورَ سين؛
مُون تي ڪَرِ، مُنهنجا پِرين! توهُ تُسِي تيڏو؛
اِيُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو؟ جِئَن نَوازِينِم نِگاهَ سين.

صنم ناز جوڻيجو 27 فيبروري 1992ع ڳوٺ اميد علي جوڻيجو ۾ جنم ورتو پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي جتي سندن رهنمائي بهترين استادن ڪئي جن ۾ سر سيف الله سومرو هميشہ تمام گهڻي حوصلا افزائي ڪئي بعد ۾ انٽر پري ميڊيڪل گورنميٽ گرلس ڪاليج شهدادڪوٽ مان A1 گريڊ ۾ حاصل ڪئي هر ٻار جي خواهش جيئان ادي جي پڻ ڊاڪٽر ٿيڻ جي خواهش هئي جنهن لاءِ هن 2010ع ۾ انٽري ٽيسٽ پڻ ڏني پر سندس نصيب ۾ استادي پيشو لکيل هو سنڌ يونيورسٽي مان 2014ع ۾ ايم ايس سي باٽني ۾ ڪيائين ان سان گڏ 2017ع ۾ ساڳيئي يونيورسٽي مان پڻ ايم فل بہ ڪيائين 2014ع ۾ اين ٽي ايس جي ٽيسٽ پاس ڪري پرائمري ٽيچر ٿئي- ادي صنم کي پنهنجي ڳوٺ مان ايم فل جي ڊگري حاصل ڪندڙ پهرين ڇوڪري هجڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي.

ادي صنم ناز جوڻيجو 2012ع ۾ سگا شاخ شهدادڪوٽ جي ميمبرشپ حاصل ڪئي 2015ع کان 2018ع تائين سي اي سي جي ميمبر رهي انهي دوران هن شهدادڪوٽ ۾ ڪيترائي پروگرام ڪرايا جنهن ۾ 08 مارچ 2016ع ۾ عورتن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام ۾ آبي اي کان پاس ٿيل شهدادڪوٽ جي هيڊ مسٽريس کي مڃتا ايوارڊ ڏنو ويو مختلف اسڪولن خصوصن ڳوٺن ۾ وڃي آدمشماري جي جاڳرتا مهم تحت ليڪچر ڏنا. صحت جي حوالي سان پوليو بابت جاڳرتا مهم پڻ هلائي. صنم ناز اڪين جي ڪيمپ ۾ ڀرپور حصو وٺندي



رهي ٿي. 2017ع ۾ روشن تارا اسڪولن ۾ سگا مرڪز پاران ڪنوينر مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ ٻان سيد آباد ۽ سيوهڻ ۾ روشن تارا اسڪول پڻ وزٽ ڪيا. ادي محلي جي غريب ٻارڙن کي مفت ٽيوشن ڏئي رهي آهي سندس ڪارڪردگي جي ڪري 2017ع ۾ سگا مرڪز طرفان مڃتا ايوارڊ ڏنو ويو. 2018ع جي مرڪزي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيائين ۽ هينئر سيڪريٽري وومن ڊولپمينٽ جي زميواري تي فائز آهي. 08 مارچ 2018ع تي لاڙڪاڻي ڊويزن جي برانچن ۾ نمايان ڪارڪردگي رکندڙ عورتن ۾ شيلڊ ڏنا ويا جنهن جي صدارت چيئرمين سگا مرڪز محترم رفيق احمد جعفري ۽ خاص مهمانن ۾ سگا جو سيڪريٽري جنرل خالد حسين چنا ۽ ايڊوڪيٽ ڪلپناديوي هئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ عورتن پڻ شرڪت ڪئي. ان پروگرام ڪرائڻ سان عورتن جي حوصلا افزائي ٿئي.

سگا شهدادڪوٽ شاخ پاران شاه جي شاعري ۾ عورت جي مقام پروگرام ۾ حصو ورتائين تقريب ۾ پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو ۽ پروفيسر عبدالرشيد خانواهي شاه جو اپٽاه پيش ڪيو. 14 آگسٽ 2019ع تي روشن تارا اسڪول سيوهڻ طرفان آزادي جو ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ ادي خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان اسان جي لاءِ نعمت آهي اسان کي پنهنجي ملڪ جو قدر ڪرڻ گهرجي. استادن جي عالمي ڏينهن تي مرڪز طرفان حيدرآباد ۾ پروگرام منعقد ٿيو جنهن ۾ ادي پڻ شرڪت ڪئي. سگا جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو نمايان سنڌ ليول تي روشن تارا ٻالڪ ميلو سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ لڳائڻ ۾ مدد ڪيائين.

ادي صنم شهدادڪوٽ جي عورتن لاءِ هڪ رول ماڊل رکي ٿي. هوءَ وک وک سوچي سمجهي کڻي ٿي پر بهترين طريقي سان ان کي نڀائي ٿي. الله پاڪ کيس اڃان بہ وڌيڪ ڪاميابي عطا فرمائي- آمين

محبتي ماڻهو

# رشيد خانواهي

سنڌ سونهاري ادبي کيتر ۾ سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي آهي، جنهن وقت بہ وقت اهڙا انسان پيدا ڪيا آهن. جيڪي تاريخ جي ورقن ۾ تاريخ بڻجي ويا آهن. اهڙن انسانن منهجان هڪ ڪردار شهدادڪوٽ جو رشيد خانواهي جو بہ آهي.

رشيد خانواهي پهرين اپريل 1969ع تي شهدادڪوٽ تعلقي (موجوده قبي سعيد خان تعلقي) جي ڳوٺ خانواهہ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو عبدالله چانديو هيو. جنهن جو تعلق چانديو قبيلي جي گهنوراڻي پاڙي سان آهي. رشيد خانواهي ننڍپڻ ۾ مال بہ چاريو، پر پوءِ مال ڇڏي وڃي تعليم پرائي ۽ هينئر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر آهي.

رشيد خانواهي بهترين استاد سان گڏوگڏ تمام سٺو سماجي ڪارڪن بہ آهي. جيڪو وقت بہ وقت غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪندو رهي ٿو ۽ سگا شهدادڪوٽ شاخ جي هر پروگرام ۾ سگا سٽ سان سلهاڙيل رهي ٿو. پوءِ اهو پروگرام ”اسڪن ڊزيز“ جو هجي يا ”آءِ ڪئمپ“ جو مطلب تہ سگا جي هر پروگرام ۾ زور شور سان حصو وٺندو رهي ٿو ۽ پنهنجي وت ۽ وس آهر مسڪينن جي مدد ڪندو رهي ٿو.

رشيد خانواهي جو ڪاليج استادن جي تنظيم ”سِپلا“ ۾ بہ اهم ڪردار رهيو آهي ۽ هينئر بہ سِپلا قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جو نائب صدر آهي.

ان ڪان علاوه رشيد خانواهي جو سنڌي ادب ۾ بہ اهم ڪردار رهيو آهي. پاڻ بهترين شاعر ۽ اديب آهي. جنهن سنڌي ادب کي پنهنجا چار



ڪتاب 1. ”سچڻ ۽ ساٿيهہ“ شاعري 2. ”املهہ انسان“ (رئيس امداد علي خان چانڊيي جي مختصر سوانح حيات) 3. سنڌي ادب جا سونهري باب (قلمي) ۽ 4. ”ڌرتيءَ جا ڏنگ“ (سنڌ جي تاريخ سوالن جواب ۾) قلمي ڏئي سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو آهي.

سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي تنظيم ”سنڌي ادبي سنگت“ ۾ بہ رشيد خانواهي جو اهم ڪردار آهي ۽ هينئر بہ پاڻ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو ضلعہ رابطہ سيڪريٽري آهي. جنهن جي ذريعي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهي ٿو ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان بيحد پيار ۽ محبت جو اندازو بہ سندس ئي شعر مان هن طرح لڳائي سگهجي ٿو.

سنائي، گدائي ۽ ساميءَ جي ٻولي،
بخاري، پتائي ۽ حاميءَ جي ٻولي،
خدايا سلامت هي رک تا قيامت،
رشيدڻ چئي راشد ۽ جاميءَ جي ٻولي.

يار ڪو ھم ني جا بجا ڏيکا

# سڪندر علي شيخ

سڪندر علي شيخ 26 فيبروري 1977ع تي شھدادڪوٽ شھر ۾ جنم ورتو. ھن جي والد جو نالو وڪيل احمد شيخ آھي.

ڪڏھن ڪڏھن ڪي اڻٽيٽيون شيون بہ ممڪن ٿيو وڃن. اھو سڀ ڪجھ وقت ۽ حالتن جو ئي ڦيرو آھي. ڪنھن ٿي ڄاتو تہ اسڪول ۽ ڪاليج دوران لکڻ پڙھڻ سان گھڻ دلچسپي رکندڙ سڪندر صاحب اڳتي ھلي وري علم ادب سان اھڙو چاھ رکندو جو ھن جا مائٽ عزيز ڪائنس تنگ ٿي ويندا. ڇاڪاڻ جو سندس مائٽ ڪاروباري ماڻھو ھئا تنھڪري سندن سوچ ھئي تہ سڪندر صاحب کي ٻين وانگر ھڪ ڪامياب ڪاروباري بڻائيندا. علم ادب پڙھڻ ڪري ۽ پڙھيل لکيل ماڻھن جي صحبت ۾ رھڻ ڪري ھن جو ذھن بلڪل بہ ڪاروباري نہ ھو. پر ھن ھڪ سٺو انسان ٿيڻ پئي چاھيو ۽ اھا سوچ ساڻس اڄ بہ ھمسفر آھي.

سڪندر علي شيخ گورنمينٽ مھراڻ پرائمري اسڪول شھدادڪوٽ مان پنجين جماعت پاس ڪئي ۽ 1992ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ ھاءِ اسڪول شھدادڪوٽ مان ڏنو. 1994ع ۾ انٽر جو امتحان پري انجنيئرنگ گروپ ۾ ڊگري ڪاليج شھدادڪوٽ مان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيو. ھن گريجوئيشن پرائيويٽ طور تي پاس ڪري ماسٽرز جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان عمرانيات ۾ 1999ع ڊگري حاصل ڪئي.

ھو توڪلي ۽ ٿوري تي راضي رھڻ وارو آھي. رب پاڪ ھن کي سٺي طبعيت عطا ڪئي آھي. ھن کي وڏو صبر ۽ برداشت جو مادو آھي. ھو منھنجي ٻچپن جو پائرن جھڙو دوست آھي. مون سان گڏ سڳا شھدادڪوٽ شاخ جو ميمبر ٿيو ۽ خير جي ڪم ۾ اڄ ڏينھن تائين ساٿ



نڀائيندو ٿو اچي. مون ھن کي وک وک تي خير جا ڪم ڪندي ئي ڏٺو آھي.

يار ڪو ھم ني جا بجا ڏيکا!!

سڪندر شيخ 2005ع کان وٺي ال ابراھيم اکين جي اسپتال ميمڻ ڳوٺ ڪراچي ۾ نوڪري ڪري ٿو ۽ ھن وقت پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آھي. سڳا شھدادڪوٽ شاخ جا ساٿي سڄو سال ڪيترائي غريب مسڪين ماڻھو اکين جي مفت علاج ۽ مدد لاءِ سڪندر علي شيخ ڏانھن موڪليندا رھندا آھن ۽ ھن وقت تائين ھزارين دُکي انسانن جو سھارو بڻجي چڪو آھي ۽ انھن مسڪين بي پھچ انسانن جو الڪو ڪيس ھميشہ دامگير رھي ٿو. آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ اھي فرشتہ صفت خوبيون ڪنھن سٺي انسان ۾ ئي ٿي سگھن ٿيون ، جيڪي ھن ماڻھو ۾ آھن. اھڙيءَ ريت ھو سڳا شھدادڪوٽ سان بہ ساٿ ڪراچي ۾ رھي ڪري بہ نڀائيندو پيو اچي. رب پاڪ ھن تي ھميشہ پنھنجو ڪرم ڪري. ھو پنھنجي اھل عيال سميت صحت ۽ سلامتي سان زندگي گذاري! آمين.

# سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ شهدادڪوٽ بيباڪ ميمبرن

1. ڊاڪٽر محمد صالح شيخ
2. هادي بخش منگي
3. نذير احمد سومرو
4. سيٺ پاونداس
5. ڊاڪٽر شاهنواز شيخ
6. ممتاز علي پتي
7. حافظ عبدالله شيخ
8. ڊاڪٽر عبدالستار وڏو
9. پروفيسر محمد مراد چوڙو
10. گل حسن ڪوڪر
11. عبدالوحيد پتي
12. ستيا پال
13. ديدار علي سومرو
14. پروفيسر خالدحسين چنه
15. پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو
16. خالد عمر ڪوسو
17. اشيورلعل ناگديو
18. محڪم الدين خشڪ
19. اظهر علي سيال
20. محمد صديق ابڙو
21. راجه گرڏتو ناگديو
22. سڪندر علي شيخ
23. سليم اختر لاشاري
24. سيم شيخ
25. پروفيسر زهره ناز چنه
26. صنم ناز جوڻيجو
27. علي حسن سومرو
28. غلام الله چانڊيو
29. اشوڪ ڪمار ناگديو
30. شفيق احمد ڪوسو
31. غلام ياسين ٻبر
32. منورعلي ڪوري
33. انور علي سيال
34. سنيل ڪمار چاپڙيا
35. پروفيسر احسان الله جمالي
36. ڪليم الله شاه



37. پروفيسر ارشد علي سومرو
38. حق نواز سومرو
39. وزير علي ابڙو
40. مختيار احمد وڏو
41. سنڪدر علي ميرجت
42. پروفيسر فداحسين جوڻيجو
43. پروفيسر منور علي جوڻيجو
44. پروفيسر سڪديو گرناڻي
45. انيل ڪمار گرناڻي
46. پروفيسر عبدالرشيد چانڊيو
47. پروفيسر طارق حسين خشڪ
48. پروفيسر نظير علي پتي
49. پروفيسر سعيد احمد وڏو
50. پروفيسر سرفراز احمد وڏو
51. حافظ محمد يعقوب ڪمبوه
52. رئيس عبدالڪريم چانڊيو
53. عبدالحنان شيخ
54. امتياز حسين سومرو
55. ڊاڪٽر محمد صديق ڪهاوڙ
56. پروفيسر سليم رضا ميراڻي
57. چندر لعل ناگديو
58. غلام مرتضيٰ لغاري
59. امداد علي لغاري
60. افتخار حسين سومرو
61. جاويد حسين جوڻيجو
62. شفقت حسين جمالي
63. ميان فيروزالدين ميڪڻ
64. ظهور حسين جوڻيجو
65. معراج الدين جوڻيجو
66. علي رضا شيخ
67. محمد عظيم پتي
68. زين العابدين جوڻيجو
69. محمد انور ڪورار
70. ضياءُالحسن جمالي
71. نصرالله ڪوسو
72. سلطان احمد ڪوسو
73. پروفيسر رياض حسين مستوئي
74. منور ظريف جمالي
75. عديل احمد منگي
76. پروفيسر نياز حسين سومرو
77. عامر علي سومرو
78. معشوق علي منگي
(عرف زاهد حسين منگي)
79. رشيد احمد منگي
80. جاويد احمد پناڻ
81. سراج احمد ڪوسو

# سگا شاخ شهدادڪوٽ
# جا سهڪاريءَ مالي معاون حضرات

سگا شاخ شهدادڪوٽ جا سڀ ڪان پهريان سهڪاري ساٿي ۽ مالي مدد ڪندڙ سندس ئي ميمبر آهن. جيڪي هميشہ پنهنجي هڙان وڙان پنهنجي وس آهر شروعات ڪان وٺي مالي مدد ڪن ٿا. سگا مرڪز بہ هميشہ ڏڪي سڪي ۾ شامل حال رهيو آهي. ان ڪان علاوه شهر جون ڪجھ انتهائي معزز شخصيتون پڻ آهن، جن وقتن فوقتن مالي ۽ اخلاقي سهڪار پئي ڪيو آهي، جن ڪي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. جيئن تہ هي ڪتاب اسان جي شاخ جو هڪ دستاويز آهي، تنهن ڪري هتي انهن معتبر شخصيتن ڪي ياد ڪرڻ انتهائي ضروري ٿو سمجهان.

محترم نوابزاده مير نادر علي خان مگسي (سابق وزير حڪومت سنڌ)

مرحوم نور نبي خان جوڻيجو (سابق مشير ۽ وزير حڪومت سنڌ)

مرحوم خداڏنو خان چانڊيو (سابق صلاحڪار حڪومت سنڌ)

محترم رميش لعل (ميمبر قومي اسيمبلي پارليامينٽ پاڪستان)

محترم سلطان احمد کهاوڙ (سابق صلاحڪار حڪومت سنڌ)

محترم عطا حسين خان جوڻيجو (اڳوڻو ضلعي نائب ناظم ضلع قمبر شهدادڪوٽ)

محترم حاجي سردار علي جروار (سابق تعلقي ناظم تعلقي شهدادڪوٽ)

محترم مير غيبي خان مغيري (شيلر ايسوسيئيشن اڳواڻ)

محترم سيٺ قمرالدين شيخ (شيلر ايسوسيئشن اڳواڻ)

محترم سيٺ محمد اسماعيل شيخ (اڳواڻ شيلر ايسوسيئيشن)

محترم سردار جاويد حسين لانگاه (ڊاريڪٽر هائي ويز)

محترم استاد منظور احمد چانڊيو (شيلر ايسوسيئيشن اڳواڻ)



محترمہ ناهيد کهاوڙ صاحبہ (سياسي سماجي اڳواڻ)

محترم اُميش ڪمار بجاج (شيلر ايسوسيئيشن اڳواڻ)

محترم حق نواز شيخ (سرافہ ايسوسيئيشن اڳوڻ)

محترم فضل محمد شيخ (اڳوڻ بوٽ هائوس ايسوسيئيشن)

محترم سيٺ رفيق احمد سومرو (اڳواڻ پيٽرول پمپ ايسوسيئيشن)

محترم پرو فيسر عبدالرشيد ڪوسو (سابق ڪنٽرولر لاڙڪاڻہ بورڊ)

محترم پروفيسر نارائڻ داس ڪياٽي (سابق سيڪريٽري لاڙڪاڻو بورڊ)

محترم پروفيسر سيد گل محمد شاه (شاعر، اديب ۽ اسڪالر)

محترم پروفيسر فضل محمد عمراڻي (اڳواڻ پرائيويٽ اسڪول ايسوسيئيشن)

محترم محمد حيات شيخ (اڳواڻ جنرل اسٽور ايسوسيئيشن)

محترم پروفيسر اسرار احمد ڪوڪر (آبادگار اڳواڻ)

محترم محمد حيات جوڻيجو (اڳواڻ اپڪا روينيو)

مرحوم محمد اعظم جروار (واپڊا اڳواڻ)

محترم ڊاڪٽر امر لعل (خدمتگارِ انسانيت)

محترم ڪامريڊ عبدالوهاب پندراڻي (اڳواڻ هيومن رائيٽس)

محترم مير امجد علي ميرجت (اڳواڻ شيعہ علماءَ)

محترم مولانا محمد جان عابد (اڳواڻ جميعت علماءِ اسلام)

محترم ڊاڪٽر امتياز احمد شيخ (اڳواڻ جماعت اسلامي)

محترم ڊاڪٽر شمس الدين شيخ

محترم سيف الله سومرو (گستا اڳوڻ)

محترم ممتاز علي ميراڻي (اڳواڻ پ ٽ الف)

محترم ممتاز علي وڏو (اڳواڻ پ ٽ الف)

سيٺ مرليڌر لال (اڳواڻ فرٽيلائيزر ايسوسيئيشن)

| | |
|---|---|
| محترم محمد اسحاق مغيري | (آبادگار اڳواڻ) |
| محترم محمد ايوب وڏو | (سڳا اڳواڻ مرحوم سائين غلام مصطفيٰ وڏو جو فرزند) |
| محترم سراج احمد کوسو | (اڳواڻ شيلر ايسوسيئيشن) |
| محترم رياض احمد کوسو | (اڳواڻ شيلر ايسوسيئيشن) |
| محترم عبدالرحمٰن دايو | (شيلر ايسوسيئيشن اڳواڻ) |
| محترم راجه سومرو | (ٺيڪدار) |
| محترم ڪامريڊ محمد عرس سيلرو | (مزدور اڳواڻ) |
| محترم غلام سرور سيلرو | (مزدور اڳواڻ ـ ايڊي) |
| محترم يارمحمد سيلرو | (مزدور اڳواڻ) |
| محترم ياسر عباس | (اسڪائوٽ اڳواڻ) |
| محترم سيٺ گرڌاري لال | (مالڪ رونڪ منرل واٽر) |
| محترم سيٺ عبدالجبار سومرو | (مالڪ ايس ڪي منرل واٽر) |

نوٽ:ـ هن لسٽ ۾ سڳا شاخ شهدادڪوٽ جي ميمبرن جا نالا مالي معاون طور ان ڪري شامل ڪونه ڪيا اٿم، جو انهن سڀني جا نالا ميمبرن واري لسٽ ۾ اڳ ئي لکي چڪو آهيان.



# تاثر

## سڳا جي سونهن

### پيرل خان کوسو

سڄي دنيا ۾ سرحدي علائقا معاشي توڙي سماجي طور تي وڏيڪ سگهارا ۽ مستحڪم تصور ڪيا ويندا آهن. جو اهڙن علائقن، شهرن يا ملڪن وٽ اهو Exposure هوندو آهي ته هو ٻنهي طرفن کان زندگيءَ جي ترقيءَ جا نيت نوان موقعا تلاش ڪن ٿا. عجيب ڳالهه اها آهي ته انهيءَ معيار تي پرک ڪرڻ سان سنڌ جي سرحدي علائقن ۽ شهرن جي صورتحال ٺهڪي نه ٿي، جيڪا اسان لاءِ وڏي بدقسمتي چئبي. اتر سنڌ جي هڪ اهم ضلعي شهدادڪوٽ جو ئي مثال وٺون ٿا، جيتوڻيڪ ان ضلعي جي ڏکڻي سرحد ڏکڻ اولهه واري طرف کان بلوچستان صوبي سان لڳي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ هن ضلعي جي اقتصادي ۽ سماجي رتبي واري صورتحال سنڌ جي ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ گهڻي بهتر هئڻ ڪپندي هئي پر بدقسمتي سان شهدادڪوٽ ضلعي جو شمار اڄ به سنڌ جي انتهائي پٺ تي پيل ضلعن ۾ ٿئي ٿو. رڳو ضلعو شهدادڪوٽ ئي ڇو، هاڻي ته سموري سنڌ هڪ پسمانده صوبي جو ڏيک ڏئي رهي آهي، جتي اڃان سوڏو ماڻهن جون صاف پاڻي، تعليم ۽ صحت جهڙيون بنيادي ضرورتون ئي پوريون نه ٿيون آهن.

سنڌ جي اهڙي صورتحال سبب ئي سنڌ جي ڪن هڏڏوکي ۽ سماج جو درد رکندڙ ساٿين 1972ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سڳا) جو بنياد رکيو، جنهن جو مقصد ئي سنڌ کي امن پسند ۽ خوشحال صوبو بڻائڻو هو. سڳا جو بنياد پوڻ سان ئي سڳا جي سنڌ ۾ زبردست پذيرائي ٿي ۽ سڳا جون وڏيڪ شاخون ٺهڻ لڳيون.

1973ع واري ڏهاڪي ۾ سڳا جون سرگرميون ڪافي تيز ٿي ويون ۽ ان ئي ڏهاڪي جي وچ ڌاري شهدادڪوٽ شهر ۾ سڳا جي برانچ جو

قيام عمل ۾ آيو. جيڪا ڳالهه انتهائي اميد پري هئي. سنڌ جي هن پٽ تي پيل ضلعي ۾ سگا جي شاخ قائم ٿيڻ سان نه رڳو شهدادڪوٽ شهر پر پوري ضلعي ۾ سماجي، ادبي، علمي ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي ملي. سگا جي اهڙين سرگرمين سبب شهدادڪوٽ جي ماڻهن کي اتساهه مليو ۽ پوءِ سيني ڏنو ته ان شاخ سنڌ کي professor Abdul Jabar sb ، پروفيسر خالد حسين چنا ۽ فدا حسين جوڻيجو جهڙا ۽ ٻيا ڪيترائي سماجي اڳواڻ پيدا ڪيا. جن پنهنجي ڌرتي، ماڻهن، ثقافت، ٻولي، ادب ۽ تعليم جهڙن شعبن ۾ عظيم جدوجهد ڪئي. اهڙن ڪارنامن ۽ ڪاميابين جي تسلسل ۾ سگا جي سيڪريٽري جنرل ۽ اسان جي محبوب دوست پروفيسر خالد حسين چنا هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. جنهن ۾ هن سگا شهدادڪوٽ شاخ جو سمورو رڪارڊ، ڪارڪردگي، شاخ جي ڪردارن ۽ ڪارنامن کي سهيڙي هڪ ڪتاب لکيو آهي. جيڪو تاريخي طور تي نهايت شانائتو ۽ مانائتو ڪم آهي. منهنجي نظر ۾ قلم ڪان ڪم وٺڻ ڪوڏر هلائڻ کان وڌيڪ محنت ۽ وقت طلب هوندو آهي. چاڪاڻ ته قلم کي تحقيق ۽ تصديق گهرجي، جنهن جي آڌار تي ئي قلم ڪنهن ڪاغذ تي هلائڻ جي قابل ٿئي ٿو.

منهنجي نظر ۾ پروفيسر خالد حسين چنا هي ڪتاب لکي انتهائي ڪارائتو ڪم ڪيو آهي، .

مان سگا شهدادڪوٽ جي انهن سيني ڪردارن کي سلام پيش ڪيان ٿو، جن جي عظيم ڪارنامن، ڏينهن رات محنت ۽ جستجو سبب پروفيسر خالد حسين چنا ڪين هن ڪتاب جي صفحن تي جاءِ ڏني. هي ڪم انتهائي شاندار آهي، جنهن لاءِ سگا جي سيني ساٿين کي واڌايون.

ساٿ سلامت_سنڌ سلامت

وائيس چيئرمين، سگا



# ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اڃي بوءِ بهار جي

**عبدالرسول سومرو**

سنڌ ڪيترن عظيم ۽ جليل قدر انسانن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي اڄ به تاريخ جا اهم ورق ۽ باب آهن. بلڪه خود تاريخ آهن انهن ۾ هڪ عظيم انسان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ به آهي جنهن سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) قائم ڪري، سنڌي قوم تي وڏو احسان ڪيو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) سنڌي قوم جو عظيم پليٽ فارم آهي، سگا جي پليٽ فارم تان، سماجي حقن جي حاصلات، قومي ناانصافين، پنهنجن ادارن جي مالڪي ڪرڻ، ٻرندڙ مسئلن وغيره لاءِ اجتماعي طور آواز اٿارڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ لاءِ هي سنڌي قوم جو اعليٰ ۽ مضبوط پليٽ فارم آهي.

سگا ڪجهه ڏينهن ۾ پنهنجي وجود جي سفر جا 48 سال پورا ڪندي، هن عرصي دوران رياست پاران ملڪ دشمني، تحسب پرستي جا الزام لڳا. ان سان گڏوگڏ ڌارين جون نفرتون ۽ پنهنجن جون ناراضگيون پڻ پلئي پيون ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جا پڻ طعنا مليا.

هن عرصي دوران 1983ع ۾ سنڌ دوستي ڪارڻ هڪ آمر ڪاري قانون سان سگا ۾ سرڪاري ملازم جي ميمبر ٿيڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻيا به تنگ نظر جا قدم کنيا ويا. جنهن سبب پنهنجا به منهن موڙي ويا.

پر سگا جي سرواڻ ۽ ساٿين کي سلام آهي جن ڊڪٽيٽر جي دام ۽ دهشت جي باوجود به ثابت قدم رهندي منزل ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکيو. شايد انهيءَ لاءِ مرشد لاکيٽي لطيف فرمائي ٿو ته:

"ڪندا مون پيرين توڙي لک لڳن،
آنگر اڱوڻي نہ مڙي چپون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرين جتي جات نہ پائيان"

سگا کي اهو اعزاز آهي تہ هن اهڙا ڪارڪن پيدا ڪيا، جن پنهنجي وجود کي ختم ڪري پاڻ ارپڻ واري جذبي سان سگا جي سينڌ سنواري ڇڏي.

هڪ اهڙو ڪارڪن جنهن سياسي، سماجي، علمي، ادبي شهر شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو، ان شهري سگا شاخ جنهن مرحوم نظام الدين سومري جهڙي بي لوث ڪارڪن ۽ اڳواڻ پيدا ڪيا، ان شاخ محترم خالد حسين چنا صاحب جهڙو اڳواڻ بہ ڏنو.

محترم خالد حسين چنا وڏو خوشنصيب شخص آهي جو ان کي محترم نور محمد سيال جهڙا السٽي اندر جا صاف، وسيع قلب ۽ سچا دوست مليا. سيال صاحب 2013ع ۾ سگا جي مرڪزي چونڊن ۾ چنا صاحب کي اميدوار ٿيڻ لاءِ همٿايو، هن چونڊن ۾ چنا صاحب سيني کان وڌيڪ ووٽ کڻي پهريون نمبر آيو. چنا صاحب کي سگا جي اهم ذميواري ملي، يعني سيڪريٽري تعليم ٿيو. جيڪڏهن سگا جي وجود جو مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ سگا جي وجود جو اهم ڪارڻ تعليم آهي، انهيءَ ڪري سگا جي مقصدن ۾ تعيلم کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان وقت مان سگا جي ڪابينا جو حصو يعني وائيس چيئرمين هئس، ان ڪري چنا صاحب سان ويجهو رهڻ جو موقعو مليو. معلوم ٿيو تہ چنا صاحب بردبار ۽ ارادي جو پختو، ڪنهن سبب مايوس نہ ٿيندڙ، صابرين، ملن سار، خوش اخلاق، سليم طبيعت جو مالڪ آهي پر هي ٿورو ضدي بہ آهي، هي محبت ۾ وڏي ۾ وڏي ڳالهہ مڃي وٺندو آهي پر ڏاڍ ۾ ننڍي کان ننڍي ڳالهہ بہ نہ مڃيندو آهي چو نہ کڻي ڪيترو بہ نقصان ٿئي.



چنا صاحب لاءِ سيڪريٽري تعليم هڪ لحاظ کان فائديمند ذميواري هئي، ڇاڪاڻ تہ چنا صاحب جو واسطو تعليم سان آهي ۽ هو تعليم ۾ بهتر ڄاڻ رکندڙ شخصيت آهي پر چنا صاحب کي ذميواري نڀائڻ ۾ ڪافي دشواريون هيون. هڪ تہ هي ڪراچي شهر کان تمام پري شهدادڪوٽ شهر جو رهاڪو هو، ان کان علاوه اندريون ۽ ٻاهريون رڪاوٽون دشواري جو اهم سبب هيون. پر مون اڳ چيو آهي تہ هو ارادي جو پختو انسان آهي هن سڪريٽري تعليم جون ذميواريون سنڀالي، ٿر جي شهر ڪلوئي کان وٺي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي دنگ تي قائم شهر ڪشمور جي روشن تارا اسڪول سان گڏ سيني اسڪولن جو دورو ڪري جائزو ورتو تہ جيئن اسڪولن ۾ اصلاحات بامقصد ۽ لاڳائتا ڪري سگهجن. ان سان گڏ، روشن تارا مرڪزي ڪاميٽين جي گڏجاڻين کي بامقصد بنائڻ، روشن تارا اسڪولن جي تدريسي عملي جي تربيت ڪرائڻ، اسڪولن جي وچ ۾ "اسان جو شاهہ" جي عنوان سان ڇتا پيٽي جا مقابلا ڪرائڻ، هڪ نصابي نصاب رائج ڪرڻ، روشن تارا ٻالڪ مئگزين شايع ڪرڻ، ورلڊ ٽيچر ڊي جي موقعي تي روشن تارا اسڪولن جي استادن کي مڃتا ايوارڊ ڏيڻ، سالياني امتحانن جي مانيٽرنگ ڪرڻ وغيره جهڙا قدم کنيا ۽ انهن ۾ ڪاميابي ماڻي.

**روشن تارا مرڪزي ڪاميٽي کي بامقصد بنائڻ:**

اوهان چڱي طرح ڄاڻيندا هوندا تہ هن ڪاميٽي جو اسڪول مينيجيٽ جو چيئرمين ۽ پرنسپال ميمبر هوندا آهن هي ڪاميٽي وڏي اهميت واري هوندي آهي. هن ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ پري پري کان ساٿي شرڪت ڪندا آهن پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هن ڪاميٽي جي گڏجاڻيءَ کي گهٽ اهميت ڏني ويندي آهي.

محترم چنا صاحب اڪثر ڪري سيني اسڪولن جو جائزو ورتو هو، انهيءَ ڪري انهن کي مختلف ڪيٽيگرين ۾ ورهايو تہ جيئن انهن کي

آسانيءَ سان ترقي وٺرائي سگهجي ۽ اسڪول جو رڪارڊ ۽ ڪارڪردگي ڪي بهتر بنائڻ جهڙا بامقصد قدم کڻي نه رڳو فيصلا ڪيا پر ان تي عمل به ڪرايو.

**تدريسي عملي جي تربيت:**

اها حقيقت آهي ته استاد جيڪڏهن تربيت وارو آهي ته هو بهترين تعليم ڏئي سگهي ٿو. اهو روشن تارا اسڪول جي قيام جو مقصد پڻ آهي انهيءَ ڪري هن پهرين شرط سان استاد جي تربيت ڪرائي. ان سبب روشن تارا اسڪولن جي ساک ۾ اضافو ٿيو.

"اسان جو شاهه"

ٻار جيڪو قوم جو آئيندو آهي جيڪو موجوده وقت ۾ نيٽ، ڪمپيوٽر ۽ ٽچ موبائل ۾ ايترو ته مصروف ٿي ويو آهي جو هن کي اها ڄاڻ نه آهي ته منهنجي سنڌي قوم جو محسن ڪير آهي پنهنجي ٻار کي مرشد شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت ڄاڻ ڏيڻ سگا جو اهم مقصد پڻ آهي انهيءَ ڪري اسڪولن وچ ۾ "اسان جو شاهه" جي عنوان سان چٽا ڀيٽي جا مقابلا ڪرايا ويا. سيني روشن تارا اسڪولن کي چئن ڪلسٽرن ۾ دادو، گهوٽڪي، گلشن حديد ۽ هالا ۾ ورهايو ويو. ان ۾ شاهه جي بيتن مان شاهه جي سمورن ڪردارن بابت ٽيبلا پيش ڪرڻ ۽ شاهه سائين بابت سوال جواب ڪيا ويا. پروگرام ٿيڻ تي سڄي سنڌ ۾ اسان جو شاهه جون صدائون بلند ٿيون.

**يڪ نصابي نصاب:**

جيڪڏهن روشن تارا اسڪول ڪراچي شهر جو ٻار آڪسفورڊ جو نصاب پڙهي ٿو ته اهو حق ٿرجي روشن تارا اسڪول ڪلوئي جي ٻار کي به آهي ته هو آڪسفورڊ جو نصاب پڙهي، جيڪڏهن روشن تارا اسڪول گلشن حديد ڪراچي شهر جو ٻار آڪسفورڊ نصاب پڙهي ٿو ته اهو حق سنڌ جي ننڍي شهر گهوٽڪي جي ٻار جو به آهي ته هو آڪسفورڊ جو نصاب



پڙهي، ان ڪري اسڪولن جي منظوري سان يڪ نصابي نصاب جو نظام لاڳو ڪيو ويو.

**روشن تارا ٻالڪ مئگزين:**

1. تواريخ ۾ پهريون ڀيرو روشن تارا ٻالڪ مئگزين جي اشاعت سان هڪ ته اسڪولن جو پاڻ ۾ ۽ مرڪز سان گهرو رابطو قائم ٿيو.
2. هر اسڪول کي ڄاڻ پوي پئي ته ميرپورخاص ۽ ميهڙ اسڪولن جي ٻارن اهڙا مضمون لکيا يا ڇاپيا آهن. سچل ڳوٺ اسڪول کي ڄاڻ پوي پئي ته سيوهڻ شريف اسڪول ۾ ڪهڙيون سرگرميون ٿيون.
3. سيني اسٽيڪ هولڊرن کي ڄاڻ پئي ته روشن تارا اسڪول سگا جا اسڪول آهن ۽ انهن ۾ ڪهڙيون سرگرميون ٿين پيون.
4. ٻار کي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو مليو.
5. هن مئگزين سان ٻار جي همت افزائي ٿئي پئي.

**مجتا ايوارڊ:**

بيشڪ استاد روشن تارا اسڪول جي ڪاميابي جو راز آهي اهو لازمي آهي ته استاد جي همت افزائي ٿيڻ گهرجي. "ورلڊ ٽيچر ڊي" جي موقعي تي روشن تارا اسڪول جي استادن کي مئنيجمينٽ جي چونڊ بعد مجتا ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو چنا صاحب شروع ڪرايو، اهو اڳ ڪڏهن نه ٿيو هو.

پهريون پروگرام سنڌ جي تاريخي وڏي درسگاهه سنڌ يونيورسٽي ۾ هڪ عظيم ڪردار شيخ اياز جي نالي سان منصوب ٿيل آڊيٽوريم ۾ ٿيو، جيڪو اڄ به جاري آهي.

ساليانی امتحانن جي مانيٽرنگ:

هن جو مقصد روشن تارا اسڪولن جي ساليانی امتحان کي بامقصد ۽ ساک وارو بڻائڻ ۽ مانيٽرنگ لاءِ اهم ماڻهن تي مشتمل مختلف ٽيمون ٺاهيون ويون.

سگا مرڪز پاران هنن سمورين سرگرمين جي مڃتا طور بيسٽ سيڪريٽري ايجوڪيشن تي گولڊ ميڊل سان نوازيو ويو.

2019_2021ع جي مدي لاءِ چنا صاحب سيڪريٽري جنرل بڻيو. هن ڀيري به هن کي فرض نڀائڻ ڪافي رڪاوٽون هيون. رڪاوٽون هر سچي ۽ کري ماڻهوءَ جي سامهون اينديون آهن اها تلخ حقيقت آهي.

چنا صاحب سيڪريٽري جنرل جون ذميواريون سنڀالڻ سان هيٺيون سرگرميون ۽ سڌارا آندائون، جهڙوڪ:

1. آفيس ۾ انتظامي سڌارا.
2. مرڪزي آفيس ۾ قائم لائبريري ۽ مظهر ريسورس سينٽر کي بامقصد ۽ بهترين ترتيب وار بڻايو ۽ سگا ڪارنر قائم ڪئي.
3. اها حقيقت آهي ته شاخن جا عهديدار ۽ ڪارڪن سگا جو سرمايو آهن، انهن ۾ صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ٻئي اهم عهدا آهن. ڇاڪاڻ ته صدر شاخ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ جنرل سيڪريٽري شاخ جو رڪارڊ محفوظ ڪري ٿو. ان لاءِ لازمي آهي ته اهي ٻئي ڄاڻ ۾ مضبوط هجن. ان لاءِ ضروري آهي ته انهن جي تربيت ٿيڻ گهرجي. اهو سگا جو پراڻو خواب ۽ خيال هو، پر هن تي ويجهي ماضي ۾ عمل نه ٿيو هو، چنا صاحب جي ذميوارين سنڀالڻ ڪانپوءِ سيني شاخن کي مختلف فيزن ۾ ورهايو. جڏهن ته هن وقت تائين ٻن فيزن تي مشتمل سگا جي مختلف شاخن جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين جا ٻه تربيتي ورڪشاپ ٿي چڪا آهن.
4. چنا صاحب ڪيترين مصروفيتن ۽ مجبورين هوندي به هو هر شاخ جي هر تقريب ۽ پروگرام اهو وڏو هجي يا ننڍو ان ۾ شريڪ ضرور ٿيو.
5. ڪافي وقت کان بند پيل سگا سماچار مئگزين شايع ٿيو. هي مئگزين هڪ ته مرڪز جو شاخن سان رابطي جو اهم ذريعو آهي ۽ ٻيو ته هن



سان شاخن ۾ سرگرمي اچي ٿي ڇاڪاڻ ته مئگزين ۾ شاخن جون سرگرميون ڇپجن ٿيون.

6. روشن تارا ٻالڪ ميلو، هي سگا جو پراڻو سوداءُ هيو جيڪو 20 سال کان ڪن سببن ڪري ٿي نه سگهيو هو. ائين ڪٽي ڇئجي ته ڄڻ ته هو خواب هيو، الله تعاليٰ جي مهرباني سان هي ميلو نيٺ 21، 22 ۽ 23 مارچ 2020ع تي سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو.

جڏهن ميلي جو اعلان ٿيو ته حالتون اهڙيون پيدا ٿي ويون ۽ وس وسا پيدا ٿي ويا ته شايد ميلو وري ملتوي ٿيندو يا ناڪام ٿيندو، ڇاڪاڻ ته نانگ جو ڪاڏل نوڙيءَ کان ڊڃي، پر اهو ڪاميابي سان منعقد ٿيو ۽ حيدرآباد جي تواريخ ۾ ڪامياب ميلن مان ڪنهن سماجي تنظيم جو ٻيو ميلو هو، جيڪو ڪاميابي سان منعقد ڪيو ويو. ضرور هن وڏي پروگرام ۾ گهٽ وڌايون ٿيون هونديون پر مجموعي طور تي هي ميلو شاندار ۽ ڪاميابي سان منعقد ٿيو. اهو چنا صاحب ۽ بلي صاحب کي خدا اعزاز بخشيو.

جنهن ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن ۾ تنظيم جا ٻه وڏا پروگرام ٿيڻا هئا، جن ۾ هڪ ڪنوينشن ۽ ٻيو اينيوئل ڊي، اينيوئل ڊي ۾ نواڻ ڏسڻ ۾ آئي. چنا صاحب نواڻ ۽ ڪاميابي جو ٻيو نالو آهي هي ٻئي پروگرام به ڪاميابي سان منعقد ٿيا.

هنن سرگرمين ڪري چنا صاحب سگا جي ساٿين جو محبوب ٿي ويو ڪن شاخن بهترين سيڪريٽري جنرل جا ايوارڊ ڏنا ته ڪن ساٿين لکندي چيو ته مرحوم مظهر ميمڻ کان پوءِ چنا صاحب سيڪريٽري جنرل جون ذميواريون بهترين طور تي نڀايون آهن.

خداوند تعاليٰ چنا صاحب کي ڪيترين خوبين سان نوازيو آهي. هن جي تحرير، تقرير ۽ گفتگو ۾ وڏو اثر رکيو آهي. اهو سنڌي ۾ هجي يا

انگريزي ۾ چنا صاحب پراون کي جلد پنهنجو ٻڌائي ڇڏيندو آهي. چوٽي آهي ته ڏاڍي جي لٽ کي به متا، جيڏانهن هڻ ته اوڏانهن ڪپي. شايد "مين نه مانون" اڃان هڪ هنڌ ڪامياب نه ٿيو آهي، لڳو ٿو دهلي اڃان دور آهي.

هن سموري عمل ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪڏهن مقصد سچو هجي ۽ ارادو پختو هجي ته مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه شي يا ڪوبه عمل رڪاوٽ بڻجي نه ٿو سگهي. هيو ته هيرو پل اڳڙي ۾ ٻڌل هجي يا جوهر جي شيشي جي شوڪيس ۾ سجايل هجي پر هيرو هيرو آهي.

ڪنهن شاعر سچ چيو آهي ته:

ماڻهو سڀ نه سگهڻا، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

دعاگو

25 اپريل 2020ع



# سگا جو متحرڪ ڪردار خالد حسين چنا

**بخش علي چانڊيو**

سگا جو موجوده سيڪريٽري جنرل، ڪتاب "سِگا شهدادڪوٽ جي مختصر تاريخ" جو ليکڪ ۽ بي لوث خدمتگار خالد حسين چنا ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجو پاڻ کي اهڙو دوست ثابت ڪيو آهي جنهن جي اڳيان دل جي ڪتاب جو هر صفحو کولي رکڻ ۽ پنهنجن توڙي پراون هٿان گهايل من کي رسايل گهاءَ ظاهر ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ ۽ هٻڪ محسوس نه ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو يقين مستحڪم هوندو آهي ته هيءَ دوست ڪڏهن به انهن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جي ڪوشش نه ڪندو بلڪ پنهنجي وس آهر انهن زخمن تي مرهم ۽ پها رکڻ جي ڪوشش ڪندو.

زندگيءَ جي قليل عرصي ۾ اهڙا ڪيئي موقعا آيا جڏهن هڪ مخلص دوست جي ضرورت شدت سان محسوس ٿي ۽ ان ٽائيم تي ذهن جي خودڪار سسٽم خالد چنا جو نالو ئي ذهن جي اسڪرين تي اچي پيش ڪيو. ان مهل ئي سندس نمبر ڊائل ٿيو ۽ ٻئي طرف ڪان سڪ، اڪير ۽ محبت وارو مٺڙو آواز گونجڻ لڳو! هيلو سائين ڪهڙا حال آهن؟ خيريت ته آهي؟ هن مهل ياد ڪيو اٿوا ڪا پريشاني آهي ڇا؟ جواب ۾ حال احوال، مجبوريون، پريشانيون ۽ جواب ۾ اتساهه ۽ محبت وارا مشورا، حجتون، هلڪڙا ڦلڪڙا يوڳ ۽ دبيل ٽهڪ ۽ مسڪراهٽون. يا ته ٻنهين جا ٽينشن ختم يا ٻئي سڄي رات ٽينشن ۾!

هڪ دفعو منهنجي ٻئي نمبر پٽ لياقت علي جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فزڪس ڊپارٽمينٽ جو شاگرد هو، ان ڪا بيوقوفي واري حرڪت ڪئي، جنهن ڪري سندس طبيعت اوچتي خراب ٿي پئي، سندس

روم ميٽ دوستن فون ڪري ٻڌايو تہ لياقت علي جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي ان ڪري ڪيس لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد المعروف لال بتي ڪٽي ٿا وڃون توهان جلدي اتي پهچو!

ان وقت رات جا 11:00 ڪن ٿيا هئا. ڪيس جيئن ئي فون ڪيم تہ پاڻ آٿت ڏيندي چيائين، "سائين اوهان مزي سان اچو ڪو ڪنڪو نہ ڪريو مان سڀ ڪجهہ سنڀالي ٿو وٺان" جيستائين مان پهچان ئي پهچان، پاڻ تڪڙ ۾ ٻين دوستن کي ساڻ ڪري اسپتال پهتو ۽ رات جو 01:00 وڳي تائين ICU جي ٻاهران اپ پيرو بيٺو رهيو، علاج جي نگراني بہ پئي ڪيائين تہ فون تي مون کي بہ آٿت ڏيندو رهيو تہ خير آهي توهان ڪا پرواهہ نہ ڪريو! منهنجي پهچڻ کان پوءِ بہ جيستائين مريض جي حالت صحيح ٿي ايستائين اٽڪل اڍائين ٽين بجي تائين مون سان گڏ اسپتال جي آءِ سي يو جي در تي بيٺو رهيو. آخر جڏهن زوري روانو ڪيومانس تڏهن مس وڃي آرام ڪيائين.

خالد حسين سان طبيعت ملڻ جو شايد هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسين ٻئي پورهيت طبقي سان تعلق رکون ٿا ۽ ٻنهي غربت سان جهيڙيندي ڏک تڪليفون ۽ پنهنجن توڙي پراون هٿان هڪ جهڙا گهاءُ برداشت ڪيا آهن ۽ ڏکن کي سکن جي سونهن سمجهندي حوصلي ۽ برداشت سان اڄوڪو مقام ۽ عزت حاصل ڪئي آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو اهو ڏکن ۽ سورن وارو رشتو مضبوط تعلق کي اڃا وڌيڪ مضبوطيءَ سان جهليو بيٺو آهي. خالد جي زندگيءَ تي غور ڪريون ٿا تہ سندس پوري ڄمار جهد مسلسل، همت ۽ حوصلي سان ڀرپور آهي.

خالد حسين چنا جو جنم 18 جنوري 1977ع تي شهدادڪوٽ جي هڪ غريب خاندان ۾ عبدالڪريم چنا جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم مهراڻ پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ مان A گريڊ ۾ سٺين مارڪن سان ۽ انٽرميڊيئيٽ



گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ مان پري انجنيئرنگ ۾ 1994ع ۾ پاس ڪيائون، جنهن بعد ريگيولر تعليم کي جاري نہ رکي سگهيا ۽ 1997ع ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان پرائيوٽ BA جو امتحان پاس ڪري، وري ٻيهر سنڌ يونيورسٽي مان ريگيولر انگلش سبجيڪٽ ۾ M.A پاس ڪري ورتائون ۽ هاڻي ايم فل جي ڊگري بہ حاصل ڪري چڪا آهن. ان کان سواءِ بي ايڊ ۽ ايم ايڊ پڻ پاس ڪئي اٿن. تازو هائير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان سرٽيفائيڊ جرنلز ۾ سندن چار آرٽيڪلز پڻ شايع ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي موجوده ڪتاب سگا شهدادڪوٽ جي تاريخ لکي صاحب ڪتاب جو مرتبو پڻ حاصلو ڪري ورتو اٿن.

پروفيشنل ڪيريئر جي حوالي سان اگر لکجي تہ سندس پروفيشنل ڪيريئر تہ سندس بقول ان وقت کان شروع ٿي چڪو هو، جڏهن هن پنهنجي تعليم کي جاري رکڻ لاءِ ۽ پنهنجي مسڪين ۽ فرشتہ صفت والد صاحب، جنهن جو شهدادڪوٽ شهر ۾ سستن هٽرادو بوٽن جو دڪان هو پر ڌنڌو گهٽ هئڻ سبب مشڪل زندگيءَ جو گاڏو هلائڻ لاءِ سندن هٿ ونڊايو ۽ شهدادڪوٽ اسپتال جي ٻاهران چولا ڪپايا ۽ ننڍن ٻارن جا رانديڪا ڪپائي پنهنجي والد صاحب جي مدد ڪئي. ايتري تائين جو يونيورسٽيءَ جي تعليم تائين سندس غربت وارا امتحان جاري رهيا. هڪ پينٽ ۽ ٻہ شرٽون ڪٽي يونيورسٽي پهتا پر ڪڏهن بہ همت نہ هاريائون. هاسٽل جي ماني کائي بيمار بہ ٿيندا رهيا تہ امڙ ۽ والد صاحب جي دعائن جي نتيجي ۾ صحتياب بہ ٿيندا رهيا. پنهنجا ڪپڙا ڌوئيندا بہ پاڻ تہ استري بہ پاڻ ڪندا هئا، مطلب تہ محنت ۽ علم سان محبت جي رستي ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي پار ڪندا، بنا رڪجڻ جي اڳتي وڌندا رهيا.

سندن همت جو اندازو ان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ 1994ع ۾ جڏهن پاڻ انٽر جو امتحان پاس ڪيو هئائون. انهن ئي ڏينهن ۾ سچل سارو سچ جي نالي سان ڪوچنگ سينٽر قائم ڪري شهدادڪوٽ ۽

آسپاس جي ننڍن ڪلاسن جي ٻارن جي علمي مدد ڪرڻ شروع ڪيائون، جنهن ۾ ٻيا ڪجهه استاد به اچي سندن هٿ ونڊائيندا هئا.

2002ع ۾ ليڪچرر جي ڪميشن پاس ڪرڻ کان اڳ مجيب خان مستوئي سان گڏجي دريا خان پبلڪ اسڪول جي نالي سان مڪمل اسڪول قائم ڪيائون، پر جلد ئي دعائون اگهامڻ يعني ليڪچرر شپ ملڻ کان پوءِ اهو اسڪول مستوئي صاحب جي حوالي ڪيائون، جيڪو اڄ به قائم دائم آهي ۽ اتي معياري تعليم جو سلسلو جاري آهي.

ليڪچرر شپ ملڻ کان پوءِ تعليم کاتي جي ڪاليجئيٽ ڪيڊر ۾ پنهنجن صلاحيتن آڌار سٺي عزت ۽ شهرت حاصل ڪندي پهريائين شهدادڪوٽ پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سيوهڻ ۽ هاڻي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان گورنمينٽ سنڌ ڪاليج آف ڪامرس اينڊ پوسٽ گريجوئيٽ سينٽر حيدرآباد ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. پاڻ جيئن ئي ڪاليج ۾ نوڪريءَ جي شروعات ڪيائين ته ان سان گڏو گڏ سپلا جا متحرڪ ڪارڪن پڻ ٿي رهيا، جنهن جي ڪري ڪيس ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ضلعي ڄامشوري جي سپلا جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ به سندن خدمتون نمايان رهيون آهن. برانچ ليول تي ڊاڪٽر شاهه نواز ۽ محترم غلام مصطفيٰ وڏو جي معرفت سگا برانچ شهدادڪوٽ جا بنيادي ميمبر ۽ پوءِ هڪ ڀيرو برانچ جا صدر ۽ هڪ دفعو سگا برانچ شهدادڪوٽ جا جنرل سيڪريٽري چونڊجي مسڪينن ۽ مجبورن جي خدمت ڪيائون.

پاڻ جڏهن 2015ع ۾ سگا مرڪزي اليڪشن ۾ اميدوار طور حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيائون ته محترم عبدالجبار جوڻيجو جنهن سان سپلا جي حوالي سان سٺي حجت هئي، ان ۽ سينيئر پروفيسر سيد گل محمد شاهه سان گڏجي مون وٽ آيا، ڪچهري ٿي ڪچهريءَ ۾ مونکي



ايڏو ته متاثر ڪيائين جو مون ان مهل ئي عبدالجبار جوڻيجو کي مذاق ۾ چيو ته توهان وارو همراهه جي ووٽن ۾ پهرئين نمبر تي نه اچي ته مون سان جهڙي وٽي تهڙي ڪجوا ۽ پوءِ ٿيو به ائين پاڻ سينيءَ کان وڌيڪ ووٽ کڻي پهرئين نمبر تي آيا ۽ مرڪزي باڊي چونڊجڻ وقت کين سيڪريٽري تعليم چونڊيو ويو، سيڪريٽري تعليم جي حيثيت سان سندن دور هڪ بهترين دور رهيو، جنهن دوران روشن تارا اسڪولن ۾ رڪارڊ سرگرميون ٿيون، اسان جو شاهه جي نالي سان مضمون نويسي جا مقابلا، ٻارن جي وچ ۾ ڊبيٽ مقابلا، ڪوئيز مقابلا، مطلب ته ڪلسٽر وائيز وڏا وڏا پروگرام ٿيا، جنهن ۾ ٻارن جو ٽئلينٽ ڏسڻ وٽان هوندو هو، اڪثر مقابلن ۾ مان ۽ سائين عبدالجبار جوڻيجو جج هوندا هئاسين ۽ بنا ڪنهن دٻاءَ جي مشڪل فيصلا ڪندا هئاسين.

ان بعد پاڻ ٻيو ڀيرو به "سِي اي سِي" جا ميمبر چونڊيا ويا ۽ هاڻي ٽيون ڀيرو پڻ سگا "سِي اي سِي" جو ميمبر چونڊجڻ کان پوءِ 30 ڊسمبر 2018ع کان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

سگا جي بنيادي ميمبر جي حيثيت سان آءٌ به هن تنظيم سان 1996ع کان سلهاڙيل آهيان ۽ اڪثر ڪري برانچ پريزيڊنٽ ۽ جنرل سيڪريٽري رهيو آهيان، ان ڪري مرڪزي باڊيءَ سان هميشه گهرو تعلق رهيو آهي ۽ هر سيڪريٽري جنرل ۽ چيئرمين توڙي مختلف سيڪريٽريز کي بلڪل ويجهي کان نه صرف ڏٺو آهي بلڪ پرکيو به آهي، پر خالد صاحب جيئن ئي سيڪريٽري جنرل جو عهدو سنڀاليو آهي، سگا جي برانچن ۾ ته جڻ جان اچي وئي آهي ۽ تمام گهڻيون لڳاتار سرگرميون ٿي چڪيون آهن ۽ ٿي رهيون آهن.

سندن ٽينيوئر جو اهم فيصلو برانچن جي اهم عهديدارن يعني صدر ۽ جنرل سيڪريٽريز جي ٽريننگ/ورڪشاپ متعلق هو ۽ حلف

ڪٽندي ئي پاڻ ان لاءِ پلاننگ ڪي لڳي ويا ۽ قليل مدت ۾ پهرين فيبروري تي ٽن ڏينهن جي ٽريننگ جو پهريون مرحلو شروع ٿيو. جنهن ۾ 25 برانچن جي 50 ساٿين حصو ورتو ۽ پڄاڻيءَ تي هڪ شاندار تقريب ۾ محترمه شهلا رضا هٿان ڪين سرٽيفڪيٽ ڏياريا ويا.

ٽريننگ جو ٻيو مرحلو وري 19 اپريل تي منعقد ٿيو ۽ ان مرحلي ۾ به 25 برانچن جي 50 ساٿين کي روزانه ڪم ڪار ۽ ڪارڪردگي توڙي ڊاڪيومينٽيشن جي حوالي سان ٽريننگ ڏني وئي ۽ ان ورڪشاپ جي پڄاڻيءَ پڻ شاندار تقريب سان ٿي ۽ محترم تاج حيدر هٿان ساٿين کي سرٽيفڪيٽ ڏياريا ويا. انهن ٻنهي موقعن تي ٽريننگ سان گڏ بهترين تفريح جو پڻ اهتمام ڪيو ويو هو. هڪ بهترين فارم هائوس جو انتخاب ڪيو ويو هو جيڪو ڪنٽري سائيڊ چالي جي نالي سان مشهور آهي.

سندس دور جو ٻيو اهم پروگرام روشن تارا ٻالڪ ميلي جو ڪامياب انعقاد آهي جيڪو سالن جي عرصي ڪان پوءِ حيدرآباد جهڙي وڏي شهر ۾ منعقد ٿيو ۽ ٻن ڏينهن ۽ راتين تائين جاري رهيو. جنهن ۾ بهترين سائنسي، ثقافتي ۽ ڪتابن جي اسٽالن سان گڏ ٻارن جي تفريح، تعليمي مقابلا، خاڪن جا مقابلا، ڊبيٽ جا مقابلا ۽ مختلف روشن تارا اسڪولن جي ٻارن جي وچ ۾ راڳ رنگ جا مقابلا، ميڊل، انعام، شيلڊون ۽ آخر ۾ محفل موسيقي، جنهن ۾ وقار ملاح ۽ نروڏا مالني جهڙا بهترين راڳي به شامل هئا. اهو پروگرام 21 ۽ 22 فيبروري 2020ع تي منعقد ٿيو ۽ سالن تائين دلين ۽ دماغن تي نقش رهندو.

ان پروگرام جي فقط هڪ هفتي جي قليل عرصي ڪان پوءِ ٻيو وڏو پروگرام سگا جي چاليهين ڪوينشن ۽ سيتاليهين سالگرهه جو انعقاد هو. پر پاڻ پنهنجي ذاتي فائدن، يونيورسٽي امتحانن جي اسائنمينٽ ۽ ٻين ڪمن کي ڇڏي، ڪنوينشن ۽ سالگرهه جي ڪم ۾ جنبي ويا ۽ اهو



ثابت ڪري ڏيکاريائون ته پنهنجي سڄي ٽيم کي گڏ ڪٽي اهڙا منظم ۽ تاريخي پروگرام به منعقد ڪري سگهجن ٿا.

ڪنوينشن ۽ سالگرهه جو پروگرام ٻن ڏينهن تي مشتمل هو. ماشاءَالله ٻنهي پروگرامن جي سيٽ اپ، اسٽيج، هال ۽ پروگرامن جي ترتيب توڙي ٻنهي ڏينهن جي ماني ۽ رهائش جا انتظام زبردست هئا. ٻنهي پروگرامن ۾ نه ته ڪا ڪنهن مهل مانيءَ تي رش يا شڪايت ٿي ۽ نه وري رهائش هونئن اڪثر ڪري اسڪولن ۾ پروگرام ٿيندا هئا ۽ اتي ئي ڪمرن ۾ رهائش جو انتظام ٿيندو هو پر هن ڀيري ڪراچي جي سٺين هوٽلن ۾ به رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو. ان ڪان سواءِ سالگرهه تقريب ته منهنجي زندگيءَ جي يادگار تقريب رهي خاص ڪري اسٽيج تي پينا فليڪس بجاءِ ڪمپيوٽرائيزڊ اسڪرين پروگرام جي سونهن وڌائي ڇڏي، مطلب ته انهن ٻنهي پروگرامن به صفا واهه واهه ڪرائي ڇڏي.

ان ڪان سواءِ پاڻ برانچن کي هر وقت همٿائيندا رهن ٿا، پهريائين جيڪي دوست شڪايت ڪندا هئا ته مرڪزي عهديدار برانچن ۾ نه ٿا اچن. هاڻي انهن جي شڪايت بلڪل ختم آهي ۽ هن متحرڪ شخص هر برانچ جي هر پروگرام ۾ شرڪت ڪري، برانچ عهديدرن سان ميٽنگون ڪري ۽ سيني عهديدارن سان ويجهو لاڳاپو رکي اهو ثابت ڪيو آهي ته ڪنهن زماني ۾ اها جيڪا ٿيوري هلندي هئي ته سيڪريٽري جنرل ڪراچي شهر جو هجڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ ڪان ٻاهريون ماڻهو آفيس کي ٽائيم ڏئي نه سگهندو، پر هن شخص جو جسم ته ڪو فولاد جو ٺهيل آهي، آفيس کي به ٽائيم ڏئي ٿو، برانچن کي به سپورٽ ڪري ٿو ۽ ٽائيم ڏئي ٿو ته پنهنجي سرڪاري نوڪري به ايمانداريءَ ۽ فرض شناسيءَ سان سرانجام ڏئي ٿو، پوءِ پلي ته صبح جو ڪراچي، شام جو ڪاليج ۽ رات جو قل شهر ۾ پروگرام ڇو نه هجي!

خالد حسين چنا هڪ سال جي قليل عرصي ۾ رانچن جي 100 كان وڌيڪ سرگرمين ۾ حصو وٺي اهو ثابت ڪيو آهي ته "مرد آڏو ڪوبه ڪم مشڪل نه آهي" ۽ هن پنهنجي هر ذميواري احسن طريقي سان ادا ڪئي آهي.

هن نه رڳو برانچن سان بهتر رليشن تي ڪم ڪيو آهي پر آفيس جي اندر به ماحول کي گهڻو تبديل ڪيو آهي. اڳي مهينن جا مهينا ڪنهن ميٽنگ جي ڪارروائي کي لکڻ ۾ لڳي ويندا هئا، پر هاڻي سندس پرپور ڪوشش هوندي آهي ته هر ڪم ٽائيم تي ٿئي، ان لاءِ مختلف طريقن سان آفيس اسٽاف سان هر وقت رابطي ۾ به رهندو آهي ۽ سندن ڪم تي نظر به رکندو آهي.

سندن دور ۾ سگا سماچار جا 2019ع جا چارئي پرچا پنهنجي پوري ٽائيم تي ڇپيا ۽ برانچن توڙي مرڪز جون رڪارڊ سرگرميون سماچار جو حصو بنجي، سگا جي ساٿين جي محنتن جو هڪ اهم رڪارڊ بنجي پيون آهن.

ڪارڪنن سان ويجهڙائي به سندن محبتن ۽ پنهنجائپ جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي، خدانخواسته اگر ڪنهن ساٿيءَ سان ڪو مسئلو ٿي پوي ته پاڻ هڪدم ان سان رابطو ڪري، مناسب فورم ۽ خط و ڪتابت کي استعمال ڪري ان دوست جو مسئلو فوري طور تي حل ڪري وٺندا آهن. جنهن جو آءُ اکين ڏٺو شاهد آهيان ۽ اهي دوست به ان جي شاهدي ضرور ڏيندا.

مطلب ته هن بهترين طبيعت جي مالڪ ۽ محبتي شخص جيڪي محبتون ونڊيون آهن، اهو هڪ رڪارڊ آهي ۽ منهنجي دعا آهي ته هن مرد مجاهد کي اجا به وڌيڪ موقعا ملن ته جيئن هو پنهنجي قوم جي مسڪينن ۽ مجبورن جي خدمت سان گڏ سگا جي مان، شان عزت ۽ وقار ۾ پڻ اضافو ڪري سگهي.



# پروفيسر خالد حسين چنا اهو قلمي پورهيو

**عبداللطيف ڪرتيو**

هونئن ته سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جون سڀئي شاخون ۽ سگا جا ساٿي دل جي تمام ويجهو آهن پر سگا شهدادڪوٽ شاخ ۽ اتي ڪم ڪندڙ رضاڪار دوستن سان اُنسيت مڙوئي سرس آهي، اهو ان ڪري به جو شهدادڪوٽ شاخ نه رڳو منهنجي دل جي گهڻو ويجهو آهي پر هيءَ شاخ منهنجي شهر رتوديرو جي پڻ ويجهو آهي . گهر توڙي دل جي ويجهو هئڻ سبب شهدادڪوٽ شاخ جي ساٿين جي هر غم ۽ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو جنهن موقعي مان فائدو وٺندي وقت تي پهچي وڃجي ٿو، ان جي ڪري زيادهه خوشي ٿيندي اٿم .اهڙي ويجهڙائپ سبب شهدادڪوٽ شاخ جي دوستن سان روح جا رشتا آهن. مٿان وري خبر پئي ته شهدادڪوٽ شاخ جي تاريخ ۽ اتي ڪم ڪندڙ رضاڪارن جي ڪيل پورهئي کي ڪتابي شڪل ڏئي هميشه محفوظ بنايو ويو آهي، اها ڳالهه ٻڌي دِل ويتر باغ بهار ٿي وئي. اهڙو ئي ڪم وري جيڪڏهن اسان جو پيارو دوست ۽ سگا جو سيڪريٽري جنرل پروفيسر خالد حسين چنا جي هٿان ٿئي ته پوءِ دل جي ڪيفيت جو اندازو لڳائڻ گهڻو مشڪل نه آهي .

هونئن ته مختلف ادارن ۽ تنظيمن ۾ ڪيترائي ماڻهو مختلف ڪم ڪندا رهن ٿا، جيڪي ڏينهن رات هڪ ڪري مقصد ماڻين ٿا. پر آءُ ذاتي طور تي قلمي پورهيو ڪندڙ ماڻهن کان زيادهه متاثر رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته قلمي پورهيو ڪرڻ عيوض ڪيل ڪم هڪ ته زيادهه ۽ گهڻو اثر رکي ٿو ۽ ٻيو ته اهو ديرپا عمل آهي، جيڪو ڪم هميشه محفوظ رهڻو آهي.

اسان جي پياري دوست ۽ سگا جي سرگرم اڳواڻ محترم پروفيسر خالد حسين چنا اهو قلمي پورهيو ڪري نه رڳو سگا، پر شهدادڪوٽ

سميت سموري سنڌ تي احسان ڪيو آهي. مان ان ڪم عيوض ڪيس لک لک مبارڪون ڏيان ٿو. ساڻ سگا شهدادڪوٽ شاخ جي پيارن ساٿين عبدالجبار جوڻيجو، فدا حسين جوڻيجو ۽ ٻين کي پڻ مبارڪون ڏيان ٿو، جن شهدادڪوٽ شاخ کي سرگرم پئي رکيو آهي ۽ ان ڪيل سڄي ڪم جو رڪارڊ پڻ محفوظ ڪيو، جيڪو هاڻي ڪتابي شڪل ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي چڪو آهي.

مون کي اميد آهي تہ پروفيسر خالد حسين چنا اڳتي بہ پنهنجي قلم کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ استعمال ڪندو رهندو. جيڪڏهن قلم ڪان تاريخ لکڻ جو ڪم ونجي تہ منهنجي نظر ۾ قلم جو ان ڪان بهتر استعمال ٿي ئي نہ ٿو سگهي. سو هي ڪم انتهائي شاندار آهي ان لاءِ ليکڪ سميت سگا جا سڀ دوست جس لهڻن.

ساٿ سلامت، سنڌ سلامت

سيڪريٽري اطلاعات

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن



# تاريخ رقم ڪندڙ: سائين خالد حسين چنا

**رفيق احمد سرهيو**

والنٽيئرزم بنيادي طرح ماڻهن سان ڳانڍاپي جو نالو آهي ۽ ان جو مقصد ئي اهو آهي تہ پنهنجو وقت ۽ صلاحيتون ماڻهن جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪري. شهدادڪوٽ ۾ رضاڪاريت جي جي نسرڻ جو زمانو 1978 ع آهي جڏهن اتي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو بنياد پيو.

ان وقت خلق خدا کي اتساه ڏيڻ ۽ انهن کي پنهنجن حقن متعلق روشناس ڪرائڻ ۽ چار ماڻهو گڏجي ويهي ڪنهن مسئلي تي ويچارڻ تمام ڏکيو ۽ اڻانگهو ڪم هو پر ان وقت اهڙين حالتن ۾ سردارن ۽ ميرن جي چنبي مان نڪرڻ لاءِ سگائي رضاڪارن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ڪرڻ ۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ وارو اتساهيندڙ عمل انتهائي اثرائتو ثابت ٿيو جيڪو سگا شهدادڪوٽ جي رضاڪارن جي حقيقي تاريخ ۽ سچ جي فتح آهي بلڪل شيخ اياز جي هنن سٽن وانگر.

شال اهو تون سمجهين
ذات وڏي شيءِ ناهي
پر سچ وڏي شيءِ آهي
جو سچ مڃائي مڃ
سو مڃ وڏي شيءِ آهي.

سو سمورو سچ ۽ تاريخ هڪ ڪتابي صورت اختيار ڪري ٿو جنهن جو ڪريڊٽ محترم سائين خالد حسين چنہ صاحب ڏي وڃي ٿو، جنهن پنهن جي قلمي پورهئي سان هڪ تاريخ رقم ڪئي آهي.

هونئن بہ اها تاريخي حقيقت آهي تہ والنٽيئر کي هيو ڪجهہ بہ نہ پر سندس خدمتن ۽ ڪيل ڪمن جي صرف مڃتا Appericiation جي ضرورت هوندي آهي ۽ سگا شهدادڪوٽ جي والنٽيئرز پاران ڪيل خدمتن تي لکيل هي ڪتاب يقينا شهدادڪوٽ سميت جملي پڙهندڙن لاءِ نئين ڄاڻ جو اضافو ثابت ٿيندو.

# نسل لاءِ هڪ ڄاڻ جو خزانو

**پروفيسر جاويد احمد انڙ**

شهدادڪوٽ سنڌ جي اهڙي علائقي سان تعلق رکي ٿو، جتي علم ۽ شعور جي آگهي کي هٿي ڏيڻ سچ پچ ته ان وقت اهو سولو ڪم نه هو. اهو دؤر 1978ع جو آهي، جڏهن سگا جي رضاڪار تنظيم جو جنم ٿيو. ۽ انهن شهدادڪوٽ جي سرواڻن ان شعور جي ڏياتي کي ڪيئن روشن رکيو ۽ ان تسلسل کي قائم رکندي خلق خدا جي خدمت ڪئي ۽ سگا جو پرچم سربلند رکيو. اها هڪ طويل تاريخ آهي جنهن کي سهيڙي گڏ ڪرڻ ۽ ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ان کي هڪ ڪتاب جي صورت ڏيڻ ۽ سگا شهدادڪوٽ جي رضاڪارن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن کي امر ڪري ڇڏڻ جي برابر آهي.

ڪجي ڪاڇوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي،-
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
انهين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

جس هجي پروفيسر خالد حسين چنا صاحب کي جنهن تمام گهڻي اپتار ۽ ريسرچ ڪانپوءِ هي تاريخي ڪتاب سهيڙيو آهي. هن اتساهيندڙ عمل تي ڪين جس پيش ڪجي ٿو. اميد ته هن ڪتاب ۾ لکيل مواد نئين نسل لاءِ هڪ ڄاڻ جو خزانو ثابت ٿيندو.



# سگا جي تاريخ سهيڙيندڙ خالد حسين چنا

**عبدالحميد بلو**

1972ع ۾ سنڌ جا ڪجهه گهڻ گهريا جڏهن ڪراچيءَ ۾ گڏجي سنڌ ۾ پر امن ۽ خوشحال سماج جي اڏاوت لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نالي سان هڪ نج سماجي تنظيم جو بنياد وجهي رهيا هئا ان وقت ڪنهن اهو نه ڄاتو هو ته اڳتي هلي اها ئي تنظيم سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پرجهلي ٿيندي ۽ هر مشڪل ۾ سندن آواز بڻبي. جڏهن ته سنڌ واسين هن تنظيم جي زبردست پذيرائي پڻ ڪئي، جنهن سبب ٿوري وقت ۾ ئي چند دوستن پاران جوڙيل هيءَ تنظيم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ، جهر جهنگ ۽ وستي واهڻ تائين پکڙجي وئي.

70 واري ڏهاڪي جي شروعات تائين ملڪ اندر ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ رياست جو ڪم اڃان عوامي سطح تي شروع نه ٿيو هو، جنهن سبب هڪ طرف سنڌ جي شهرن سميت اڪثر علائقن ۾ تعليمي ادارن جي اڻهوند، صحت جي سهولتن جي کوٽ، پيئڻ جي پاڻيءَ جي عدم دستيابي ۽ روڊ رستن جي شديد کوٽ جهڙا تمام گهڻا مسئلا درپيش هئا ته متان وري سگا جي قيام جي ڪجهه سالن اندر 5 جولاءِ 1977 تي ان وقت جي فوجي آمر جنرل ضياءالحق پاران ملڪ جي اڳوڻي وزير اعظم ذالفقارعلي ڀٽو جي اقتدار جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏي ۽ بعد ۾ سنڌ هڪ عظيم فرزند جناب ڀٽو کي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو. ملڪ ۾ ايندڙ اهڙي سياسي تبديليءَ سگا تي به گهرا اثر ڇڏيا، ان دوران سنڌ ۾ ٻولي ، ادب ، ثقافت ۽ تعليمي ادارا به ضياءَ آمر جي عتاب هيٺ آيا ۽ انهن جي وجود کي شديد خطرا لاحق ٿي پيا. جيتوڻيڪ ان وقت سگا جي

عمرپنج سال هئي، جيڪا هڪ ٻارڙي جيان اڃان ٻانبڙا مس پائي رهي هئي پر پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ انجي ثقافت جي وجود کي خطرا درپيش اچڻ سبب وقت ۽ حالتن ان ننڍڙي عمر ۾ ئي سگا لاءِ وڏو امتحان ۽ ساڳي ريت هڪ موقعو پڻ پيدا ڪيو. بعد ۾ تاريخ گواهه آهي ته سگا جي ساٿين جي اڻٿڪ محنت ۽ عظيم جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌ واسي سرخرو ٿيا. ان ئي وقت ۾ سنڌ ۾ سگا تنظيم جي تيزيءَ سان واڌ ويجهه پڻ ٿي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن، ڳوٺن ۾ سگا جي شاخن ۾ واڌارو ٿيو. شهدادڪوٽ شاخ جو شمار به انهن شاخن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي هڪ ته اوائلي شاخون هيون ۽ ٻيو ان جو شمار به انهن شاخن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي سگا جي هر مشڪل وقت ۾ اداري سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺيون رهيون.

شهدادڪوٽ جو نالو ذهن تي ايندي ئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، مگسي ۽ چانڊيا سردارن جا نالا ذهن تي تري اچن ٿا، جيڪي هن علائقي جي سڃاڻپ بڻيل آهن پر ٻئي پاسي بلوچستان سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيٺل اتر سنڌ جي هن ضلعي جي پسماندگي اسانکي پريشان ڪري رکيو آهي. منهنجون هن ضلعي سان ڪيتريون ئي ذاتي يادگيريون جڙيل آهن، جن جو تفصيلي ذڪر ته ڪٿي ٻي جاءِ تي ڪبو پر مان شهدادڪوٽ جي آسپاس انهن وڏن وڏن ڪارخانن کي وساري نه سگهيو آهيان جن ۾ ڪنهن وقت ۾ هزارين نوجوان نه رڳو روزگار سان جڙيل هئا پر اهي ڪارخانا شهدادڪوٽ ۾ پئسي جي ڇهل پهل جو وڏو وسيلا بڻيل هئا. افسوس جو ويجهر ۾ جڏهن منهنجو شهدادڪوٽ وڃڻ ٿيو ته اهي اڪثر ڪارخانا بند نظر آيا، جيڪا انتهائي پريشانيءَ جهڙي ڳالهه آهي.

بهرحال اها انتهائي خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه آهي ته سگا شهدادڪوٽ برانچ شروع ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين انتهائي سرگرم شاخ



رهندي پئي آئي آهي. مون هميشه هن شاخ جي ساٿين کي هر ڪم، هر عمل ۽ هر ميدان ۾ انتهائي سرگرم ڏٺو آهي. اهڙن اڳواڻن ۾ محترم عبدالجبار جوڻيجو، سگا جو سيڪريٽري جنرل ۽ اسانجو جُهٽ يار پروفيسر خالد حسين چنا، فداحسين جوڻيجو ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي سگا شهدادڪوٽ شاخ کي گهڻي عرصي کان سرگرم رکيو پيا اچن. 2010ع واري مها ٻوڏ سبب مان پاڻ شهدادڪوٽ ۾ موجود هيس، جتي سگا شهدادڪوٽ جي دوستن ان مصيبت واري وقت ۾ وڏي همت جو مظاهرو ڪيو ۽ ضلعي انتظاميه سان گڏجي ۽ اڪيلي سر پڻ ٻوڏ متاثر ماڻهن جي وڏي واهر ڪئي. سگا جي دوستن ڏينهن رات هڪ ڪري شهر جي چوڌاري بند ٻڌڻ واري ڪم ۽ ٻوڏ متاثر ماڻهن کي راشن پهچائڻ سميت انهن کي لڏپلاڻ ۾ مدد ڪرڻ ۾ انتهائي اڳيرا رهيا.

مونکي اهو ٻڌي انتهائي خوشي ٿي ته سگا جي سيڪريٽري جنرل پروفيسر خالد حسين چنا سگا شهدادڪوٽ شاخ جي تاريخ ۽ ان جي ڪارگذاريءَ کي سهيڙي رهيو آهي ۽ هاڻي هو ان کي ڪتابي شڪل ڏئي ڇپرائي رهيو آهي. پروفيسر خالد حسين چنا جو اهم ڪم انتهائي واکاڻ ۽ تعريف جي لائق آهي، چاڪاڻ ته جيئن مون اڳ ۾ چيو ته شهدادڪوٽ سگا جي اوائلي ۽ انتهائي سرگرم شاخ آهي، جنهن جي ڪارڪردگي ۽ ڪاميابين جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي، جن کي سهيڙي محفوظ بڻائڻ جي شديد ضرورت هئي . اها ڳالهه به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ مجموعي طور تي ڪتاب ته تمام گهٽا لکيا وڃن ٿا پر سنڌ ۾ تحقيق ۽ انجي آذار تاريخي دستاويز ، رپورٽون ۽ ٻيو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ جو لاڙو مڙوئي گهٽ آهي، جنهن سبب سنڌ ۾ تمام گهڻي تاريخ محفوظ ڪرڻ کان رهجي وئي آهي، جيئن ون يونٽ خلاف سنڌين پاران ڪيل جدوجهد، هاري تحريڪ،

ايم آر ڊي تحريڪ، ڪالاباغ خلاف ٿيندڙ سنڌين جي عظيم جدوجهد، سنڌ ۾ ٻولي جي بچاءَ لاءِ ورتل ڪوششون شامل آهن . اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي جاڪوڙي ۽ انتهائي سرگرم اڳواڻ محترم پروفيسر خالد حسين چنا سگا شهدادڪوٽ برانچ جي تاريخ ڪي سهيڙيندي ڪيترائي اهم دستاويز، سگا شهدادڪوٽ جي ڪارڪنن جا پروفائيل، تاريخي فوٽوگرافس محفوظ ڪرڻ جهڙو مشڪل ڪم نہ رڳو هٿ ۾ ڪنيو پر انهن کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪري هڪ عظيم ڪارنامو ڪري ڏيکاريو. هونئن بہ خالد چنا چوڻ يا ٻڌائڻ جي بدران ڪري ڏيکارڻ جو قائل رهيو آهي. هو ان ڪم عيوض جس لهڻي. منهنجي نظر ۾ هن اهڙو وڏو ڪم ڪري نہ رڳو سنڌي ادب ۾ هڪ ڪتاب جو اضافو ڪيو آهي پر شهدادڪوٽ جهڙي پسمانده ضلعي (جيڪو سندس اباڻو ضلعو پڻ آهي) ۾ قائم سگا شهدادڪوٽ برانچ جي تاريخ سهيڙي سنڌ جي حقيقي فرزند هئڻ وارو ثبوت ڏنو آهي. مون سوچيو تہ ان ايڏي وڏي ڪم عيوض مان خالد چنا کي مجتا طور ڇا ٿو ڏئي سگهان ، پوءِ مون سوچيو تہ سندس پيار پرئي ان پورهئي عيوض ساڻس لاءِ پيغام جي نالي هڪ مضمون لکي گلن جي جهول بدران لفظن جي جهول ڀري چونہ مٿس نڇاور ڪجي، سو هي مضمون سندس مجتا طور حاصر ڪيو اٿم.

پروفيس خالد حسين چنا ان عظيم ڪم عيوض ڪِيرون لهڻي، ساڻس لاءِ تمام گهڻو پيار، واڌايون ۽ ڪوڙ ساريون دعائون.



# جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو

**نور محمد سيال**

اسان جي محترم ساٿي ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل پروفيسر خالد حسين چنا سگا شهدادڪوٽ شاخ جي تاريخ کي سهيڙي ۽ ڪتابي شڪل ڏئي نهايت ئي ڪارائتو ۽ تاريخي ڪم ڪيو آهي. انهيءَ عظيم ڪم ۽ قلمي پورهئي عيوض آءُ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ کان رهي نہ ٿو سگهان . ساڻ ان لاءِ دعاگو پڻ آهيان تہ سندس قلم جي رفتار جهڪي نہ ٿئي ۽ هو اهڙا تاريخي ڪم ڪندو رهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) پنهنجي اڌ صدي مڪمل ڪرڻ جي ويجهو آهي. ان 47 سالن جي عرصي ۾ سگا ڪيترائي تاريخي ڪم ۽ اهم سرگرميون سرانجام ڏنيون آهن ، جن کي سهيڙي تاريخي ڊاڪيومينٽ بڻائڻ جي ضرورت ڪجھ عرصي کان محسوس ٿي رهي آهي. سگا جي ان عظيم ۽ ڏکي جدوجهد جي نتيجي ۾ جيڪي ڪاميابيون اسانجي پلئہ پيون آهن ۽ انهن ڪاميابين جي نتيجي ۾ سگا جي جن عظيم ڪردارن جنم ورتو ، انهن سڀني کي سهيڙڻ هاڻي وقت جي اهم ضرورت آهي. مونکي يقين آهي تہ جيڪڏهن سگا جي تاريخي ڪم کي نيڪ نيتي سان سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻجي تہ ڪيترائي ڪتاب لکجي سگهن ٿا. مثال جي طور تي سگا پاران سماجي ڪيترجنهن ۾ سنڌ جي ڏورانهن علائقن تائين تعليم، ۽ صحت جي سهولتن جي رسائي جو ڪم ، سنڌ ۾ ٻوڏ، طوفان ۽ ڏڪار جهڙين مصيبن واري حالت ۾ پنهنجن ماڻهن جو پرجهلو ٿي بيهڻ سيمت سنڌ جهڙي ڏکويل ماتري جي مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جهڙن ڪمن کي سهيڙجي تہ هڪ شاندار ڪتاب مرتب ٿي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت سگا پاران سنڌ جي ٻولي،

ادب ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ واري ڪم تي الڳ ڪتاب ۽ جيڪڏهن مارشل لا واري دور ۽ ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ سگا جي سنڌ ۾ ڀيل مزاحمتي ڪردار تي قلم کڻجي ته هڪ الڳ ڪتاب تيار ٿيندي نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ ٻولي جي معاملي تي ٿيندڙ لساني فسادن ۾ سگا جهڙيءَ ريت سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ تي بيٺي هئي ان تي به هڪ لازوال ڪتاب ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. مطلب ته تقريبن اڌ صديءَ تي ڦهليل سگا جي عظيم جدوجهد ۽ سماجي خدمتن جي تاريخ کي سهيڙڻ هاڻي وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. اهڙي وقت ۾ پروفيسر خالد حسين چنا سگا جي هڪ اهم شاخ شهدادڪوٽ جي تاريخ کي سهيڙي هڪ شاندار ڪم سرانجام ڏنو آهي. سگا جي تاريخي جدوجهد ۽ انجي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته فقط هڪ شاخ تي لکڻ لاءِ ايترو مواد موجود آهي جو هڪ قلمڪار ان تي به هڪ مڪمل ڪتاب ترتيب ڏئي اسانجي هٿن تائين پهچايو آهي . ان مان اها ڳالهه پڻ ثابت ٿئي ٿي ته پروفيسر خالد حسين چنا جيان جيڪڏهن سگا جا ٻيا ساٿي به همت ڪن ۽ قلم هٿ ۾ کڻن ته سنڌ جي 81 سرگرم شاخن جي تاريخ ۽ مجموعي ڪارڪردگي بابت 81 ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ٻيا به ڪيترائي سماجي ڀلائي جا خانگي ادارا آهن. جيڪي پڻ مختلف شعبن ۾ پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيا آهن پر سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي تاريخ، حاصلات ۽ انجي Contribution باقي ادارن کان بنهه نرالي ۽ اتم آهي. پاڪستان ۾ سگا جي نوعيت جو شايد ئي ڪو ٻيو ادارو هجي جنهن ۾ ٻي لوث ۽ سماجي خدمت سان سرشار عظيم ماڻهن پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ پنهنجن ماڻهن سان ائين جڙيل رهيا هجن جيئن سگا ۾ ڪم ڪندڙ عظيم ڪردار رهيا آهن. انهن سڀني ڪردارن سميت سڀني شاخن جي ڪم ۽ ڪردار ۽ انهن جي تاريخ تي پروفيسر خالد حسين قلمي پورهيو ڪري هڪ الڳ



تاريخ رقم ڪئي آهي. اهڙي ڪم عيوض پروفيس خالد حسين سگا جي ساٿين ۾ هڪ اعليٰ مرتبو، مان ۽ مقام لهڻي ٿو. دراصل شهدادڪوٽ شاخ تي ڪتاب لکڻ سان شاخ جي انهن سڀني ساٿين جو ڪيل ڪم محفوظ ٿي ويو آهي، جيڪو وقت سان گڏ ضايع ٿي پئي سگهيو.

آءُ ذاتي طور تي نهايت خوشي، سرهائيت ۽ قرار محسوس ڪيان ٿو، جڏهن آءُ ڏسان ٿو ته سگا جا ساٿي اڄ به مختلف مورچا سنڀاليو ويٺا آهن. انهن مان ڪجهه سماجي خدمت جو عَلم بلند رکيو پيا اچن ته ڪجهه وري دفاعي مورچي تي ويهي سنڌ خلاف ٿيندڙ مختلف سازشن جا ٽوڙ ڳولهي رهيا آهن ۽ منجهائن ڪجهه وري علم ۽ ادب جي مورچي تي ويهي بندوق جي بدران قلم کي هٿيار بڻائي سنڌ جي تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ رڌل آهي. مون کي پروفيسر خالد حسين چنا به انهن ماڻهن منجهان مورچي تي ويٺل هڪ اهڙو چوڪيدار لڳي ٿو، جيڪو قلم هٿ ۾ کڻي قوم جي چوڪيداري واري ڪم ۾ جُنبي ويو آهي ، سنڌ جي اهڙي ٻي لوث خدمتگار ۽ قلمڪار تي سگا کي فخر آهي. استاد بخاري جي سٽن جيان هن شخص ڪتاب لکي قوم جياري آهي، هن عام اجاريو آهي، جڏهن ته تاريخ ۽ تقدير ڪيس پڪ پئي ڏئي آهي ته هن سنڌ سنواري آهي سو هو جيئندو رهندو.

سنڌ جي عظيم شاعر استاد بخاري خالد حسين چنا جهڙن ماڻهن لاءِ ئي ته چيو هو ته.

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو
جو عام اجاري، اهو جيئندو رهوندو
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي
جو سنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو

سيڪريٽري فنانس سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا)

# سگا شهدادڪوٽ شاخ جي سماجي خدمتن جو سفر

## ”راز“ علي گل ڀُٽو

سگا جو بنيادي اساسو سنڌ ۾ پکڙيل ان جون شاخون ۽ شاخن جو بنياد سندن سماج سيوڪ ڪارڪن آهن. سنڌ کي ٻين سان گڏ تعليم ۽ صحت جي محرم وڏي اورچائي واري ڪم جي ضرورت آهي، خاص طور تي سنڌ جون ٻهراڙيون بهتر تعليم ۽ صحت جي سٺين سهوليتن کان محروم آهي، ان ڪري سگا جي منشور ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ تعليم ۽ صحت تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ٿو. تعليم ۾ روشن تارا اسڪول ۽ صحت ۾ مختلف بيمارين جون طبي ڪئمپون مسڪينن جي جڻ درن تي لڳايون ويندو آهن. سال ۾ سڄي سنڌ ۾ سوين طبي ڪئمپون لڳائي مفت طبي امداد، چڪاس ۽ دوائون ڏنيون وينديون آهن. اهڙن بنيادي خدمتن ۾ سگا شهدادڪوٽ شاخ جي سوين ڪارڪنن جون سارهہ جوڳيون ڪاوشون شامل آهن.

شهدادڪوٽ شاخ جي 1978ع ۾ قائم ٿيڻ کان پوءِ شاخ جي ڪارڪنن دلي جذبي سان ڪارڪنن جو تعداد وڌايو. ڪارڪنن جو اهو اورچائي وارو جذبو ڏسي پڙهيل طبقو سماجي سيوا ڏانهن ڏاڍو تيزيءَ سان مائل ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح شاخ جي سماجي سيوڪ قافلي ۾ واڌارو ايندو رهيو. مقرر وقت تي شاخ جون چونڊون ٿينديون رهيون. عهديدار ايندا ويندا رهيا، مگر سندن خدمتن جي جذبي ۾ ماٺار نہ آئي. عهديدار صرف انتظامي امور آسانيءَ لاءِ چونڊيا ويندا آهن. مگر ميدان ۾ ڪارڪن ۽عهديدار ۾ ڪو بہ فرق نہ هوندو آهي. مختلف دؤرن ۾ سوَ کان مٿي ڪارڪن سگا شهدادڪوٽ جو اثاثو رهندا پيا اچن، جن ۾ تاحيات ميمبر، عام ميمبر، عورت ميمبرن جو بہ چڱو تعداد شامل آهي، سگا شهدادڪوٽ شاخ مقامي خدمتن جي مد ۾ وڏو اثر رسوخ رکي ٿي.



معاشري جي هر شعبي ۾ شاخ جا ڪارڪن موجود آهن، جيڪي تر جي عوام جي خدمت فرض سمجهي ڪن ٿا.

1980ع واري ڏهاڪي واري شروعات ۾ جڏهن فوجي آمر جنرل ضياءُالحق سگا جي پابندي هنئي تہ ان پابنديءَ جو اثر شهدادڪوٽ شاخ تي بہ پنهنجي طور پيو، پر ڪارڪنن همٿ سان عوامي رابطي ۽ خدمتن جو دامن پنهنجي هٿن مان نہ ڇڏيو، انهيءَ ڪري ئي جڏهن 1988ع ۾ محترمہ شهيد بينظير جي دؤر حڪومت ۾ تنظيم تان پابندي هٽي تہ پردي جي پويان ڪم ڪندڙ ڪارڪن وڏي جذبي سان عام ماڻهن ۾ خدمت جو پيغام کڻي شروع ٿي ويا. جيئن تہ شدادڪوٽ ۽ سندس ٻهراڙيون تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۾ ڪافي پٺتي پيل آهن. جتي شاخ جي ڪارڪنن کي عام حالتن کان وڌيڪ محنت ۽ اورچائي جو جذبو ڪتب آڻڻو پوي ٿو. ان جذبي سبب خاص طور تي عوامي طبقن ۽ سرڪاري سطح تي وقت بوقت وڏي مڃتا ملندي رهي آهي، قدرتي آفتن خاص طور تي برساتين ۽ ٻوڏ جي صورتحال ۾ سگا جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جو اهم ڪردار رهيو آهي. ڪارڪنن ٻوڏ ۽ برسات متاثرن لاءِ کاڌي پيتي جو سامان ۽ طبي دوائون گڏ ڪري ڪين سهولتن خاطر سندن دروازن تي پهچايو. ڪئمپن مان هزارين مريضن کي فائدو ٿرو. طبي ڪئمپن ۾ چمڙي، مٺا پيشاب، سائي ۽ عام مريضن کي فائدو پهچايو ويو آهي، شاخ جون عام ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون وقت سر گڏجاڻيون ڪري مرڪز سان بہ ويجهو رابطو رکيو ويو آهي، ان بنياد تي شاخ کي ڪافي ڀيرا انعام بہ مليا آهن، شاخ جا محنتي ڪارڪن مرڪزي سطح جي عهدن تي ڪم ڪري چڪا آهن ۽ اڃان بہ ڪري رهيا آهن.

سگا شهدادڪوٽ مضبوط شاخ رهي آهي، جيڪا اڄ بہ محترم انور علي سيال ۽ فدا حسين جوڻيجي جي قيادت ۾فعال طور ڪم ڪري رهي آهي.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت.